# مهراڻ

نمبر ۲/۱۹۹۰ع
(اپريل - جون)






Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.


سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين
شاهه لطيف

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي ۽ ادبي رسالو


جلد ٣٩] [نمبر ٢

اپريل – جون ١٩٩٠ع



سرپرست اعليٰ

مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"

ايڊيٽوريل بورڊ

مخدوم جميل الزمان "جميل"
عبدالله ورياهه
سيد احسن الهاشمي
حبيب الله صديقي

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ





سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ

# مـهـراڻ

سنڌي ادبي بورڊ
اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 39, No. 2, 1990
[Established in 1955]

- An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi literature.
- ContemporaryCreative Literature, History,Civilization,Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:

Nafees Ahmad Shaikh
Editor 'Mehran', Quarterly,
Sindhi Adabi Board,
@ Jamshoro, Post (Code:- 76070)
Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.
Telephone: (0221) 71276 and 71565

سرورق سلائيڊ: اياز گل

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

مئنيجر بوڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (فون: ٢٣١٧٩)

سالانو چندو: ١٠٠-٠٠ رپيا          في ڪاپي: ٣٠-٠٠ رپيا

Printed & Published by Mr. Habibullah Siddiqui Secretary Sindhi Adabi Board at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jamshoro, Sind, Pakistan.

# حال احوال

(ايڊيٽوريل)

## ادب جو ڪردار

ادب ڪي زندگيءَ جو ترجمان ۽ عڪاس چيو ويو آهي. ادب تي ماحول جي ترجماني جو فرض عائد ٿئي ٿو. صحتمند معاشري جا سچا اديب ۽ شاعر اهڙي حق ادائي کان ڪڏهن به غافل نه رهندا آهن ۽ امن جي قيام لاءِ هميشه جدوجهد ڪندا رهندا آهن ۽ شرپسندي جي خاتمي واري جاکوڙ ۾ سدائين اڳرا رهندا آهن. سنڌي اديبن ۽ شاعرن، هڪ حساس ۽ باشعور قوم جي فرد جي حيثيت ۾ هميشه امن ۽ آشتي جي قدرن جي آبياري پئي ڪئي آهي ۽ بي‌انصافي ۽ شرپسندي، ڏاڍ ۽ ڌمڪائڻ، جبر ۽ ظلم، تشدد ۽ دهشتگردي جي مذمت ڪرڻ ۽ اهڙن منفي قدرن جي خاتمي لاءِ جاکوڙ ۾ ڪڏهن به پنهنجو قدم پوئتي نه ڪيو آهي.

١٤- مئي ١٩٩٠ع کان پوءِ شروع ٿيل دهشتگردي ۽ سفاڪي، ظلم ۽ بربريت- جنهن جي نتيجي ۾ حيدرآباد ۾، ۽ بعد ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي اصلي ۽ قديمي ماڻهن جو بي‌تحاشا رت وهيو ۽ هزارين ڪٽنب پنهنجا اباڻا گهر ڇڏي، ڪئمپن ۾ رهڻ تي مجبور ٿيا آهن - دهشتگردي جي انهن ڪاروائين تي سنڌي اديبن خاموشي اختيار ڪا نه ڪئي. سنڌي اديبن دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ هڪ پرامن ۽ موثر جدوجهد هلائيندي بک هڙتال شروع ڪئي ۽ ائين هڪ طويل سلسلو سنڌالاجي جي لان تي شروع ٿيو، جنهن جو تحرڪ سنڌي رائٽرس ائڪشن ڪميٽيءَ ورتو هو. جدوجهد جي پڄاڻي ١٤- جون ١٩٩٠ع تي سيشن ڪورٽ عمارت اڳيان اديبن طرفان خاموش مظاهري جي صورت ۾ ٿي، جنهن ۾ اديبن ۽ عالمن، دانشورن ۽ قلمڪارن، صحافين ۽ شاعرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري، حصو ورتو.

دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ سنڌي اديبن طرفان ڪيل ان جدوجهد کي سنڌ جي سمورن علمي ۽ ادبي، ثقافتي ۽ سماجي، صحافتي ۽ تعليمي حلقن طرفان ڀرپور حمايت حاصل هئي ۽ زندگيءَ جي تقريباً هر شعبي ان سان يڪجهتيءَ جو مظاهرو ڪيو.

سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي محبوب ۽ هردلعزيز رهنما، عظيم ادبي شخصيت ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين جناب مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"، هميشه وانگر مٿين ادبي جدوجهد ۾ هڪ موثر ڪردار ادا ڪيو. جناب مخدوم صاحب لاءِ هتي هن موقعي تي اهو ڄاڻائڻ به مناسب آهي ته جديد اديبن جي هر علمي جدوجهد ۾ پاڻ شروع کان وٺي سرگرميءَ سان شريڪ پئي رهيا آهن،

## ڪهاڻيون/ڪالم


| | | |
|---|---|---|
| ١. ڪوڙڪي | ـ ملڪ آڳاٽي | ١٢١ |
| ٢. سنئو نه ٽيو سئور | ـ حفيظ ڪنڀار | ١٤٤ |
| ٣. واهرو | ـ ماڪن شاهه رضوي | ١٥١ |
| ٤. ڪارنهن | ـ سائين بخش رند | ١٥٩ |
| ٥. قصو ٻن خوابن جو | ـ خورخي لوئيس بورخيس<br>مترجم: مراد علي مرزا | ١٦٣ |
| ● ادب لطيف | ـ جهامنداس ڀاٽيا | ١٦٥ |
| ● انسان ۽ زندگي (سيريز ـ ١) | ـ حبيب الله صديقي | ١٦٧ |
| ● عالمي ادب<br>"اظهار جي آزادي" ـ ليڪچر | ـ سولز هينتسن<br>مترجم: ولي رام ولڀ | ١٧٥ |
| ● جديد سنڌي ادب جو اڀياس<br>"نيڻ مهتي خيال جا ڳيا"<br>(اياز گل جي غزلن جو اڀياس) | ـ تاج جويو | ١٩٢ |
| ● صفحا ساروڻين جا<br>"شام جي ستاري ڏانهن"<br>(ماڻڪ جي ياد ۾) | ـ اصير مرزا | ٢٠٢ |
| ● رفتار ادب (نون ڪتابن تي تبصرا) | | ٢١١ |
| ● طالب المولیٰ سائينءَ جي مقالي "سروري جماعت جو ڏهر ۽ اويسي طريقو" تي راءِ | ـ ڊاڪٽر غلام علي الانا | ٢٢٧ |
| ● علمي ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون | | ٢٤٣ |


### ● آڏيسي اڙي ويا...


| | |
|---|---|
| (١) بدر قريشي | ٢٥٧ |
| (٢) لذير انصاري | ٢٦٧ |



حميد سنڌي لاءِ صدارتي اعزاز

سنڌي زبان جي ممتاز اديب جناب حميد سنڌي کي، سندس مثالي ادبي خدمتن جي اعتراف ۾
صدر مملڪت غلام اسحاق خان يوم پاڪستان ١٩٩٠ع جي موقعي تي ”تمغئہ امتياز“ ڏنو

●- دوستو! مون کي بيوفائيءَ جي نسبت نہ ڏيو، ڇاڪاڻ جو بيوفائي منهنجي عادت ئي نہ آهي.

●- جيڪي مون کي خوشيون حاصل ٿيون آهن، ان هوندي بہ آءٌ اوهان جي واعدي تي قائم آهيان.

●- گذريل حياتيءَ جو قسم آهي، تہ ڪيل وعدن جي ڳنڍ ڪڏهن بہ نہ کُلي آهي.

ابو اسحاق ابراهيم سنڌي موصلي
(عربي بيت جو ترجمو)

# شاعري

# لافاني ڪلام

(وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نه ٿئي)

## ڪافي

مخدوم امين محمد صديقي "امين" رحه

آرياڻي ڳل ايندا، ساري سڱندا اهي ذات ڏماڻي

ٻانهي ٻاروچي جي اصلئون آهيان،
ساڻ تنين ڇا سينو ساهيان،
دوست دلاسو ڏيندا،
نيندا پنهنجي ساٿ سڄاڻي.

عهد آرياڻي سان آهي منهنجو،
جيءُ جسو آهي طالب تنهن جو،
سي مون کي ڪين مٽيندا،
آهه وائيءَ پنهنجي وات وڪاڻي.

آهه سٽي هو ساجهر هليا،
منهنجي پاران ڪنهن نه پليا،
سي ڇوري ڪين ڇڏيندا،
جن اُڏڻ آهيان رات رنجاڻي.

عشق آرياڻيءَ جو ٻڙڇيون ڀالا،
سور چڪي سڀ ڦٽ ڏيا آلا،
سي واري ڪين وڍيندا،
جنهين آهيان ڪاڻ ڪوهاڻي.

شرف پنهل جي شان سڀئي،
جيهي تيهي پلئه جا پيئي،
سا ڇوري ڪين ڇڏيندا،
احد، امين محمد آهي وڪاڻي.

مخدوم محمد زمان طالبؔ المولیٰ

## غـزل

مون تي مـائـهـن سندا الزام ڪئين ياد آيا،
سوچ ويـچـار ڪـان پو نـام ڪئين ياد آيا.

جي ويا گذري ڪڏهوڪا ڇـا ڀڏايان هاڻي،
دوسـتـارو! غـم و آلام ڪـئـيـن ياد آيا.

سـاقـي و ميڪده و مست جي ها ماضي ۾،
وات ڀـاڻـي تـيـو ڀـڃـر جام ڪئين ياد آيا.

سرزنش خـوب ڪرڻ بعد تـي ڀيتئون بيحد،
لـطـف آ واعـظ بـدنـام ڪئين ياد آيا.

هئا پختہ ڪِ نہ پختہ سـا خـبـر ساقي کي،
مـيـگـسـارن کي فـقـط خـام ڪئين ياد آيا.

دلـربـا موڪليا جيڪي هـئـا الـفـت مان،
ويـئـي ويـئـي اهي پـيـغـام ڪئين ياد آيا.

رشڪِ مـهـتـاب صنم غيرتِ ماه و انـجـم،
زلـفِ آشـفـتـہ سـربـام ڪئين يـاد آيا.

هجر و فـرقـت جـا زمانا، هو وصالي راتيون،
سي عـجـب يـار جـا ايـّام ڪئين ياد آيا.

طالبِ مولا تصـّور جـي پـکـي ڪيو پرواز،
ڀـوء مـحـبـوبؔ گـل انـّـدام ڪئين ياد آيا.

(۲۱ - ڊسمبر ۱۹۸۸ع، هالا.)

**سيد احسن الهاشمي**

## غزل

صبح کو ڳولهي تہ ڏيو، پوپون پهر ڳولهي تہ ڏيو،
غم نہ جنهن جي رات ۾، اهڙي سحر ڳولهي تہ ڏيو.

حسن وارو کو بہ هڪڙو نڪتہ ور ڳولهي تہ ڏيو،
آہ ۾ کنهن عشق واري جي اثر ڳولهي تہ ڏيو.

هڪ نظر سان جنهن دلين ذهنن ۾ آندو انقلاب،
دوستو اهڙو بہ کو اهلِ نظر ڳولهي تہ ڏيو.

هر مصيبت کي وساري مسڪرائي موت تي،
اهڙي دل ڳولهي تہ ڏيو، اهڙو جگر ڳولهي تہ ڏيو.

پنهنجي سورن ۾ تہ سڀڪو روز شب روئي پيو،
ٻين لئي همدرد همدم چشم تر ڳولهي تہ ڏيو.

سروقد سهڻي ۾ آسيدِ وفا و دلبري،
باغبانو سرو ۾ گل ۽ ثمر ڳولهي تہ ڏيو.

الفت و ايثار همدردي مروّت ۽ خلوص،
مون اوهان بيشڪ ٻڌا آهن، مگر ڳولهي تہ ڏيو.

عشق تيو روزِ ازل کان ئي سراپا اعتبار،
حسن جي حدِ نظر ۾ معتبر ڳولهي تہ ڏيو.

سڀ مسافر منزلِ فردا کان آهن بي خبر،
کو بہ هڪ مصروف محتاطِ سفر ڳولهي تہ ڏيو.

بارگاهِ طالب المولیٰ سان ٿيا مون کي نصيب،
ٻي گدا وٽ اهڙا ڪي لعل و گُهَر ڳولهي تہ ڏيو.

درد وارن جي دوا جت آرزومندن علاج،
حيدرِ صفدر جي در جهڙو کو در ڳولهي تہ ڏيو.

دشمنن تي مهربان ۽ مهربانن جو غلام،
مون کي پيو کو احسنؔ آشفتہ سر ڳولهي تہ ڏيو.

نياز همايوني

## آٺيون ريڪان آڀري ويون

(لوڪ نظم)

مندان گذري ويون،
ڪونجان آڏري ويون،
ونڊر جون سڀ وٿون آلاڙي!
پنهنجي وس مان نڪري ويون،
ڪونجان آڏري ويون،
مندان گذري ويون.

ڪونجن ڪهندي رڻ تي رمندڙ ڪرهن وانگ قطار ڪئي،
وچڙيل مارن مڙي نه پيهر پوئتي ڪابه نهار ڪئي،
ماڳ رسڻ کان اڳ ئي پنهنجي،
مرم جون واٽان وکري ويون،
مندان گذري ويون،
ڪونجان آڏري ويون.

مٽندن وَر وَر ويس مٽائي، سوکهڙن ۾ سهنج ڪيا،
مارُن منجهه مٺي نه ڪڏهن پي ڏور آٿاوا اهنج ڪيا،
ڀاڳ ڀڙائي ڪينءَ جو نرڙ تي،
آٺيون ريڪان آڀري ويون،
ڪونجان آڏري ويون،
مندان گذري ويون.

ڀٽيون مڪڙيون جن پاڙيون، تن ماٺيو مڪ نه سڪائن جو،
سور مڙيوئي ساهه جو ويري، ڌارين توءِ ڏياڻن جو،
ڏک ۾ ڏمر جي رات نه مُڪي،
ڪيئي ڀاڪان مُڪري ويون،
مٺندان گذري ويون،
ڪونجان آڏري ويون.

هڪڙي ويئي سوڻا ٿئي، ٻي پئي چيٽا پور ڪري،
ماڻهوءَ کي پيو ماڻهو کائي، ڪم نہ اهو ڪو ڏور ڪري،
نانگ نپايا جن، تن جون ٿي،
چيٽان اڪري ڦيڪري ويون،

ڪونجان آڏري ويون،
ٿندان گذري ويون.

جوڳيائي تنهن جوڳيءَ جي، جو نانگ نچائي مُرليءَ تي،
جيڪو سپ ۾ سدا سدورو، سوئي سونهين صندليءَ تي،
ڪوڙ پسايا ڪرتب سي جو،
سچ جون ساکان وسري ويون،

مٿندان گذري ويون،
ڪونجان آڏري ويون.

ٻگهڙ جو وياءُ ٻگهڙني ٿيندو، سعدي هينءَ فرمائي ٿو،
آوڙڪ ڏڻ جو واهي الله، وتايو ٻڻ ورجائي ٿو،
اهڙي ٿي جو ڪڏهن نہ ٿي: ڇڻ،
ساريون ڪسران نڪري ويون،

ڪونجان آڏري ويون،
مٿندان گذري ويون.

ميڙهہ جو ڪنڊو گهر ۾ سانڍي، ٻول نہ ٻوليون سانتين جون،
ذات ڪپي هڪ، ڪون نہ يار نياز! ڪذاتيون پانتين جون،
ڪرڳل نيبرڻ وارا ڪينهن،
ڏس تہ چماران نيبري ويون،

مٿندان گذري و يون،
ڪونجان آڏري ويون.

مندان گذري ويون،
ڪونجان آڏري ويون،
وِندر جون سڀ وٿون آلاڙي!
پنهنجي وسن مان نڪري ويون،

ڪونجان آڏري ويون،
مٿندان .................!!

**امداد حسيني**

## مون گيت لکيو آهي

مون گيت لکيو آهي
تنهنجي منهنجي باري ۾
ڪيرڙا ڪيرڙا لفظ ڪٺي
سٽ سٽ سريءَ ۾ پوئي پوئي
ان ۾ آهي ذڪر گلابي سانجهيءَ جو
ڪينجهر ۾ ٿي گيت ٻڌڻ ڪنهن مانجهيءَ جو
تو مون نيڻ ڏنا ها شام جي تاري ۾
مون گيت لکيو آهي
تنهنجي منهنجي باري ۾
ان ۾ آهي ذڪر سهڻين راتين جو
ماڪيءَ جهڙين مٺڙين ڳالهين جو
جيڪي ڪيوسين چانڊوڪيءَ جي چاري ۾
مون گيت لکيو آهي
تنهنجي منهنجي باري ۾

## ستن بگهاڙي

هو تہ ڪجهہ ڪونہ ڪرڻ لاءِ آهي
بس ڏنڊو ساهہ ڀرڻ لاءِ آهي
دل بہ ڪهڙي جيان خالي خالي
روح آهي بہ الائي ناهي!
ذهن ڪي رهڻ رکي آياسين
رت چوسي ويو هي جوڙ سماج
ڏيوب لائيٽس ڀرن ٿيون ڪيڏيون
پوءِ بہ جهنگل جا اهي رسم رواج
سنڌ لاءِ ڪات ڪهاڙا ساڳيا
آهي ارغون آهي ٿي ترخان
ويس تبديل ڪري ايندا ويا
نت نوان رنگ ملي چهرن تي
تن جي ڪتن سان ملي
رڍ جي ڪتل ڍڪي ستن بگهاڙيءَ وانگي
سنڌ جو ماس ڀڇڻ لاءِ آتا!

## تنوير عباسي

### ٽيليفون جا هائيڪو

ٽيليفون وڳي،
آئي تنهنجي فون،
ڀانيم تون هوندينءَ مگر،
مونکي پوءِ خبر پئي،
غلط نمبر هيءُ ٻي.
گهر ۾ هيس مان ڪون،

ڊائل ڪيم هر هر،
توکي فون ڪيم،
ڪنهن ٻئي ٽيليفون کنئي،
کنئي ڪنهن اهڙي شخص جو،
"ساري رانگ نمبر"
نرڙ تي هٿ هنيم.

نمبر غلط لڳي،
مارينڊڙ ايڪانت،
ٻلجي شل ڪنهن ڏينهن اڻين،
خالي گهر کائڻ اچي،
تنهنجي فون اچي،
ٽيليفون به سانت*

## تاج بلوچ

•

تنبوري جي ڪٽيل تارن ملائڻ جو زمانو آ،
نوان نغما نون سازن تي ڳائڻ جو زمانو آ.

جتي جسم سندا سودا ٿين ٿا رات ڪاريءَ ۾،
انهيءَ بازار کي يڪسر مٽائڻ جو زمانو آ.

جو سالهه جي شهيدن جي ڳچيءَ ۾ ڀاڻ اچي پوندو،
سو ڳاڙهو هار هينئين سان هنڊائڻ جو زمانو آ.

اي ساٿي تون مکل ناريون وٺ جون سڀ جلائي ڇڏ،
نون ٻوٽن، نون غنچن لڳائڻ جو زمانو آ.

ڇڏي انسان جو انسانيت جي راهه کي حيوان،
انهيءَ انسان کي انسان بنائڻ جو زمانو آ.

وڃايو اعتبار اي "تاج" ڪنهن راهبر پنهنجو،
نئين رهه رو کي اڄ رهبر بنائڻ جو زمانو آ.

---

* خراب ـ Dead.

# سرويچ سجاولي

ڀوهان ڪيئن گلن گلشنن ۾ اڏي.
ڀرهم آهي وهندو ٻن ۾ اڏي.

ڏسو قيس ليلىٰ پيا ڪٿ رهي،
پنهون ۽ سسئي هٿا ڀڳا ڪٿ ڪهي،
ڇڏيائون ڪٿي، تن تنن ۾ اڏي.

نصيحت نہ ڪنهنجي، ڪا سهٽي مڃي،
چڙهي وَر وِرهہ جي پو ويٺي وڃي،
درياهہ جي ڪُنن ۽ ڪَنن ۾ اڏي.

نہ چندن ٿي مارئي، وڏو چوٽ ۾،
نہ آرام آيس عمر ڪوٽ ۾،
ڇڏيائين چنا، هٿ چنن ۾ اڏي.

سمون ڄام حاڪم، لٿو تخت جنهن جو،
لڳيس نينهن ناوڪ، ڇڏيئين ماڳ پنهنجو،
مهاڻن سان ٻونگن ٻنن ۾ اڏي.

مُلان ڀل نہ ڳالهيون ڪري پيو وڏيون،
ڪبا سجده تين ڪي، جنين جي ڇڏيون،
محبت مسيتون مٺن ۾ اڏي.

سوين عرض آزيون اوهان کي ڪيم،
دکيءَ دل جون خبرون خطن ۾ لکيم،
ڇڏيم پيار پيارا پٺن ۾ اڏي.

جتي ٻير ٻيرين ۾ پڇيو ٻَوَن،
جتي ٻيت ڀاڳيا ٽا نڙ تي ڇوَن،
رهان تن سان، ٻجرن ٻٺن ۾ اڏي.

نہ سڪ سان سهان سنڌ جيسين ڏکي،
ڏيئي ريج رت جو ڪريان سا سُکي،
ڇڏيان تنهن کي پلڪن ڪنن ۾ اڏي.

سُخن سونهن سيرت هُجن ڪڏ جتي،
ڪٿي تون بہ "سرويچ" وڃئين تتي،
سڄو شعر فڪرن فنن ۾ اڏي.

## عنايت بلوچ

### غزل

ڪڏهن تہ آٿت ڏيندي آهين،
ڪنهن پل چين ڪسيندي آهين.

ڏاڍو مونجهو ٿيندو آهيان، جنهن دم نڪوڙي ويندي آهين.
جيئڙي جهُومڻ لڳندي آهي، جيئن تون واپس ٿيندي آهين.
بيدردن جي ڏيهہ ۾ تنها، ڪنهن سان سُورَ سليندي آهين.
مُنهنجن جذبن آڏو ڪي تون، ڇوري ڇو روڪيندي آهين؟
عين ”عنايت“ ٿورا تنهنجا، جو مُرڪي گهوريندي آهين.

## انور هالائي

•

رهنمائي رهنما توکان نہ ٿي،
دلربائي دلربا توکان نہ ٿي.

مون تہ ڪوشش هُئي ڪئي بي انتها، پر ملڻ جي ابتدا توکان نہ ٿي.
تنهنجي در پهچي چمان چا چا چمان، جهڙي تهڙي مرحبا توکان نہ ٿي.
گر شفايابي نہ ٿي مون کي قبول، پر رڳو دستِ دعا توکان نہ ٿي.
تون مسيحا ٿو سڏائين، پر فقط، ”درد وارن جي دوا توکان نہ ٿي“.
بر مزارِ ما غريبان، سنگ دل! چار گل يا فاتحا توکان نہ ٿي.
بخل ۾ مشهور اهڙو ٿي وئين، ڪا سخا نامِ خدا توکان نہ ٿي.
پلجي سلجي منهنجي گهر پهچي وڃڻ، پر ڪڏهن اهڙي خطا توکان نہ ٿي.
عمر ڀر ميتا ميچي مون بي حساب، صرف هڪڙي رات ها توکان نہ ٿي.

”انورِ“ محزون خاطر دلربا،
ڪنهن بہ وعدي جي وفا توکان نہ ٿي.

محبوب سروري

## غزل

پٿر لڳي ٿو سُرَ ڪي يا پٿر ڪي سُرُ لڳي،
بس! ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ٿو ڪنهن جو ٺڪر لڳي.

سر سان لڳن هي سهڻا ۽ سهڻن سان سر لڳي،
ناتو هي لازوال لڳي، عمر ڀر لڳي.

اهڙيءَ طرح تون آهہ نہ ڪَرَ ڪي خبر لڳي،
ڪنهن بدنظر جي توکي نہ سهڻا نظر لڳي.

خوش بخت ڪي ٿي تنهنجو ٿو تيرِ نظر لڳي،
منهنجا وڏا نصيب! هي مون کي اگر لڳي!

سج چنڊ سان توکي ڇا تشبيهہ مان ڏيان؟
تنهنجي مقابلي ۾ ڇا شمس و قمر لڳي!

پنهنجن جي هوندي، پنهنجو بہ ڀونو ڪو ڀارجي،
وڏ ڀائرن جي ڀَرَ ڪان ٿو ڀانهڻن جو ڀَرُ لڳي.

شايد ڪٿي خوشيءَ جي خبر هُو اچي ٻيو،
باغ و بهار منهنجو ٻيو نامہ بر لڳي.

جنهن دم اچي ٿي ياد سندس لذتِ وصال،
هي تلخيءِ فراق ٿي شهد و شڪر لڳي.

انسان جو لڳي ڀلي انسان سان عشق،
الله سائين کي بہ ٿو عشقِ بشر لڳي.

اي ماهرو! ٿي منهنجي حياتيءَ ۾ همسفر،
رستو هي پنهنجي پيار جو ٿو پُر خطر لڳي.

آرام ٻي جڳهہ تي مسافر کي ڪيئن اچي،
تنهنجي ئي دل ۾ مون کي ٻيو منهنجو گهر لڳي.

شاعر چئو، اديب چئو، اهلِ دل چئو،
'محبوب' سروري تہ ٻيو ماستر لڳي.

## محسن ڪڪڙائي

### وائي

ويڳاڻيون وائڙون،
موٽي مَنَ جا ماميرا.
گهٽيون منهنجي ڳوٺ لئه، آفت ٿي آيون،
سڄ لٿي ڪانپوءِ سڀُ، جوڳي جون جايُون.
آلا، هيٺن سان هِتي، ايڏيون آرڏايُون،
ڪُوڙن ڪانگيرو ڪيو، سُڌڪن سُڃايُون.
او، شل آئين سِنڌُ ۾، سائين، سُرهايُون،
ويڳاڻيون وائڙون،
موٽي مَنَ جا ماميرا!!

## استاد بخاري

### ليڙو

او منهنجا احساس!
ايڏي اندي اڄَ تي!!
اڃا ڇا جي آس؟

الا، آس ٿي آس!
آهـا آس الله آ —
جيڪا ناهه نراس.

سڪـٿي آڪاٿي.
ورجائين ويٺو مٺا!
ڇاٿيءَ ۾ ڀاٿي.

متّو آڪريءَ ۾.
وجهيو، واجهايان پيو،
اکيون مهريءَ ۾.

ساڪي مٺان سڄُ،
گوڏي جيڏي ڀوڏ ۾،
ڀلي چنيم ڀڄُ.

جيڪي ٿين سو ٿيج!
ميڙي چوندي ماڳ ڪي،
ڏينهان، راتيان ڏج.

ڀوياڙي ڀاڇا!
ڪير ڀيو ٿئو پوئتان؟
ڪنهنکي ڀڪڙيو ٿا؟

## مخدوم جميل الزمان

●

مٺا! موٽ واپس، ڪي موجون ملهايون، وري ملڪ تي
موٽي آيو آ سانوڻ.

ٽڪل آرزوئن جا جذبا وڏايون، وري ملڪ تي
موٽي آيو آ سانوڻ.

چڙهي مينهن آيو اڇي آسمان تي مسرّت ۾ ڪوئل
ٿي نغما آلاپي.

اي دل! ڪنهن طريقي سان دلبر گهرايون، وري ملڪ تي
موٽي آيو آ سانوڻ.

سڄي گرم جوشيءَ ۾ خوش پيا هلن پو رڳو پاڻ روئندا ٿي
روئندا رهون ڇو؟

دلِ مضطرب! ڪا قيامت مچايون، وري ملڪ تي
موٽي آيو آ سانوڻ.

اڳي کان وٽي، مدّتن کان وٽي صرف تنهنجو اهيان،
منهنجا محبوب سائين!

هلي آ تہ روئندڙ اکين کي کلايون، وري ملڪ تي
موٽي آيو آ سانوڻ!

ڏسي هي ڪَڪَر ڪارا ڪارا فلڪ تي، اکيون ياد تنهنجي ۾
ٻرجيو اچن ٿيون،

سڄڻ! چڏ ڪٿي ڪاوڙون سڀ اجايون، وري ملڪ تي
موٽي آيو آ سانوڻ.

ستارن کان سهڻا پرين! چنڊ جهڙا! ڀلا موسمن کان اهين
بي خبر ڇو،

هلي اڄ پراڻا هو وعدا نڀايون، وري ملڪ تي
موٽي آيو آ سانوڻ.

قسم سان اٿم ياد، ڍولڻ پيارا! جو پر سال ٻاڪر وجهي
تو چيو هئو،

'جميل' اڄ تہ سيني سان توکي لڳايون، وري ملڪ تي
موٽي آيو آ سانوڻ.

### "آزاد" ورياهه

●

سچي ذهن جيڪا، سا آهي سچائي،
حقيقت سموري ۾ آهي اجائي.

قدر ڪين ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ کي آهي،
ڌرم، دين، ايمان پئسو ۽ پائي.

بنا ڪنهن به مقصد هلي ڪوڙ هردم،
وري ڪين ڪنهن جي ٿي سچ تي ڪا وائي.

ٿيا فن ۽ فيشن، ٺڳي، ڪوڙ، دوکو،
تصنع ۾ همراهه سچو ڏينهن توائي.

طمع، لوڀ، لالچ، جڏهن تي وکوڙي،
وڃائي ورهين جي گهڙيءَ ۾ ڪمائي.

مٿا ٿا لڳن هت فقط پنهنجا جذبا،
پئي جو قدر ڪو، قيمت نه ڪائي.

آ انسان پنهنجي مفادن جو تابع،
وفا جو ڪري ٿو، ڪندو بي وفائي.

جڏهن سوچ بدلي، ته وعدا ويا وسري،
ڦرڻ جي نه ڪا بند ۽ مهل ڪائي.

نه ڪو سگ سدائين ڪو قائم رهيو آ،
ڏکيو وقت آيو، ته ٻوءِ سڀ سٽائي.

ڦري دوست دشمن ڪڏهن ٿي سگهي ٿو،
ڪڏهن دشمنن مان ٿيو پئي ڇڱائي.

وڏو وقت ماڻهوءَ جو استاد آهي،
سکن ٿا گهڻا پر، ڇڱي چوٽ کائي.

پڇيم چو زمانو هي سمجهي ويو آ،
ڇيائون ته پنڌ رهين صدي آهي آئي.

ڇڱو يا مٺو صرف نالو ٿي رهندو،
نه ساٿي نه سنگتي، نڪو حال پائي.

ڪڏا قيد پنهنجا ٻه قابو قبر ۾،
نه ٿيندو ڪو "آزاد" ڪوشش اجائي.

## آثم ناٿڻ شاهي

●

تنهنجي دل تان منهنجي ڇا تصوير ڊٺي؟
دنيا جي تختي تان ٿي ميٽجي ويو هان!
ڇڻ ڪنهن بُت سان مندر جي تعمير ڊٺي!
تنهنجي دل تان منهنجي ڇا تصوير ڊٺي!!

ٿهندي ٿهندي منهنجي هر تعبير ڊٺي،
پنهنجي واتان پاڻ ٿي پيٽجي ويو هان!
تنهنجي دل تان منهنجي ڇا تصوير ڊٺي؟
دنيا جي تختي تان ٿي ميٽجي ويو هان!!

## احمد خان مدهوش

### نعتِ رسول مقبول ﷺ

ساري سنسار ۾ عظمت آ سوائي تنهنجي،
تون خدا جو ۽ سوري آ خدائي تنهنجي.

ديد ڏوڙائي ڏٺم عرش توڙي فرش مٿي،
جابجا آهه عيان جلوه نمائي تنهنجي.

خانِ خانان ۾ جهڪيا، خاڪ نشيني جي اڳيان،
بادشاهن تي ۾ شاهي نظر آئي تنهنجي.

ڪوئي تمثيل نه تشبيهه ڏئي پوري سگهيو،
اهڙي مولا قد و قامت آ بنائي تنهنجي.

تون امينن جو امين آهين، امانت جو ڌڻي،
آهي مشهور ٻڌُن سان ۾ ڀلائي تنهنجي.

مرتبو اوُج تي انسان جو پهچي ٿي نه ها،
ٿي ها دنيا کي ميسر جي چڱائي تنهنجي.

ڪيئن مدهوش جدائي جو سهي سور سگهي؟
ڪئي خدا پي نه گوارا آ جدائي تنهنجي.

## مظفر حسين جوش

### گيت

مورک من! هن ڪوڙي جڳ ۾ ڇو ڳولين ٿو پيار،

جيون جوڳي تو ڪنهن ڪارڻ سک جي بين وڄائي،
تو ڇو پريم بيڪاري بنجي در در سين لڳائي،
وڄندي وڄندي ڪنهن ٽوڙيا هي تنهنجي من جا تار.

وڇڙي ويا سڀ جيون ساٿي وڇڙيو من جو چين،
آلهي ويا سڀ سورج سک جا ڏينهن لڙي ٿيا رين،
پريم جي نگري اجيارڻ لئه جيون جوتي ٻار.

دک جو ساٿي ڳول نه جڳ ۾ دک سان نينهن لڳاءِ،
پاڳل پنهنجي من جي ويڌن ڪنهن کي ڪين ٻڌاءِ،
ڪنهن پٿر دل سان تنهنجا هي نيڻ لڙي ٿيا چار.

## اميد خيرپوري

●

منهنجي مڱڻ کي ڀاني ۾ نه رک
غير کي دل جي خزاني ۾ نه رک

پنهنجي چاهت ڪاڻ مون کي ڳڻ ٻيلي
منهنجو ڳاٽو زماني ۾ نه رک

ڪانڊن جو پڻ اجهو آهي اڏيل
چڻنگ چوري آشياني ۾ نه رک

ساڻ پنهنجي سوچ سان من جي مُراد
آسرو شاني ۽ جاني ۾ نه رک

عقل کي ايذاءُ ايندو هوش ڪر
ميلهه ميڙي شاميانې ۾ نه رک

جي رهن ننگا ٿا پنهنجي ناڻءُ لئه
تن کي تون ماٺهن جي خاني ۾ نه رک

ذهن جو گردن جهڪي پوندو 'اميد'
ڪنهن حقيقت کي فساني ۾ نه رک

## وفا ناڏن شاهي

### غزل

پيار کي بندگي چوان ٿو مان،
حسن کي زندگي چوان ٿو مان.

ٻوء ڪارو هجي يا ڀورو هجي،
روپ کي روشني چوان ٿو مان.

ماحصل روح آهي چاهت جو،
جسم کي گندگي چوان ٿو مان.

ساري دنيا سان، يار جا رشتا،
آنس کي عاشقي چوان ٿو مان.

جيڪو انسان ساڻ پيار ڪري،
آن کي ئي آدمي چوان ٿو مان.

جسم جو پيار عارضي آهي،
روح کي دائمي چوان ٿو مان.

تنهنجي چهري کي تنهنجي زلفن کي،
روشني تيرگي چوان ٿو مان.

## غلام حسين رنگريز

●

وري ڪا موٽي بهار ايندي،
اڱڻ اسان جي گلاب ٽيڙندا.

وصال وايون وري به ورنديون، صدين جا ڪيئي حجاب ٽٽندا.
نگاهون نقطا به ڳولي لهنديون، حقيقتون تان نقاب هٽندا.
دلين جي ڌڙڪن ۾ ڌرتي هوندي، رڳن جا سارا رباب وڄندا.
ڏسي ڪوکهايل، ڪوکهاڻ ايندء، تڏهن ئي سارا عذاب ڇٽندا.
سوين سوالن سنديون صدائون، آنهن جا آخر جواب ملندا.
ڪروڙين جذبا جواڻ ڪئيسيل، ڪڏهن ته تن جا حساب ٿيندا.

**ميرل جويو**

## چوسٽا

حقيقت کان انڪار جيڪو ڪري،
آهو آهي بلڪل، پرين کان پري،
پرين آ حقيقت، حقيقت پرين،
پرينءَ کانسواءِ ڪين، ساعت سري.

وڃي کو چوي هيئن ’محمود‘ کي،
تو ڪاڏي ڪيو پنهنجو عاشق ’اياز‘،
صداقت سواءِ آهي، سجدو ٺيو،
بنان روح آهي، مُصَلّٰو نماز!

تون اوير، آتر ڏِس، ڏکڻ توڙي اولهه،
ڀَرو ديس پنهنجي جو، پوري طرح لَهُه،
’چنيسر‘ مثل چغل خوري نه ڪج،
ٿجان ’دود‘ جوڙو، ’دريا خان دولهه‘.

**سوز هالائي**

## وائي

ساري سوچ سجاڳ ٿي، چارڻ چوريا چپ،
هاڻي ڇا جا ڊپ.

ڀيڄل ڀرائي ڇڏيا، سنڌوءَ جا پُني ڪپ،
هاڻي ڇا جا ڊپ.

سڙن سيڪاني وڏا، سرندڙ سارا سپ،
هاڻي ڇا جا ڊپ.

اڳي کان ڀي اگهري، تنندن منجهه تڙپ،
هاڻي ڇا جا ڊپ.

چاڻ ته ويا ڏيهه مان، ڏياچن جا ڏپ،
هاڻي ڇا جا ڊپ.

نغار بزمي

# دل چوي ٿي

دل چوي ٿي مان نچان
ڪنهنجي دروازي تي مان جهنڪريون وجهان
وس پڄي منهنجو ته ڪنهن سان ڳالهه ڪريان ۽ ڳالهه اٿان
ڇا ڪريان مجبور آهيان ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان
ڪنهن کي ڳولي ڳولي مان ڪاٿئون لهان
دل چوي ٿي مان نچان.

دل چوي ٿي ڪو هجي
سفر ۾ جوڙو ۽ هڪ رستو هجي
پيار جو عالم هجي وچ ۾ رڳو ٻئي ڪا ڇو هجي
ٻين دلين جي ڳالهه ٻين جو لوڪ ۾ چرچو هجي
پاڻ ۾ "بزمي" نه ڪو ليکو هجي
دل چوي ٿي ڪو هجي.

دل چوي ٿي دل هجي
پاڻ ۾ ڏاڍي مُتَمَلِ محفل هجي
ماڳ هڪڙو ئي هجي هڪڙي ئي ڪا منزل هجي
آب جي آلاڻ سان زرخيز يارو! ڳِلِ هجي
پيار پنهنجو پيار جي قابل هجي
دل چوي ٿي دل هجي.

دل چوي ٿي دم هجي
زندگانيءَ کي نه ڪوئي غم هجي
ٻين دلين جو پاڻ ۾ ڪو رابطو باهم هجي
پيار جي سالم هجي، مايوس ڇو آدم هجي
ڪنهن جي دل ۾ ڇو ڪوئي ماتم هجي
دل چوي ٿي دم هجي.

## پير مختيار علي "مختار"

### غزل

ڪوڙو ڪڍهن به دوستو قرآن نٿو ٿئي،
دل ۾ رکي جو مير مسلمان نٿو ٿئي.

دلبر الاهي منهنجو ڇو دل سان نٿو ٿئي،
اهڙو ستم ته يار پڻ سان نٿو ٿئي.

جانچي ڏٺو مون آهي سڄي رات چنڊ کي،
محبوب تنهنجي چهري کان تابان نٿو ٿئي.

دلبر اڳي کان آهي وڏو ماڻهو ٿي ويو،
ان جي ڪري ته منهنجو هو مهمان نٿو ٿئي.

اي يار مونکي پنهنجو ڪري وٺ قسم اٿئي،
"پيو ڪو مريضِ عشق جو درمان نٿو ٿئي."

جو حال هو اهو ته اسان آهي پيش ڪيو،
سهڻا مبالغو ته اسان کان نٿو ٿئي.

لڪ پيرا مون ڇيو ته صنم تنهنجو آهيان،
پر پو به هن جي دل کي ڇو ايمان نٿو ٿئي.

هن جو ستم ڪرڻ ته ٿي عادت اي دوستو،
"مختار" ان ادا تي پريشان نٿو ٿئي.

## زيب سنڌي

●

ڇوڏس بند غفا جيئن پاسي،
تنهنجي ياد سزا جيئن پاسي.

جنهن هو مونکي چاهيو تنهن کي، منهنجو نانءُ خطا جيئن پاسي.
تنهنجي ساروڻي او سانئڻ! مونکي ڏندڪٿا جيئن پاسي.
تنهنجو پاراتو ٻي مون کي، پنهنجي لاءِ دعا جيئن پاسي.
خطرن سان ايڏو کيڏيو هان، نانگ به ٿو مالا جيئن پاسي.

نظام زائر

## وائي

مون کي تہ سانوڻ تنھنجا بادل،
آيا ناھن راس.

رُت موٽي ھر محب نہ موٽيو،
رھجي ويئڙي آس.

نيڻ وسن ٿا بادل بادل،
دلڙي آھي اُداس.

سان ٿي گھوليان برکا رُت ۾،
وڻ وڻ تنھنجو واس.

تنھنجي ياد اسان لئي آھي،
پيارا پُورنماس.

زائر ويندو نيڻ وچوڙو،
چو ٿيو آھين نراس.

ضمير قُل

## غزل

پورا پورا ٿي پُڄڻ جو آھو خيال.
پتنگ سان گڏجي پچڻ جو آيو خيال.

رات ساري تات تنھنجيءَ ۾ ھرين،
چنڊ سان گڏجي رُلڻ جو آھو خيال.

باکاڻڙي جو جاڳ ٿي جيئن ننڍ مان،
سونھن کي سجدو ڪرڻ جو آيو خيال.

مھڪ سيندڙيءَ جي ڪٺي آئي ھوا،
مون کي تنھنجا ھٿ چمڻ جو آيو خيال.

تنھنجي مُک تي مُرڪ پسندي ٿي پرين!
آ گلابن کي نرڻ جو آيو خيال.

پوئين جيسھا بادل ھسي آڪاس ۾،
پاڻ کي پُرزا ٿيڻ جو آيو خيال.

## مشتاق ٻاگاڻي

### وائي

سورج سانجهيءَ ويرَ، چڪيا تي چڙهي،
ساجن ڪاڻ سڙي!

ڪرڻ لاهيندي ڪرنگها، ڪُتا ڪونہ ڪهڙي،
ساجن ڪاڻ سڙي!

ڏاتارن کان ڏياچ ويو، چونڊان چوٽ چڙهي،
ساجن ڪاڻ سڙي!

ڳاڙهو جهونا ڳڙهہ ڪيو، ڳوڙهن ڪالهہ ڳڙي،
ساجن ڪاڻ سڙي!

ڪتلي منجهہ ڪرنار جيئي، لڙڪن جي لڙهي،
ساجن ڪاڻ سڙي!

## ج. ع. منگهاڻي

### غزل

جيون سارو ڳهڻو پوندئي،
ماڳ کي ڳولي لهڻو پوندئي.

ڪونن جا تو راز ٿا ڳهرجن، مان جئن ڪوٽ ۾ رهڻو پوندئي.
چاهت آ تہ ہر طرفو ڏوهہ، پنهنجي سر تي سڙهڻو پوندئي.
ڳالهہ اها ٻي سن ۾ رکجانءِ، اڏجڻ کان اڳ ڊهڻو پوندئي.
ڏاريـن سان ٻلي ڪر جهڙا، پنهنجن سان تہ ٺهڻو پوندئي.
جڳ ڳهڻوئي واسيئي خوشبو! هاڻ تہ مان وٽ رهڻو پوندئي.
پنهنجو پاڻ ڏسڻ تو چاهين! سچ سمورو سهڻو پوندئي.
سوچن سان تہ ڪنبو ڪين، پنڌ منگهاڻي ڪهڻو پوندئي.

نياز پنهور

## نظم

ڪنهن پڇيو ڪونہ مون کان تہ
هن ڪان پري
حياتي گذاري بہ سگهندين يا نہ؟
اگر لڙڪ آيئي اکين ۾ لهي
تہ ڳوڙها لڪائي بہ سگهندين يا نہ؟

ڪنهن پڇيو ڪونہ مون کان تہ
هن کان پري
تنهنجي شعرن جا عنوان هوندا ڪهڙا؟
اگر شعر رچي نہ سگهئين تہ پوءِ
تنهنجي جيئڻ جا امڪان هوندا ڪهڙا؟

ڪنهن پڇيو ڪونہ مون کان تہ
تون اوچتو ڪندي ڳالهہ چپ ڇو ٿي ويندو آهين
اکيون تنهنجون آليون ڇو ٿينديون آهن
خلائن ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آ
جڪوئي پيو اوڏي تون ڏسندو آهين.

ڪنهن پڇيو ڪونہ مون کان تہ
هوءَ اوچتو
اگر تنهنجي سامهون اچي ٿي وڃي
تہ تون پنهنجي دل جي سڄي ڪرب کي
پيارا لڪائي بہ سگهندين يا نہ؟
۽ پنهنجي ڀاڻ کي ڪوئي دوکو ڏئي
هن سان اکيون
ملائي بہ سگهندين يا نہ.

ڪنهن پڇيو ڪونہ مون کان
ڪنهن پڇيو ڪونہ مون کان

**يوسف سنڌي**

## وحشي رقص

چو واري
۽ گهٽي گهٽي ۾
وحشت ننگو رقص ڪري ٿي
۽ ڪنهن جي نڙگهٽ ۾
پنهنجا خوني چنبا
پيوست ڪري ٿي.

ڌونهين جو گهرو بادل
اڇا ڪارا نقش ٺهي ٿو
هي ڪا انهونگ ناهي، جيڪا
هر بارش ڪانپوءِ
ايري ايندي آهي.

ڪارا ڀوتنا
ڊوڙن ٿا....
گوليءَ جي ٻوليءَ سان
چوواٽن تي
خون جي هولي کيڏن ٿا

مچ ٻري ٿو
جنهن سان ڪاٺي ٻوهه اڇي ٿي
جڻ ڪا چتا جلي ٿي
وحشت خوب کلي ٿي
۽ پنهنجو رقص تيز ڪري ٿي.

**خليل عارف سومرو**

## ٻه ننڍڙا نظم

١. پٿر جو بت

ائين ڪو ٿي سگهي ٿو
تہ هن ٻٽري پنهور ۾
هيڏا هاڃا ڏسان
پوءِ بہ نہ لڇان پڇان
مان پٿر جو بت تہ ناهيان
جيئرو جاڳندو انسان آهيان

٢. معمول

جڏهن هوا ٻاريندي آ،
نازڪ گلن جا ڏيئا
تڏهن مکڙين جي
ٻهرين ٻهرين روشني
تنهنجو روپ ٿي هوندو آ
گلن جي خوشبو
تنهنجي ياد ٿي هوندي آ.

## محمد عثمان "اديب"

●

اڄ اڱڻ منهنجي تي اچ، ٻانئي پرين تون پيرڙا،
تو وسين هردم اکين ۾، دل اندر تو ديرڙا.

تنهنجو نه مٽ منهنجا مٺا، سان ڪو ڏسان تو ڏيهه ۾،
تو مهابي مير مرڪن، هي سندا ۽ ميرڙا.
واهه ٻي منهنجي نه ڪا، ڪيڏانهن وڃان آ ڪس نه ڪو،
ڪيم ڪي در تان هڪالي، هي هيرايل هيرڙا.
ديد دلبر جي دلاسي ۽ آسيدن ۾ اچان،
ڳهوٽ هي ڳهايل ڳهمن، تنهنجون ڳهٽيون ۽ ڳهيرڙا.
اندر ۾ آدمان آئون ٿيا، ٻاهه ٻڙڪي برهه جي،
ٻاڦ ٻاهر جان نڪتي، ٿي جڀيون ۽ جيرڙا.
مهلقا هڪ مهل ڪا، مون وٽ اچي مهمان ٿي،
۽ وسائج اڄ اچي، عثمان جا آکيرڙا.

## وسيم سومرو

●

پرهه جهڙي رنگ سان، وينگس هٿي چڻ سوجهرو!
ڪٿهنبي- ڪٿهنبي ويس ۾، آجري- آجري انگ سان،
وينگس هٿي چڻ سوجهرو!
پٿر- مٿن موهي ويئي، من- موهيندڙ ڍنگ سان،
وينگس هٿي چڻ سوجهرو!
چم- چم هن جي چير جي، ڦهليا سڀئي چڻ چنگ سان،
وينگس هٿي چڻ سوجهرو!
آئون امرتا پائيان، هن جي سيتل سنگ سان،
وينگس هٿي چڻ سوجهرو!
آئي ۽ آذري ويئي، ذات آجاري ڏنگ سان،
وينگس هٿي چڻ سوجهرو!

**منظور قادر**

## سمنڊ مري ويو آهي!

سمنڊ مري ويو آهي،
ڇپون،
۽ پاڻيءَ جا ڪيڙي جيت،
مون وٽ هلي آيا آهن،
سپ روئن ٿا،
سپ رڙن ٿا،
سمنڊ مري ويو آهي،
بادل به ڇڏي ويا آهن
آسمان جون اکيون به پرجي آيون آهن،
سمنڊ مري ويو آهي،
تو کي به ڏک رسيو هوندو،
شايد ....
اعتبار ته مون کي به نٿو اچي،
ماڻهو چون ٿا،
سمنڊ مري ويو آهي،
ڇا ڪڏهن سمنڊ به مرندو آهي؟

**سعيد ميمڻ**

## ترائيل

ڪير آچي ويو پرندڙ ڇوڪري؟
رات منهنجي ذهن جي جهڪي اندر!
ننڊڙا ننڊڙا خواب منهنجا ويا سڙي!
ڪير آچلي ويو ڙي پرندڙ ڇوڪري؟
گيت سپ خاموش ٿيا روئيي رڙي،
پر اچان پي پيو تو مَنُ جهيڄي اندر!
ڪير آچلي ويو ڙي پرندڙ ڇوڪري؟
رات منهنجي ذهن جي جهڪي اندر!

**مهر خادم**

## غزل

تنهنجا لفظ ورجايان ويٺو،
پنهنجو پاڻ پرچايان ويٺو.
دل کي پيڙا دردن ورتو، گل کي جڻ مرجهايان ويٺو،
هٿن جي ياد ڇپي اڻين جڻ، پوشاڪ ڪنڊن جي پايان ويٺو.
قسمت ۾ ڪجهه ناهي لکيل، خالي پنا اٿلايان ويٺو.
مون وٽ ڪا تصوير نه آهي، جنهن کي سيني لايان ويٺو.

## زاهد شيخ

### گيت

ڪهڙو نانءُ سڏيانءِ،
او ساجن،
ڪهڙو نانءُ سڏيانءِ.
دُنيا جا سڀ سهڻا نالا، پوئي پارايانءِ.
اجڙيءَ دل جي آس ۾ آهين، منهنجي هر احساس ۾ آهين،
تنهائيءَ ۾ آءُ تہ ويهي اندر جون اوريانءِ
او ساجن،
ڪهڙو نانءُ سڏيانءِ.

درد نہ ڏي تون دوريءَ وارا، جهور نہ منهنجا جذبا پيارا،
ويهہ تہ آڏو، ويلي ويلي مٺڙا بول ٻڌانءِ
او ساجن،
ڪهڙو نانءُ سڏيانءِ.

تنهنجي هڪ تصوير بڻائي، سوچن ۾ ڪُٺل سونهن سمائي،
پنهنجن گيتن بيتن ۾ پيو سارينديو آهيانءِ،
او ساجن،
ڪهڙو نانءُ سڏيانءِ.

تنهنجا جلوه جرڪن جڳ ۾، تنهنجي تات منهنجي رڳ رڳ ۾،
زاهد آهيان پاڪائيءَ سان پيو تو سارائيانءِ،
او ساجن،
ڪهڙو نانءُ سڏيانءِ.

## عزيز گوپانگ

### غزل

جا پي پريم ڪهاڻي هئي،
هوئي ان جي راڻي هئي.
مون ڏي پانيو مون جان هي،    هو پر ڏاڍي سياڻي هئي.
ديپڪ ديپڪ ڏياري منجهہ،    چالہ ڪالهہ اجهاڻي هئي.
وڇڙي ويندو آ هرڪو،    ها ها ڳالهہ پراڻي هئي.

**بادل**

## وائي

ساري رات ڪٽي، پو ٻه نه پوري ٿي،
رچنا منهنجي روح جي.
ڪجهه بي ساپيا خواب ۽ هي منهنجي زندگي،
رچنا منهنجي روح جي.
ڇڪڻ جي سڳنڌ ۽ ڇم ڇم پايل جي،
رچنا منهنجي روح جي.
تو بن هي جند گذري، پل پل صديون ٿي،
رچنا منهنجي روح جي.

**احمد ٽالپر**

## گيت

حياتي تو سوا ساجن! سُڃي پڙڀانڪ ڀائن جانءِ،
آداسائي، اڪيون آليون، وٽان وياڪل ويڳاڻن جانءِ.

اڪيلائي ۽ مانده من،
ٿيو ٿوهر سمان جيوَن،
هتي توبن جلي جوبن، مٿا هر پل مسائن جانءِ.

جيئن بَن چَن ۽ پيلا ٻَن،
آڏامي واءُ تي پنڪن،
تيئن تولاءِ مان پڪان، پيو ڏرتيءَ ڏرڪائن جانءِ.

بهارون هاءِ برساتيون،
ڏکيرا ڏينهن رڃ راتيون،
اچي ٿڪي ڪئيم ڪيئي، رکي آسون ڀائن جانءِ.

وهائي هيل ٿي برکا،
نه موٽڻ جي ڪئي تو ڪا،
ويا ارمان ھڙ وکري، ٽٽل مالها جي داڻن جانءِ.

وري آيون آتر اوتون،
ڏٺم راهون نه آئين تون،
ڪيون ڪيڏيون هم آزيون، ٻڌي ٻانهون نمائڻ جانءِ.

# مـــقـــالا

”.... سنڌ جي عالمن ۽ استادن اهو آڳاٽو محسوس ڪيو تہ ٻارن کي شروع ۾ ئي عربي يا فارسي پڙهائڻ بدران جيڪڏهن مهربانيءَ ڪري پنهنجي زبان سنڌي پڙهائي، پوءِ فارسي ۽ پوءِ عربي پڙهائجي تہ ٻار ان کي وڌيڪ سولائيءَ سان ۽ سگهو تہ ان ٻولين کي پڙهي ۽ سمجهي سگهن. اهو يقيني طور معلوم ناهي تہ هنن سڄاڻ استادن ڪڏهن کان وٺي اهو تدريسي طريقو اختيار ڪيو، پر ٻارهين صدي هجري جي وچ ڌاري اهو سلسلو شروع ٿيو ۽ ٻارهين صديءَ جي شروع ۾ اهو طريقو عام ٿي چڪو هو. انهيءَ دور ۾ سنڌي درسي ڪتاب لکيا ويا ۽ پڻ سنڌي ذريعي فارسي پڙهائڻ لاءِ خاص تدريسي مواد تيار ڪيو ويو، جنهن ۾ ٻو–وايا، ٽہ–وايا، لغت ناما ۽ گرامر جا ڪتاب شامل هئا...“

— ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سنڌي ٻوليءَ جا تحريري دستاويز

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## شاهه عبداللطيف جي معتقد ۽ ساٿياري ميين محمد صلاح جي سنڌي

ميون محمد صلاح (يا صلاح محمد) بن ميون محمد عارف ڏاسوڙي جو، جيڪو پوءِ مٽياري ۾ اچي رهيو، شاهه عبداللطيف جو معتقد هو. فارسي جو عالم ۽ مولانا رومي جي مثنوي جو ڄاڻو هو. شاهه صاحب کيس 'خليفو محمد صلاح' ڪري سڏيندا هئا. جڏهن شاهه صاحب سفر تي ويندو هو ته ميون گهڻو ڪري ساڻس گڏ هوندو هو ۽ روزانو اڳينءَ نماز بعد مثنوي جو وعظ ڪندو هو جيڪو شاهه صاحب ۽ ٻيا حاضرين ٻڌندا هئا.

ميين محمد صلاح جي پوين مان ميين عبدالله مرحوم سان ٽيهه سال کن اڳ راقم جون صحبتون ٿيون. ان وقت سندس عمر نوي سال هئي. هن پنهنجي ڏاڏي کان ٻڌو (جنهن محمد صلاح کي ڏٺو هو) ته ميون محمد صلاح سنڌي جو شاعر هو. هن منظومين ۾ هن پنهنجو نالو "صلاح" آندو آهي. هن "ٻَڙ ُغَل جا ڪلما" جوڙيا، جيڪي "محمد صلاح جي سنڌي" جي نالي سان مشهور ٿيا؛ پڻ شاهه عبداللطيف جو 'سفرنامو' جوڙيائين، جيڪو هن خاندان ۾ سانڍي رکيل هو، پر پوئين ويجهي دور ۾ ضايع ٿي ويو. سنهنجيءَ گهُر تي ميين عبدالله مرحوم "ٻزغُل جا ڪلما" جو هڪ آڳاٽو قلمي نسخو ڏنو جيڪو پڙهڻ ۾ البت ڏکيو هو. ان بعد، ٻين ڪن ذخيرن مان، ٻه قلمي نسخا هٿ آيا، جيڪي پڻ ناقص هئا (١). انهن ٽنهي کي ڀيٽي، سڄو صاف متن تيار ڪيو ويو آهي جيڪو هيٺ ڏجي ٿو.

اهو سنڌي نظم، شاهه عبداللطيف جي وقت جو يعني ٻارهين صدي هجري جو آهي، جنهن ڪري سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي تاريخ ۾ اهميت وارو آهي. چوڏهين صدي هجري/٢٠- صدي عيسويءَ کان اڳ وارا نظم توڙي ٻيون تحريرون سنڌي ٻوليءَ جا دستاويز آهن، جن کي سهيڙڻ ۽ سانڍڻ ضروري آهي. ٻيو ته هن نظم ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اهي الفاظ ۽ اصطلاح استعمال ٿيل آهن ۽ اهي مثال ۽ مشابهتون آندل آهن، جيڪي شاهه صاحب جي بيتن ۾ ملن ٿيون. انهيءَ ڪري هيءُ نظم نه فقط سنڌي اساسي شاعري جو هڪ قيمتي سرمايو آهي، پر ان ۾

---

(١) انهن مان هڪ شاهه لطف الله قادري جي 'سنڌي رسالي' سان گڏ ساڳئي جلد ۾ قلمبند ٿيل مليو ۽ ٻيو مشهور مولودي محمدرحيم مڱڻهار کان مليو.

سنڌي لغات جو پڻ وڏو اهم ذخيرو سمايل آهي. ترتيب ۽ تاليف جي لحاظ سان، هيءَ نظم 'الف اشباع' وارن سولن سنڌي قافين سان ڏکين بندن ۾ سٽيل آهي. سنڌي نظم جو اهو نوع ۽ نمونو ان وقت عام مقبول هو.

هنن منظوم بندن جو خاص موضوع نبي صلعم جي صفت ۽ ساراهه آهي، جيڪا خالص تاريخي واقعن جي بيان بدران نبي ڪريم سان شاعر جي ذاتي عقيدت جو اظهار ۽ سندس دلي عشق ۽ محبت وارو اندر جو آواز آهي. هن منظومي جي آخري بند مان ظاهر ٿئي ٿو ته هڪ تاريخي واقعي ميين محمد صلاح جي دل ۾ اهو جذبو جاڳايو ته هيءَ مدح منظوم ڪري. اهو تاريخي واقعو هيءُ هو جو اڪبر بادشاهه جي آزاد مذهبي فڪر ۽ مصلحت آميز مذهبي پاليسي سان وقت جي وڏن عالمن جو اختلاف ٿيو. شيخ الاسلام عبدالنبي گنگوهي ان اختلاف تي قائم رهيو، حالانڪ بادشاهه طرفان کيس ٩٧٢هه (١٥٦٤ع) ۾ 'صدرالصدور' جي عهدي تي فائز ڪيو ويو هو ۽ پوءِ به بادشاهه طرفان رعايت ۽ برداشت جو سلسلو هلندو آيو. پر جيئن ته اختلاف اصولي هو، انهيءَ ڪري شيخ الاسلام پنهنجي ايمان ۽ عقيدي موجب بادشاهه جي مذهبي رجحانن تي تنقيد ڪندو آيو. کيس حج تي موڪليو ويو ته اتي به بادشاهه خلاف پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيائين. انهيءَ ڪري واپسي تي مٿس ڪارروائي جو فيصلو ٿيو ۽ رقم جي خرد برد جو مقدمو داخل ڪري کيس نظربند ڪيو ويو. سنه ٩٩٢هه (١٥٨٤ع) ۾ ان نظربندي واري حالت ۾ کيس گهٽا ڏيئي ماريو ويو.

هن واقعي جي خبر جيتوڻيڪ ان ئي وقت سڄي هندستان ۾ هلي وئي، پر اهي ڳالهيون ڍڪيل رهيون ته شيخ الاسلام عبدالنبي ڇا ڪيو ۽ اڪبر بادشاهه ڇو ڪاوڙيو ۽ شيخ الاسلام جو موت ڪيئن ٿيو. سنڌ ۾ به انهن حقيقتن کان عام توڙي خاص بي خبر رهيا ۽ وقت گذرڻ سان هيءُ واقعو ويتر هڪ حڪايت طور ياد رهيو. مثلا ميين محمد صلاح هن منظومي ۾ ڄاڻايو آهي ته بادشاهه، علامه عبدالنبي کي حڪم ڏنو ته هو بادشاهه کي مڃي ۽ بادشاهه جي حڪمن کي مڃي، ۽ ان لاءِ مقرر ڪيل ڏينهن تي دربار ۾ حاضر ٿي سڀني جي آڏو علي الاعلان بادشاهه جي صفت ۽ ساراهه ڪري. پوءِ ان ڏينهن شيخ الاسلام دربار ۾ بيهي بادشاهه جي ساراهه بدران نبي صلعم جي صفت ۽ ساراهه ڪئي، جنهن صحيح اسلام ميڪاريو هو. ان تي بادشاهه مٿس بيچ ڪئي جنهن تي شيخ به رڪ واري جتي، جيڪا سندس جبي ۾ هئي، سا بادشاهه کي اڇلي هنئي. پوءِ مٿس تراريون وسي ويون ۽ سندس جسم ذرا ذرا ٿي ويو، جيڪي پرسان مسجد جي ڇت کي وڃي لڳا. هيءُ سڄو بيان روايتي آهي، پر شايد سنڌ ۾ هن واقعي جي خبر انهيءَ طرح پهتل هئي.

هيٺ "بزغل جا ڪلما" جو متن ڏجي ٿو، جيڪو ادبي لحاظ سان معياري آهي. عربيءَ ۾ لکيل بيت غالباً شيخ الاسلام عبدالنبي جي قصيدي جا آهن، جيڪو هن نبي سڳوري جي شان ۾ چيو. ميين محمد صلاح هر بيت کان پوءِ سنڌيءَ ۾ ان مدح کي وڌائي وڏو ڪيو.

# فتاويٰ عالمگيريءَ جا ٻه سنڌي مؤلف ۽ سندن بزرگ

## سيد حسام الدين راشدي

مترجم: عبدالرسول قادري

[راشدي صاحب مرحوم جو هي مضمون سندن آڳاٽين تصنيفن مان هڪ آهي. هي پيپر "معارف" اعظم ڳڙه جي نمبر ٦، جلد ٥٩، سال ١٩٤٧ع ۾ شايع ٿيو. معارف جو مذڪوره پرچو شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، جتان هن پيپر جو فوٽو اسٽيٽ حاصل ڪيو ويو.

مترجم].

معارف جي ڊسمبر ١٩٤٦ع ۽ جنوري ١٩٤٧ع وارن پرچن ۾ "فتاويٰ عالمگيري ۽ ان جا مؤلف" عنوان سان جو مضمون ڇپيو آهي، تنهن ۾ سنڌ جي ٻن بزرگن سيد نظام الدين ٺٽوي ۽ قاضي ابوالخير ٺٽويءَ جا نالا به ڳڻايا ويا آهن، جن کي هن جامع فتاويٰ جي مؤلفن ۾ شامل هجڻ جو شرف حاصل آهي. صاحب مضمون هنن ٻنهي بزرگن جي باري ۾ مولانا رحمان عليءَ جي "تذڪره علماء هند" کي پنهنجو ماخذ بنايو آهي، جنهن ۾ سندن سوانح حيات ٻن ٽن سٽن کان وڌيڪ موجود ڪانهي. هيٺ ٻنهي بزرگن بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏجي ٿي.

### (١) سيد نظام الدين ٺٽوي

**نسب:** سيد صاحب جو نسب هن ريت آهي: "سيد نظام الدين بن سيد نور محمد بن سيد نظام الدين اول بن سيد نور محمد بن سيد شڪرالله ثاني بن سيد ظهيرالدين والاسلام عرف سيد جادم اول بن قاضي سيد شڪرالله اول بن سيد وجيه الدين بن سيد نعمت الله بن سيد عرب شاه بن سيد امير نسيم الدين محمد المعروف ميرڪ شاه بن امير عطا الله جمال الدين المحدث بن سيد فضل الله بن سيد مير عبدالرحمان بن سيد عبداللطيف الحسيني الاسڪني شيرازي."

**وطن:** سندن وڏا شيراز ۾ رهندا هئا، جتان پوءِ هرات ۾ اچي رهڻ لڳا. هتان ئي قاضي سيد شڪرالله اول بن سيد وجيه الدين سنه ٩٠٦هه ۾ قندار ۾ پهتو.

**سنڌ ۾ اچڻ:** قاضي سيد شڪرالله قندار ۾ ٢١ سالن تائين رهيو. ۽ ان بعد مرزا شاه بيگ ارغون جي چوڻ تي، واپار سانگي سنه ٩٢٧هه ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ ٺٽي ۾ رهائش اختيار

ڪيائين. هو صاحب علم ۽ فضل سان گڏ وڏو متقي ۽ ديندار هو. مرزا شاهه بيگ کان پوءِ، جڏهن مرزا شاهه حسن ارغون بادشاهه بڻيو، تڏهن قاضي صاحب کي ٻيهر قضا جي مسند تي فائز ڪيو ويو.

هڪ ڀيري شاهه حسن ڪجهه واپارين کان چند گهوڙا خريد ڪيا ۽ ڏوڪڙن ڏيڻ ۾ چاڻي واڻي ايتري سستي ڪئي، جو واپاري مايوس ٿي قاضي سيد شڪرالله جي عدالت ۾ دعويدار ٿيا. قاضيءَ، بادشاهه کي جوابدار جي حيثيت ۾ عدالت ۾ طلب ڪيو ۽ جڏهن هو آيو ته کيس فريادين سان گڏ ويهڻ جو اشارو ڪيائين. ڪيس هليو ته بادشاهه دعويٰ جي درست هجڻ جو اقرار ڪيو ۽ فريادين کي رقم ڏئي راضي ڪري ورتائين. بعد ۾ قاضي مسند تان اٿيو ۽ اڳتي وڌي سلطنت جا آداب بجا آڻي، بادشاهه کي پنهنجي مسند تي آڻي ويهاريائين. مرزا شاهه حسن پنهنجي قبا ۾ لڪل اگهاڙي تلوار ڪڍي، قاضي صاحب جي سامهون رکي ۽ چيو ته: "اڄ جيڪڏهن اوهين فيصلي کان اڳ سلطنت جا آداب بجا آڻيو ها ۽ مون کي منهنجي درجي کي ڏسي، دعويدارن سان گڏ نه ويهاريو ها ته هن تلوار سان اوهان جو سر قلم ڪيان ها." تنهن تي قاضي پڻ مسند هيٺان رکيل اگهاڙي تلوار ڪڍي ڏيکاري، ته "مون پڻ اهو خيال ڪيو هو ته متان بادشاهه شريعت جي خلاف هلت ڪري ۽ انهيءَ وقت ڪوبه ماڻهو ويجهو اچڻ جي جرئت نه ڪري ته مان پاڻ هن ترار سان شرعي سياست بجا آڻيندس." ڪجهه عرصي کان پوءِ سيد صاحب استعفا ڏني ۽ شاهه حسن، هن جاءِ تي محمد اڇيءَ کي مقرر ڪيو.

صاحب تحفة الڪرام لکي ٿو ته: "قاضي شيخ محمد اڇي آل جعفر ڏي منسوب ۽ وقت جي مشهور عالمن مان آهي. ڀڪريان هرات کان اچي ڀهتو هو. ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ جڏهن سيد ميران مهدي جونپوري ٺٽي آيو ۽ وقت جي عالمن مٿس ڪفر جي فتويٰ ڏني، تڏهن هن قاضيءَ ان ولي اڪمل جي تڪفير سان تعلق رکندڙ، ظاهر پرست عالمن جي دليلن کي نهايت مناسب رد ڏنو، ڇاڪاڻ ته هيءُ پاڻ حقيقت جو ڄاڻو ۽ حال جي صاحبن جي درجي کان واقف هو. سيد ميران مهدي هن جي حال ڏي توجهه فرمائي، سندس اولاد ۾ خوشحالي ۽ بزرگيءَ جي دعا ڪئي، ان ڪري هن خاندان تي ڪنهن به حادثي جو اثر نه ٿو ٿئي. بعد ۾ اُچ ۽ ملتان کان پوءِ اچي سکر ۾ رهيو، پر ڀڪرين مشهوريءَ ڪري اُچ ڏي منسوب رهندو آيو. جيئن اڳ ذڪر ٿي آيو آهي ته ٺٽي جي قضا تان قاضي سيد شڪرالله استعفا ڏني، تڏهن مرزا شاهه حسن، مٿين قاضي سيد، جنهن سان هن جا اڳين وطن هرات کان ئي خانداني لاڳاپا هئا، ۽ انهن تعلقات کي برقرار رکڻ لاءِ هت پڻ هڪ ٻئي جي پرسان رهائش ۽ واسطو پيدا ٿي پيو هون، جي رٿ موجب کيس گهرائي (شيخ محمد اڇي) انهيءَ معزز عهدي تي فائز ڪيو. ميران سيد محمد جونپوريءَ جي دعا جي برڪت ۽ قديمي نجابت سبب، هي عهدو موروثي طور تي سندس اولاد لاءِ وقف ٿيل آهي. مرزا عيسيٰ جي حڪومت جي شروعاتي زماني ۾

سندس تصنيفات مان "روضة الاحباب" زماني ۾ مشهور آهي (١).

(٢) امير نسيم الدين، امير جمال الدين جو پٽ ۽ سيد نظام الدين جو پارهين پيڙهيءَ ۾ ڏاڏو آهي. ان جي لاءِ مير علي شير لکيو آهي ته، حديث جي علم ۾ زماني جو وڏو ماهر هو. پنهنجي والدين بزرگوار جي مسند تي متئين مدرسي ۾ مقرر هو. سندس پٽ سيد عرب شاه والد وارين صفتن سان سينگاريل هو. ان بعد سيد وجيه الدين سندس قائم مقام ۽ يادگار آهي. سندس پٽ سيد شڪرالله شيرازي ٿيو، جنهن جو احوال "تحفة الڪرام" جي ٽئين جلد ۾ ٺٽي جي بيان ۾ آيل آهي (٢).

هي اهو ئي قاضي سيد شڪرالله شيرازي هو، جو سنه ٩٠٦هه ۾ هرات کان قندار ۾ آيو ۽ سنه ٩٢٧هه ۾ قندار کان سنڌ ۾ آيو.

(٣) امير جمال الدين عطاءالله جي چاچي السيد الجليل امير اصيل الدين عبدالله الحسيني الاسڪني الشيرازيءَ جي سلسلي ۾ "تحفة الڪرام" جو مصنف لکي ٿو ته: "علم تفسير، حديث، انشا ۽ تاليف ۾ سندس ڪو به ثاني نه هو. پاڻ سلطان ابوسعيد جي زماني (٨٥٥-٨٧٢هه) ۾ شيرازي کان هرات ۾ اچي رهيو.

هر هفتي هڪ پيرو مدرسه مهد عاليا گوهرشاد آغا ۾ خلق کي وعظ ڪندو هو. ان ريت هر سال ربيع الاول مهيني ۾ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي مجلس ۽ بيان ڪندو هو. سندس تصنيفات مان "شرح درج الدرر برسير سينئه خيرالبشر" ۽ "مزارات هرات" اهم آهن. تاريخ ١٧ ربيع الاول سنه ٨٠٣هه ۾ فوت ٿيو. ڪيس به ناليرا پٽ:
صفي الدين محمد ۽ برهان الدين محمد آهن" (٣).

ساڳئي سيد جي باري ۾ "هفت اقليم" جو صاحب لکي ٿو ته: سيد صاحب شرافت ۽ جلالت جي حقيقت ۾ مشهور هو. علم تفسير ۽ حديث ۾ به بي‌مثل هو. سلطان ابوسعيد جي زماني ۾ شيراز کان لڏي هرات ۾ اچي ٽڪيو. هفتي ۾ هڪ پيرو بادشاه جي تحريڪ تي وعظ ڪندو هو. سندس لکيل ڪتاب "درج الدرر بر سير سينئه خيرالبشر" ۽ "مزارات هرات" جڳ ۾ مشهور آهن (٤).

هن خاندان جي ڪجهه ٻين بزرگن جو تذڪرو به آيو آهي. مير اصيل الدين جي سوٽ سيد الحڪماء امير صدرالدين محمد شيرازيءَ جي باري ۾ "هفت اقليم" ۾ اچي ٿو ته "طبيعت

---

(١) هفت اقليم، مطبوعه بنگال، ص ٢٦١.
(٢) تحفة الڪرام جلد ٢، مطبوعه بمبئي.
(٣) تحفة الڪرام، جلد ٢، مطبوعه بمبئي.
(٤) هفت اقليم، مطبوعه بنگال، ص ٢٦١.

جي رواني ۽ ذهني فراوانيءَ جي ڪري، سيني متبحر عالمن ۽ پوئين دور جي فاضلن ۾ ممتاز ۽ نالي وارو هو. تعليم ۾ فارغ ٿيڻ بعد، درس تدريس شروع ڪيائين. ان بعد تصنيف ۽ تاليف تي همت ۽ ڪوشش ڪيائين. سندس هيٺيان ڪتاب مشهور آهن: "رسالہ تحقيق علم و اثبات واجب"، "حاشيہ شمسيہ" ۽ "مطالعہ و حاشيہ تجريد". سندس وفات سلطان يعقوب جي وفات کان پوءِ سگهو ئي ٿي (۱). تحفة الڪرام ۾ پڻ ساڳي عبارت آرائي ٿيل آهي (۲).

امير صدرالدين جي پٽ خاتم الحڪماء، غوث العلماء، امير غياث الدين منصور شيرازيءَ جي لاءِ "هفت اقليم" وارو لکي ٿو ته: ان چنڊ جي روشني ۽ وڻ جو ميوو آهي. پيءُ کان پوءِ علم ۽ فضل ۾ ڪمال حاصل ڪيائين. سندس حڪمت ۽ رياضيءَ جي علمن جي مهارت جو غلغلو ويجهي ۽ پري جي عالمن جي ڪنن تائين پهتو ۽ پڻ سندس علم و فضل جو آواز ته هر طرف گونجڻ لڳو.

وصف خورشيد از نگويد هوشمند
فيض نور او بود مدحش پسند (۳)

هن متعلق وڌيڪ تفصيل "تحفة الڪرام" ۾ آهي: سندس ولادت سنہ ۹۰۰هہ ۾ ٿي. پنهنجي والد بزرگوار امير صدرالدين کان علم جي تحصيل ڪيائين. چوڏهن سالن جي عمر ۾ علامہ دوانيءَ سان مناظرو هئس. ويهن سالن ۾ سيني علمن کان فارغ ٿيو. ڪجهہ وقت صدارت جو عهدو ماڻيائين. عراق کان مجتهد الزمان شيخ علي بن عبدالعالي تختگاہ ۾ آيو تہ ڪن فسادين شيخ ۽ سيد جي وچ ۾ مناظرو ڪرائي وڌو. بادشاہ مجتهد الزمان جي حمايت ڪئي ۽ سيد ناراض ٿيو. ان بعد صدارت جو عهدو ڇڏي شيراز هليو ويو، جتي سنہ ۹۴۸هہ ۾ فوت ٿيو (۴).

تحفة الڪرام ۾ حبيب السير جي حوالي سان سندس تصنيفات جي هڪ ڊگهي لسٽ موجود آهي. حبيب السير جي صاحب سندس هي تصنيفون ڏنيون: ڪتاب حجة الڪلام، ڪتاب محڪمات، شرح هياڪل انوار، شرح رسالہ اثبات واجب، ڪتاب تعديل الميزان يعني منطق شفا جو خلاصو ڪتاب معيار الافڪار، خلاصہ تعديل الميزان، ڪتاب لوامع، معارج علم هيئت ۾ (اهي ڪتاب سترهن سالن جي عمر ۾ لکيائين)، ڪتاب تجريد بر حڪمت، رسالہ معرفت قبلہ، معالم الشفا طب ۾، معالم الشفا جو خلاصو شافيہ، سفرويہ هيئت، حاشيہ بر الاهيات شفا، حاشيہ بر اشارات، حاشيہ بر حڪمت العين، رسالہ درباب خلافت فرزند مير صدرالدين محمد، رد حاشيہ شمسيہ علامہ دواني،

---

(۱) هفت اقليم، مطبوعہ بنگال، ص ۲۶۱.

(۲) تحفة الڪرام، جلد ۲، ص ۱۷.

(۳) هفت اقليم، مطبوعہ بنگال، ص ۲۵۹ ۽ ۲۶۰.

(۴) تحفة الڪرام، مطبوعہ بمبئي، جلد ۲، ص ۲۷.

رد حاشيہ خلاصة التحقيق، رد بر حاشيہ تهذيب، رد بر الموذج، رسالہ در تحقيق جهات، رد بر رسالہ زدار(؟) رسالہ مشارق در اثبات واجب، ڪتاب اخلاص مغفوري، حاشيہ بر اوائل ڪشاف تفسير سوره، ڪتاب مقامات العارفين (هي رسالو تصوف ۽ اخلاق ۾ پنهنجي پٽ مير شرف الدين عليءَ لاءِ لکيائين)، رسالہ قانون السلطنت. هنن ڪتابن ڪان علاوه هي ڪتاب بہ سندس چيا وڃن ٿا: رياض الرضوان ۽ ڪتاب، اساس در علم هندسہ وغيره. حبيب السير جي مصنف پڻ سندس ڪتابن جو تفصيل آندو آهي. (١)

سيد غياث الدين کي بہ پٽ ٿيا. هڪ سيد شرف الدين ٻيو مير سيد صدرالدين. هن خاندان جي ٻين ٻن بزرگن جو "تحفة الڪرام" ۾ ذڪر آيو آهي. يعني سيد نظام الدين احمد ۽ مير حبيب الله. هي ٻئي بزرگ بہ علم ۽ فضل جي زماني ۾ بي مثال هئا.

**شڪرالاهي سيد:** قاضي سيد شڪرالله شيرازيءَ جي نسبت سان، مير نظام الدين جو خاندان ٺٽي ۾ شڪرالاهي شيرازي سيدن جي نالي سان مشهور ٿيو. هن خاندان جا گهڻو ڪري سڀ ماڻهو علم و فضل ۽ ديني مرتبي جي ڪري زماني ۾ مشهور ٿيندا آيا آهن. اڄ بہ هي خاندان پنهنجي قديم محلي ۾ آباد آهي. موقعي جي مناسبت سان اڳ هن خاندان جي چند بزرگن جو ذڪر بہ ڪندس، تہ جيئن اندازو ٿئي تہ هن گهراڻي جي مختلف ماڻهن، سنڌ اچڻ کان پو علم ۽ ادب توڙي مذهب جون ڪهڙيون ڪهڙيون خدمتون سرانجام ڏنيون.

**سيد شاهہ ولي:** سيد شاهہ ولي بن سيد ابوالقاسم بن سيد علي اڪبر بن سيد عبدالواسع بن سيد محمد حسين بن سيد شڪرالله ثاني. علامہ مخدوم رحمة الله جهڙو مشهور بزرگ جو شاگرد هو. هو املا، انشا ۽ شعر ۾ صاف طبيعت جو ۽ ڪافي ذهنيت جو مالڪ هو(٢).

تحفة الڪرام جو صاحب، مير علي شير قانع "مقالات الشعراء" ۾ سندس ذڪر هن ريت ڪري ٿو: تقويٰ، پرهيزگاري ۽ علمي ڪمالات جي فنن سان سينگاريل، پنهنجو وقت ڪتابن جي اڀياس ۾ گذاريندڙ ۽ طالبن کي درس ڏيندڙ هو. وڏن جي پيرويءَ تي پورو ۽ بزرگيءَ سان سينگاريل، حسن خلق ۾ وڏن ننڍن ۾ مصروف هو(٣).

سيد شاهہ ولي "تحفة المجالس" نالي هڪ ڪتاب بہ لکيو آهي. شوال جي ١٣- تاريخ سنہ ١١٥٠ھ رات جي وقت، پنهنجي جاگير جڳت پور تعلقي ڪڪرالي (سنڌ) ۾ وفات ڪيائين. سندس لاش اتان آڻي، ١٥- تاريخ سندس اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. ان جي هڪ شاگرد لطف الله "قدفات في عشقه" (يعني هو الله جي عشق ۾ وفات ڪري ويو)، مان هن جي وفات جي تاريخ ڪڍي آهي.

---

(١) تحفة الڪرام، جلد ٣، مطبوعہ بمبئي، ص ٢٧ ۽ ٢٣.

(٢) تحفة الڪرام، جلد ٢، مطبوعہ بمبئي، ص ١٩٥.

(٣) مقالات الشعرا، قلمي، ص ٣٠٤.

سيد نظام الدين جي ٻئي ڏاڏي يعني سيد نورمحمد جي پاءُ سيد ظهيرالدين جادم ثانيءَ جي اولاد مان گهڻا ڪمال وارا بزرگ پيدا ٿيا.

**سيد محمد ڪاظم:** سيد محمد ڪاظم بن سيد محمد مقيم بن سيد ظهيرالدين ثانيءَ بابت "تحفة الڪرام" ۾ آهي ته سيد محمد ڪاظم عجيب حالتن جو مالڪ هو. ٻه ٻه، ٽي ٽي ڏينهن ننڊ ۾، جنهن کي عين بيداري سمجهڻ گهرجي، خلوت ۾ پيو هوندو هو ۽ ماڻهو هن جو قلبي ذڪر ٻڌندا هئا. آخر پاڻهي جاڳندو هو. اهڙيون ٻيون به ڪيتريون ئي ڪماليتون هيس، جن جو شمار مشڪل آهي (١).

**تحفة الڪرام جو صاحب:** مير علي شير بن سيد عزت الله بن سيد محمد ڪاظم بن سيد محمد مقيم بن سيد ظهيرالدين به هن سلسلي جو هڪ چمڪندڙ موتي هو. پاڻ "تحفة الڪرام" ۽ "مقالات الشعراء" ۽ ٻيا به ڪيترائي ڪتاب يادگار ڇڏيا اٿس. پاڻ خاص ڪري ذڪر ڪيل هيءُ ٻه ڪتاب نه لکي ها، ته اڄ اسين سنڌ جي سياسي ۽ ادبي تاريخ کان هوند بلڪل بي خبر هجون ها.

**مير عظيم الدين:** هن خاندان جي ٻي هڪ عظيم شخصيت مير عظيم الدين جي آهي. سندس سلسلو هي آهي: سيد عظيم الدين بن سيد يارمحمد بن سيد عزت الله بن سيد محمد ڪاظم بن سيد محمد مقيم بن سيد ظهيرالدين ثاني. هي سيد به وڏي درجي وارو شاعر ۽ اديب هو. هڪ ديوان، هڪ مثنوي هير رانجهو ۽ هڪ منظوم تاريخ "فتح نامه" سندس يادگار آهن.

مطلب ته سيد نظام الدين مؤلف "فتاويٰ عالمگيري" جو سڄو خاندان شيراز، هرات ۽ قندار کان وٺي سنڌ تائين، ڪيئي صديون برابر علم جو درياءُ وهائيندو ۽ دين جي خدمت انجام ڏيندو رهيو.

## (٢) قاضي ابوالخير ٺٽوي

سيد نظام الدين ٺٽويءَ کان پوءِ "فتاويٰ عالمگيري" جي مؤلفن ۾، قاضي ابوالخير ٺٽويءَ جو نالو اچي ٿو. هي بزرگ سنڌ جي مشهور مردم خيز ۽ تاريخي شهر ٺٽي جو رهاڪو هو. پاڻ ٺٽي جي مشهور عالم ۽ بزرگ علامه مخدوم فضل الله جو فرزند هو. جنهن بابت "تحفة الڪرام" آهي ته پاڻ فضيلتن جو جامع، انساني علمن جو ماهر هو، پرهيزگاري ۽ تقويٰ جي زيور سان سينگاريل هو. هميشه علم پاڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو (٢). ٿوري ڦيرقار سان تاريخ معصومي (٣) ۽ ماثر رحيمي (٤) ۾ به سندس ذڪر اچي ٿو. پاڻ مرزا عيسيٰ ۽ مرزا باقي ترخان جو همعصر هو.

---

(١) تحفة الڪرام، قلمي، ص ٥٥٦.

(٢) تحفة الڪرام، قلمي، ص ٦٢٠.

(٣) معصومي، ڊاڪٽر دائود پوٽو، ص ٢١٧.

(٤) ماثر رحيمي، ص ٣٢٨، بنگال.

هن فضل الله جي فرزند مخدوم ابوالخير ٺٽويءَ (فتاويٰ عالمگيريءَ جي مؤلف) جي لاءِ "تحفة الڪرام" جو مصنف لکي ٿو، ته "پنهنجي وقت ۾ هڪڙو ڪامل طالب علم پيدا ٿيو. 'فتاويٰ عالمگيري' جي مسئلن جي چونڊ ۾ شريڪ رهيو" (١).

تحفة الڪرام موجب سندس پٽ ملا اسحاق به ڪمالات جو صاحب هو. سندس پٽ ڪمال الدين هو، جنهن کي ڪوبه اولاد نه ٿيو.

**مترجم جو نوٽ:** مغل بادشاهه اورنگزيب (١٦٥٨-١٧٠٧ع) جي حڪم سان، فقه جو هڪ مستند ۽ جامع ڪتاب عربي زبان ۾ تيار ڪيو ويو. هي ڪتاب پوءِ "فتاويٰ عالمگيري" جي نالي سان مشهور ٿيو. هن علمي ڪم جي پورائي لاءِ شيخ نظام الدين برهانپوريءَ جي سربراهيءَ ۾ عالمن جي هڪ ڪميٽي جوڙي وئي. ساڻس گڏ چار وڏا عالم قاضي محمد حسين جونپوري، سيد علي اڪبر سعد الله خاني، ملا حامد جونپوري ۽ محمد اڪرم لاهوري شريڪ ڪار رهيا. هرهڪ عالم سان گڏ ڏهه ڏهه معاون عالم مقرر ٿيا، جن ۾ سيد نظام الدين ٺٽوي ۽ قاضي ابوالخير ٺٽوي به شامل هئا. فقه جو هي جامع ڪتاب اٺن سالن ۾ تيار ٿيو ۽ ان تي عالمگيري سڪي جا ٻه لک رپيا خرچ ٿيا.

**ڪتب آندل ماخذ:** هن مقالي جي تياريءَ ۾ راشدي صاحب مرحوم جي ڪتاب ڪتب آندا آهن، انهن کي هت هڪ نظر ۾ ڏجي ٿو.

(١) تاريخ معصومي، ايڊٽ ڊاڪٽر دائود پوٽو.
(٢) تحفة الڪرام فارسي، قلمي، مير علي شير قانع ٺٽوي.
(٣) تحفة الڪرام فارسي، مطبوعه بمبئي.
(٤) تذڪره علماءِ هند، مولانا رحمان علي.
(٥) حبيب السير، غياث الدين بن همام الدين محمد خوندمير.
(٦) تاريخ طاهري، قلمي، سيد طاهر محمد نسياني ٺٽوي.
(٧) روضة الصفا، محمد بن خاوند شاهه مير خواند.
(٨) مآثر رحيمي، عبدالباقي نهاوندي.
(٩) مجالس المؤمنين، نور الله شوستري.
(١٠) مقالات الشعراء، قلمي، مير علي شير قانع ٺٽوي.
(١١) هفت اقليم، امين احمد رازي.

---

(١) تحفة الڪرام، قلمي، ص ٦٢٠.

# شهنشاهه اڪبر ۽ دين الاهي

## ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي

[طالب علميءَ جي زماني ۾ جڏهن آءٌ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ”خانواهڻ“ ۾ مرحوم استاد علي بخش پيرزادي وٽ سنڌي فائنل جي تياري ڪندو هئس، ته ان وقت استاد صاحب ٻيـن مضمونن سان گڏ تاريخ بـه پڙهائيندو هو. استاد صاحب هندستان جي تاريخ ۾ اڪبر جي مذهبي پاليسي، خاص طرح ”دين الاهي“ جي موضوع کي تمام سهڻي نموني ۾ سمجهائيندو هو. ان وقت کان وٺي دين الاهيءَ جو تصور، منهنجي ذهن تي ڇانيل رهيو. اڪبر جـي دين الاهيءَ تـي فارسي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ ڪافي ڪجهه ڪتابي صورت ۾ لکيو ويو آهي، ليڪن هـن موضوع تـي سنڌي زبان ۾ هن وقت تائين ڪوبه اهڙو تحقيقي مقالو يـا ڪتاب نـه لکيو ويو آهي. انهيءَ تاريخي کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ هيءُ مقالو اٽڪل ارڙهن ورهيه اڳ ۾ لکيو هئم، جنهن تي ڪجهه نظرثاني ڪري، هاڻي ”مهراڻ“ جي قارئين جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو. ق.ح.خ.]

دهلي سلطنت جي نامياري سلطان فيروزشاهه تغلق (سن ١٣٥١ع کان ١٣٨٨ع) جي وفات کان پوءِ برصغير هندو پاڪ جي مرڪزي حڪومت جو شيرازو منتشر ٿـي ويو ۽ ڪافي عرصي تائين مرڪزي حڪومت ڪـي وري ڪڏهن بـه طاقتور استحڪام حاصل ٿـي نـه سگهيو (١). سلطان فيروزشاهه تغلق جـي وفات کان پوءِ ست حاڪم، هڪ ٻئي پٺيان دهليءَ جي تخت تـي ويٺا، ليڪن اهي ڪڏهن بـه چين ۽ آرام سان حڪومت جو ڪاروبار هلائي نـه سگهيا، ڇاڪاڻ تـه منجهن حڪومت هلائڻ جي ڪابه اهليت ۽ صلاحيت ڪانه هئي. سن ١٣٩٨ع ۾ تيمورلنگ (٢) هڪ وڏي لشڪر سان هندستان تي حملو ڪري آيو ۽ دهلي سلطنت جي بنيادن کي ڪمزور ڪري ڇڏيائين. آخر ۾ گهڻي ڦرلٽ ۽ رتوڇاڻ کان پوءِ تيمورلنگ هندستان کان واپس پنهنجي وطن ويندي، حڪومت جون واڳون سيد خضرخان (المتوفي ١٤٢١ع) جي سپرد ڪيون. سيد خضرخان ۽ سندس پوين اٽڪل اٺيهه سال دهليءَ جو تخت ۽ تاج ماڻيو، پر سندن حڪومت بـه نالي ماتر هئي. سيد گهراڻي جي آخرين حاڪم سيد عالمشاهه جـي زماني ۾ پنجاب جي گورنر بهلول خان لوڌيءَ مرڪزي حڪومت جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺـي، سن ١٤٥١ع ۾ دهليءَ جـي تخت تـي قبضو ڪيو. بهلول لوڌيءَ جـي وفات کان پوءِ سلطان سڪندر لوڌي

(سن ١٤٨٩ع کان ١٥١٧ع) دهليءَ جي تخت ۽ تاج جو مالڪ بڻيو. سندس دؤر ۾ ڪجهه عرصي تائين مرڪز مضبوط ۽ طاقتور رهيو. ليڪن جلدئي سموريءَ سلطنت اندر ڪيترائي لوان فتنا ۽ فساد رولما ٿيا، جن هيڪاري دهلي سلطنت کي ڪمزور ڪري وڌو. ازانسواءِ ابراهيم لوڌيءَ جي حڪومت جو سمورو دؤر (سن ١٥١٧ع کان ١٥٢٦ع) افغان اميرن جي باهمي خانه جنگين ۽ درباري سازشن ۾ گذريو. انهن خانه جنگين ۽ سازشن جو آخر اهو نتيجو نڪتو، جو بابر بادشاهه هندستان تي حملو ڪيو ۽ برصغير هندو پاڪ ۾ "مغل سلطنت" جو پايو وڌائين. بابر کي صرف چئن سالن تائين حڪومت ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيو. سندس اهو مختصر دؤر اڪثر ملڪ جي اندروني لڙاين ۽ جنگين ۾ صرف ٿيو. انهيءَ ڪري بابر حڪومت جي انتظام کي پوريءَ طرح سان، مضبوط بنيادن تي قائم ڪري نه سگهيو. سن ١٥٣٠ع ۾ بابر جي وفات کان پوءِ سندس پٽ همايون، هندستان جي تخت جو وارث بڻيو. ليڪن منجهس پنهنجي پيءُ واري مستقل مزاجي، سياسي تدبر ۽ انتظامي صلاحيت ڪانه هئي، جو ايڏي وسيع سلطنت جي انتظام کي پوريءَ طرح سان قبضي ۾ رکي سگهي. همايون جي انهيءَ ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي، هندستاني افغان اميرن ملڪ اندر فساد ۽ بغاوتون ڪڙيون ڪيون ۽ اهڙيءَ ريت ڪيترائي علائقا مرڪز کان ڇڄي جدا ٿي ويا. آخر ۾ شيرشاهه سوريءَ (المتوفي ١٥٤٠ع) همايون کي جلاوطن ڪري، دهليءَ جي تخت تي پيهر قبضو ڪري، افغان حڪومت قائم ڪئي. ليڪن بدقسمتيءَ سان شيرشاهه سوريءَ جا پويان ڪمزور ۽ نااهل هئا ۽ هو حڪومت کي گهڻي عرصي تائين قائم رکي نه سگهيا. "سُوري گهراڻي" جي انهيءَ ڪمزوريءَ جو فائدو وٺي، سن ١٥٥٥ع ۾ همايون هندستان تي حملو ڪيو ۽ "مغل سلطنت" کي پيهر قائم ڪيو. ليڪن موت جي ماريءَ کيس وڌيڪ مهلت ڪانه ڏني ۽ جلدئي وفات ڪيائين.

## اڪبر جي تخت نشيني ۽ ملڪي حالات

همايون جي مرڻ کان پوءِ سن ١٥٥٦ع ۾ اڪبر تخت نشين ٿيو. اڪبر جي تخت نشين ٿيڻ وقت سمورو هندستان الڳ الڳ صوبن ۽ رياستن ۾ ورهايل هو. اڪبر کان اٽڪل ڏيڍ سؤ ورهيه اڳ جو عرصو، برصغير جي مسلمانن ۾ اخلاقي پستي، روحاني تنزل، بي حسي، بي علمي ۽ بي راهه رويءَ جو دور هو. انهيءَ دور ۾ جيڪي عالم ۽ صوفي بزرگ هئا، اهي گهڻي قدر هندو معاشري ۽ انهن جي تحريڪن کان گهڻو متاثر هئا. انهيءَ زماني ۾ "مهدوي تحريڪ" (٣) به جنم ورتو، ليڪن اها تحريڪ به مسلم معاشري جي زخميل قوت تي ڪا به مرهم رکي نه سگهي. ان دور ۾ وحدت الوجود جي اثر هيٺ اخلاقي انحطاط ۽ روحاني تنزل، خانقاهن ۽ درگاهن کان ٻاهر نڪري، بازارن ۽ عام محفلن ۾ ڦهلجڻ لڳو. هر ننڍي خواهه وڏي شهر ۾ چالاڪ، مڪريل ۽ شعبدي باز صوفين، مجازي عشق کي حقيقي عشق جي آڙ ڏئي، تصوف جي پاڪ نظريي کي مڪدر ڪري ڇڏيو هو ۽ مسلمانن جي اندر هڪ قسم جو انتشار پيدا ڪري وڌو هو.

اڪبر جو دور، هندستان جي تاريخ ۾ هڪ عظيم ترين دور شمار ٿئي ٿو. هيءُ دور ڪيترين ئي اهم ڳالهين جي ڪري وڏي اهميت رکي ٿو. اڪبر پنهنجي دور ۾ ملڪ کي سياسي طرح هڪ وحدت جي ڌاڳي ۾ پوئڻ ٿي گهريو. اها سندس دلي خواهش هئي ته هندوستان ۾ رهندڙ الڳ الڳ قومون پاڻ ۾ ميلي جُلي، هڪ ٿي رهن ۽ پاڻ کي هڪ هندوستاني قوم جي دائري ۾ تصور ڪن. اڪبر کان اڳ ۾ مسلمان حاڪم پاڻ کي هڪ هندوستاني ڪري نه سمجهندا هئا، بلڪ هو پاڻ کي هڪ ڌاريو ۽ غير حاڪم ڪري تصور ڪندا هئا؛ ليڪن اڪبر انهن جي پيٽ ۾ پهريون مسلمان حاڪم هو، جنهن پاڻ کي پهريائين هندوستاني تصور ڪيو ۽ بعد ۾ حاڪم. دراصل اڪبر انهيءَ نظريي تحت، نسلي ۽ مذهبي امتيازن کي مٽائڻ ٿي گهريو. اڪبر دهليءَ جي پين سلطانن وانگر جابر ۽ سخت گير حاڪم نه هو. سلطان التمش، غياث الدين بلبن، علاؤالدين ۽ سلطان محمد تغلق اهڙا تاجدار هئا، جن جي آڏو ملڪ جو امن امان بحال ڪرڻ ۽ جرائم جو انسداد ڪرڻو هو. شير شاهه سوريءَ جو به ساڳيو ئي مقصد هو. مگر اڪبر جو بادشاهي تصور، انهن مڙني بادشاهن کان ابتڙ هو. هو پاڻ کي "رعيت جو ابو" ڪري سمجهندو هو. هندستان جي هندو رعايا، وقت جي بادشاهه کي "وشنوءَ جو اوتار" ڪري سمجهندي هئي ۽ ان کي "ديوتا" جو درجو ڏيندي هئي. اڪبر تخت تي ويهڻ کانپوءِ "مغل سلطنت" جون پاڙون مضبوط ڪرڻ ٿي چاهيون ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هُن ملڪ جي سياست ۾ ڪيترين ئي مصلحت آميز تبديلين ڪرڻ ٿي گهُريون. اڪبر جي اها پاليسي برصغير ۾ "سيڪيولر اسٽيٽ" جو سڀ کان اولين قدم هو، ليڪن انهيءَ ڏس ۾ کيس ڪافي حد تائين ناڪاميءَ جو مُنهن ڏسڻو پيو.

## اڪبر جي اوائلي مذهبي زندگي

اڪبر آزاد خيال ضرور هو، ليڪن ذهني اعتبار جي لحاظ کان وڏو بيدار مغز ۽ روشن دماغ انسان هو. قدرت جي طرفان کيس جودت طبع جو ڪافي حصو عنايت ٿيل هو. هُو هر ڪنهن ڳالهه ۽ مسئلي کي تنقيدي نظر سان ڏسندو هو ۽ ان کي عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيندو هو. هندو رعيت جو اڪثر ڪري وڏو خيال رکندو هو ۽ هر طبقي سان مساوي برتاءُ رکندو هو. سندس مذهبي پاليسي به رواداريءَ جي اصول تي مبني هئي.

اڪبر جي مذهبي پاليسيءَ متعلق مؤرخن ۽ تاريخ نويسن جا جدا جدا رايا ۽ نظريا آهن. انهن مورخن اڪبر جي پوئين مذهبي زندگيءَ جو جائزو وٺي، ڪافي قياس آرايون ڪيون آهن؛ ليڪن اڪبر جي اوائلي مذهبي زندگيءَ تي ڪا به مفصل روشني نه وڌي ويئي آهي. اسان هتي اڪبر جي اوائلي مذهبي زندگيءَ جو مختصر جائزو وٺي، انهيءَ ڳالهه تي روشني وجهنداسون، ته اڪبر اوائل ۾ هڪ پڪي عقيدي وارو مسلمان حاڪم هو. (۴)

لاءِ تمام گهڻو ڪوشان رهندو هو. شاهي محل جي پرسان مسجد ۾ بانگ ڏيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن امامت جا فرائض به خود انجام ڏيندو هو. ثواب خاطر مسجد شريف ۾ ٻُهاري به پائيندو هو" (١٤)

بهرحال اسان مٿي جيڪي بيان ڪري آيا آهيون، تنهن مان اهو پوريءَ طرح واضح ٿئي ٿو، ته اڪبر عالمن، بزرگن ۽ اوليائن جي صحبت ۽ سنگت ۾ رهي، هڪ پڪي عقيدي وارو مسلمان بڻجي چڪو هو. انهيءَ محبت ۽ عقيدت جي جذبي سببان هُن فتح پور سيڪريءَ ۾ شيخ سليم چشتيءَ (١٥) جي خانقاهه لڳ هڪ نئون تخت تعمير ڪرايو هو. (١٦) انهن سڀني ڳالهين جي باوجود اڪبر اڳتي هلي، مذهب جي راهه ۾ ڪنهن حد تائين ٿڪجي ويو. ان لاءِ اسان انهيءَ راءِ جا آهيون، ته. اڪبر ڪو دل سان مذهب کان بيزار ڪونه ٿيو هو ۽ نه وري ڪو دين اسلام کي ترڪ ڪيو هئائين. ديني عالمن ۽ صوفي درويشن جي ظاهري مڪاريءَ ۽ فريب ڪاريءَ سندس دل کي ڪافي صدمو رسايو هو. انهيءَ ڪري سندس دل مان مذهب لاءِ مستقل مزاجيءَ وارو گُڻ نڪري ويو هو. ازانسواءِ عالمن جي باهمي ڇڪتاڻ، سندس ڪن خاص صلاڪارن کي ان ڳالهه لاءِ مجبور ڪيو، ته هُو ڪيس ڪنهن ٻيءَ اهڙيءَ راهه تي وٺي هلن، جنهن سان سندس ذاتي مطلب به پورا ٿين ۽ ان ذريعي مخالفن سان به حساب چُڪتو ڪري سگهجي. ازانسواءِ ڪن اڻ وٽندڙ مذهبي واقعن، سندس هندو راڻين کي اهو موقعو ڏنو، جن ڪيس غلط رستي تي هلڻ لاءِ راهه هموار ڪئي. انهيءَ ڪري اڪبر جي مذهبي پاليسيءَ مختلف رنگ اختيار ڪيا.

اڪبر جي مذهبي پاليسيءَ جا ٻه پهلو هئا: پهريون انتظامي ۽ ٻيو سياسي معاملن ۾ صلح ڪل جي پاليسي. ان سان گڏ شاهي جماعت جي خاص رڪن ۽ عام رعايا لاءِ قاعدا ۽ قانون پڻ مرتب ڪيا هئائين. انهيءَ نئين اصلاحي ڪمن واري پاليسيءَ کي "دين الاهي" ڪري سڏيو ويو. جهانگير جو قول آهي، ته اها صلح ڪُل واري پاليسي هڪ نئين شيءِ هئي، جنهن کي ان دور جو عوام پوريءَ طرح سان سمجهي نه سگهيو. دراصل انهيءَ صلح ڪُل جي پاليسيءَ موجب الڳ الڳ مذهبي فرقن سان رواداري ۽ هڪ جهڙو سلوڪ ڪيو ويندو هو. ساڳئي وقت ڪين حڪومت ۾ حصي وٺڻ جو به پورو پورو حق هو. (١٧)

اڪبر جي "دين الاهي" جي باري ۾ عالمن ۽ مؤرخن جا مختلف رايا آهن. عام طرح اهو خيال ڪيو وڃي ٿو ته اڪبر اسلام کي ترڪ ڪيو هو. ڊاڪٽر سمٿ بلاڪ مين لکي ٿو ته، "اڪبر پنهنجي وڏن جي مذهب کان ڦري ويو هو." (١٨)، ليڪن اهو درست نه آهي. شري رام شرما پنهنجي ڪتاب "شاهان مغليه جي مذهبي پاليسي" ۾ لکي ٿو، ته اهي سڀ ڳالهيون، جي مؤرخن بيان ڪيون آهن، سي صحيح نه آهن. هن صاحب انهن الزامن جي ڪافي حد تائين ترديد ڪئي آهي. (١٩)

## عبادتخاني جي تعمير:

شهنشاهه اڪبر، شيخ سليم چشتي رح جو وڏو معتقد ۽ مريد هو. انهيءَ عقيدتمنديءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ، هُن پنهنجي لاڏلي ۽ سڪيلڌي پٽ جهانگير جو نالو "سليم" رکيو هو. سن ۹۸۲هه-۱۵۷۴ع ۾ شهزادي سليم جي ڄمڻ کان ٻه سال پوءِ، اڪبر فتح پور سيڪريءَ ۾ شيخ سليم چشتيءَ جي خانقاهه جي پرسان، شيخ عبدالله نيازيءَ (۲۰) جي حجري ۾ هڪ "عبادت خانو" تعمير ڪرايو (۲۱). مُلا شيريءَ ان باري ۾ هڪ قصيدو چيو آهي، جنهن جو هڪ بند هن طرح آهي:

درين ايام ديدم جمع با اموال قاروني،
عبادت هائي فرعوني عمارت هائي شدادي (۲۲).

اڪبر جي قائم ڪيل عباد تخاني متعلق عبدالقادر بدايوني لکي ٿو، ته ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ اهو "عباد تخاني" مان بدلجي "عياد تخانو" بڻجي پيو (۲۳).

انهيءَ عبادتخاني ۾ هرجمعي ڏينهن، جمعي نماز کان پوءِ اڪبر هڪ خاص دربار قائم ڪندو هو. عبادتخاني جي انهيءَ مجلس ۾ سادات، مشائخ، عالم ۽ امير سڀئي اچي جمع ٿيندا هئا. اڪبر عباد تخاني جي مجلس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، ملڪ جي وڏن وڏن عالمن ۽ مشائخن کي دعوت ڏيئي گهرائيندو هو (۲۴). مسلمان عالمن سان گڏ جين ڌرم، هندو ڌرم، پٽنڌ ڌرم، عيسائي عالمن ۽ ٻين مذهبي فرقن جي عالمن کي پڻ دعوت ڏني ويندي هئي. اڪبر انهن عالمن جي بحث مباحثي کي چڱيءَ طرح ۽ غور سان ٻڌندو هو ۽ انهن جي پُرمغز تقريرن ۽ دليلن کي صلح ڪُل ۽ سياسي مصلحت جي بنياد تي سوچيندو هو، جاڪاڻ ته سندس زيرنگين هڪ وسيع سلطنت هئي ۽ بي‌شمار خدا جي مخلوق، سندس اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ هيٺ زندگي بسر ڪري رهي هئي.

عبادتخاني جي مجلسن ۾ مذهبي عالم، ظاهري دنيوي شان ۽ شوڪت کي مذهب کان وڌيڪ ترجيح ڏيڻ لڳا ۽ پهرين مجلس ۾ ئي عالمن جو پاڻ ۾ مخصوص نشستن تان اختلاف ٿي پيو. هرعالم اها ڪوشش پئي ڪئي، ته بادشاهه سلامت جي ويجهو، خاص حضور ۾ ويهڻ جو شرف حاصل ڪريان. نيٺ اڪبر جي ذاتي مداخلت تي عالمن جي نشستن جو فيصلو طي ڪيو ويو (۲۵). عبادتخاني ۾ مذهبي بحث مباحثي دوران عالم ۽ مشائخ، توريءَ توريءَ ڳالهه تان هڪ ٻئي سان وڙهندا هئا ۽ نامعقول لفظن ۾ هڪ ٻئي تي گند اڇلائيندا هئا. سچ پچ ته اڪبر جي عهد حڪومت ۾ اسلام تي جيڪو بد ڏکيو وقت آيو، ان لاءِ انهيءَ دور جا عالم ئي جوابدار آهن. اڪبر هڪ آزاد خيال ۽ خودسر حاڪم هو. کيس عالمن جي اها ويڙهه ويڙهان کنهن به طرح سان پسند ڪانه هئي. انهيءَ سلسلي ۾ اڪبر هڪ حڪم نامو جاري ڪيو، ته

جو ٻه عالم مجلس ۾ ڪا به نامعقول گفتگو ڪندو، ته ان کي مجلس مان ٻاهر لوڌي ڪڍيو ويندو. انهيءَ ڪم لاءِ مُلا عبدالقادر بدايونيءَ کي مقرر ڪيو ويو (۲٦).

جيئن ته عبادتخاني ۾ ايندڙ هرهڪ عالم جي اها ڪوشش هوندي هئي، ته هو ڪنهن به طرح ٻين تي پنهنجي قابليت ۽ علميت جو سڪو ڄمائي ۽ بادشاهه جي اڳيان ٻين کي نااهل ۽ جاهل نهرائي، انهيءَ ڪري عبادتخاني واري مجلس کي خالص علمي مجلس سڏي نٿو سگهجي. دراصل انهيءَ مجلس ۾ شريڪ ٿيندڙ عالمن جو مقصد علم جي توسيع نه هو، بلڪ انا جي تسڪين ۽ ٻين جي تضحيڪ ۽ توهين هو. انهيءَ مجلس ۾ عالم جيڪي حربا استعمال ڪندا هئا، تن جو هيٺين واقعي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مُلا عبدالقادر بدايوني لکي ٿو ته جڏهن وقت تاشڪندي نالي هڪ عالم پنهنجو تفسير درٻار شاهيءَ ۾ پيش ڪيو، ته ان وقت حاجي ابراهيم سرهنديءَ (۲۷) مرزا مفلس (۲۸) کان پڇيو، موسيٰ جو صيغو ڇا آهي ۽ ان جو اشتقاق ڪهڙو ٿيندو؟ جيتوڻيڪ مرزا صاحب عقلي خواهه نقلي علوم ۾ يگانه روزگار عالم هو، پر هن سوال جي جواب ۾ منجهي پيو ۽ ڪو به جواب ڏيئي نه سگهيو. انهيءَ تي ٻين خوشامدڙين اهو ظاهر ڪيو ته حاجي ابراهيم، مرزا مفلس کي لاجواب ڪري ڇڏيو (۲۸).

خود مُلا عبدالقادر بدايوني جڏهن پهريون ڀيرو عبادتخاني جي مجلس ۾ آيو هو، تڏهن سندس واسطو قدامت پرست عالمن جهڙوڪ: شيخ عبدالنبي، حاجي ابراهيم سرهندي وغيره سان پيو هو. بدايونيءَ بحث دوران کين لاجواب ڪري ڇڏيو هو.

اگر ذاتي فضيلت کي ظاهر ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جي تڪفير ۽ تذليل تائين معاملو هجي ها، ته به شايد اڪبر مذهب کان ايترو پري نه ٿي وڃي ها؛ پر ڪيترن ئي اهم مسئلن تي خود عالمن ۾ ظاهري اختلاف راءِ هو. هڪ عالم جيڪڏهن ڪنهن مسئلي کي حرام نهرائيندو هو، ته ٻيو عالم ان ساڳئي مسئلي کي حلال قرار ڏيندو هو. اهڙين ڳالهين ۾ سڀ کان پهريائين مُلا عبدالقادر بدايونيءَ پنهنجا جوهر ڏيکاريا. هڪ دفعي عبادتخاني ۾ "تعدادِ ازواج" جي مسئلي تي بحث ڇڙيو. اڪبر کي چئن کان وڌيڪ زالون هيون. اڪبر جي خواهش هئي، ته ڪنهن به راءِ کي جدا ڪرڻ کان سواءِ ڪا شرعي فتويٰ ملي وڃي، ته جيئن ان مسئلي کي پوريءَ طرح حل ڪيو وڃي. ڪيترن عالمن حنفي فقه جي روشنيءَ ۾ ان مسئلي جي سختيءَ سان مخالفت ڪئي؛ ليڪن مُلا عبدالقادر بدايونيءَ "مالڪي فقه" جي روءِ ۾ "متعه" کي جائز نهرائي، بادشاهه جي حق ۾ فتويٰ ڏني. انهيءَ تي اڪبر، حنفي فقه جي درٻاري عالم کي معزول ڪري، مالڪي فقه جي عالم قاضي حسين عرب کي درٻار جو فقيه مقرر ڪيو، جنهن مُلا عبدالقادر بدايوني جي فتويٰ جي توسيع ڪئي (۲۹).

مخدوم الملڪ عبدالله سلطان پوريءَ، شيخ عبدالنبيءَ جي خلاف هڪ رسالو لکيو، جنهن ۾ هن مٿس خضرخان سرواني ۽ مير حبش کي ناحق قتل ڪرائڻ جو الزام صادر ڪيو ۽ اها فتويٰ

اڪبر جي انهيءَ روش ڪي ڏسي، عوام ۾ مذهبي بيراهه روي ۽ بيچيني پيدا ٿي پيئي ۽ اسلام ۾ ڪيترائي فروعي مسئلا ۽ عقيدا رونما ٿيا. عبادتخاني ۾ جڏهن مناظرن ۽ دليلن جي بجاءِ ڪج بحثي ۽ اجائي مذاق ٿيڻ لڳي، تڏهن راسخ العقيده عالمن 'عبادتخاني' ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو ۽ گوشه نشين ٿي ويهي رهيا. انهيءَ تي اڪبر ناراض ٿي، ڪيترن عالمن کي جلاوطن ڪري ڇڏيو.

## عالمن جو اڪبري درٻار ۾ زوال

جڏهن عالم سڳورا پنهنجن ڪج بحثن ذريعي دنيا وارن کي عجيب تماشا ڏيکاري رهيا هئا، تہ ان وقت اڪبر جي درٻار ۾ هڪ اهڙو شخص اچي داخل ٿيو، جو علم ۽ فضل ۾ پنهنجي وقت جو يگانهٔ روزگار هو. اهو شخص هو مُلا فيضي ۽ ابوالفضل جو پيءُ شيخ مبارڪ (٤٠). هُن مخدوم الملڪ عبدالله سلطانپوري ۽ صدرالصدور شيخ عبدالنبي جي ڪترپڻي جي ڪري، ڪيتريوئي تڪليفون سٺيون هيون. شيخ مبارڪ جي انهن تڪليفن جو ذڪر، علامہ ابوالفضل پنهنجي ڪتاب "اڪبرنامہ" ۾ ڪيو آهي. مخدوم الملڪ ۽ صدرالصدور، شيخ مبارڪ کي پنهنجي راهہ جو ڪنڊو سمجهي، پنهي بادشاهہ جي حضور ۾ عرض ڪيو، تہ شيخ مبارڪ مهدوي آهي، تہ شيعہ عقيدو پڻ رکي ٿو. پاڻ خود گمراهہ آهي ۽ ٻين کي بہ گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح بادشاهہ کان شيخ مبارڪ جي قتل جي اجازت حاصل ڪيائون. ليڪن شيخ مبارڪ چالاڪيءَ ۽ سجاڳپ سان پنهنجي جان بچائي، پڇي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. آخر ۾ امير مرزا ڪوڪہ جي سفارش سان سندس جان آزاد ٿي.

سن ١٥٧٩ع ۾ هڪ اهڙو واقعو رونما ٿيو، جنهن عالمن جي اقتدار کي وڏو ڪاپاري ڌڪ هنيو. مترا جي هڪ شخص قاضي عبدالرحيم، مسجد ٺهرائڻ لاءِ سامان گڏ ڪيو هو. هڪ سرڪش برهمڻ ان سامان تي قبضو ڪيو ۽ اهو سمورو سامان کڻائي وڃي هڪ مندر جي تعمير ۾ ڪتب آندائين. قاضيءَ ۽ سندس ساٿين جڏهن برهمڻ کي سامان کڻڻ کان منع ڪئي، تہ هن حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ گستاخيءَ جهڙا لفظ چيا (نعوذ باالله) ۽ مسلمانن کي پڻ گهٽ وڌ ڳالهايائين. قاضي عبدالرحيم اها شڪايت صدرالصدور شيخ عبدالنبيءَ کي وڃي ڪئي. برهمڻ کي درٻار شاهيءَ ۾ طلب ڪيو ويو، پر هُو نہ آيو. آخرڪار شيخ ابوالفضل ۽ بيربل کي موڪليو ويو، جي برهمڻ کي وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيا. برهمڻ کي سزا ڏيڻ جي مسئلي تي عالمن ۾ اختلاف راءِ پيدا ٿي پيو. شيخ عبدالنبيءَ انهيءَ مسئلي تي اڪبر کان راءِ گهري، ليڪن هو ان معاملي کي ٽاريندو رهيو. برهمڻ قيدخاني ۾ بند هو. هوڏانهن اڪبر جون راجپوت راڻيون، برهمڻ کي آزاد ڪرائڻ جي ڪوششن ۾ رڌل هيون. آخرڪار صدرالصدور فتوي ڏيئي، برهمڻ کي قتل ڪرائي ڇڏيو. برهمڻ جي قتل کان پوءِ اڪبر جي راجپوت راڻين ۽ درٻاري خوشامدڙين کي ڪافي وجهہ مليو ۽ بادشاهہ کي چوڻ لڳا تہ حضور اعلي! عالمن کي اوهان ايترو تہ مٿي تي چاڙهي ڇڏيو آهي، جو هو اوهان جي ڪنهن خوشيءَ جو بہ خيال نٿا ڪن ۽

پنهنجي اثر ۽ طاقت ڪسي ڏيکارڻ لاءِ قتل ۽ غارت جي بازار گرم ڪيو ويٺا آهن. بادشاهه انهيءَ واقعي تي ڏاڍو ناراض ٿيو.

انهن ڏينهن ۾ شيخ مبارڪ ڪنهن شاهي تقريب جي موقعي تي درٻار شاهيءَ ۾ آيو. اڪبر عالمن جي طاقت کي بي اثر ڪرڻ لاءِ شيخ مبارڪ سان گفتگو ڪئي. شيخ مبارڪ بادشاهه کي مشورو ڏنو، ته هُو خود اجتهاد جي دعويٰ ڪري سگهي ٿو. اڪبر جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ، شيخ مبارڪ قرآني آيتن ۽ روايتن جي روشنيءَ ۾ هڪ "محضر نامو" تيار ڪيو. ملڪ جي وڏن وڏن جيّد عالمن کي دعوت ڏيئي گهرايو ويو ۽ گهڻي بحث مباحثي کانپوءِ ان تي مهرون هنيون ويون. انهيءَ محضرنامي تي مخدوم الملڪ عبدالله سلطان پوري، صدرالصدور شيخ عبدالنبي، قاضي جلال الدين، قاضي خان بدخشي، ميران صدر جهان جهڙن عالمن پڻ صحيحون ڪيون ۽ مهرون هنيون.

## محضر نامو :

هيءُ محضرنامو آگسٽ ١٥٧٩ع ۾ مرتب ٿيو ۽ ان جو متن هن ريت هو: "هن تمهيد ۽ تشريح جو خلاصو هيءُ آهي، ته سلطان جهان پناهه جي عدل ۽ انصاف، تدبر ۽ انتظام جي ڪري، هندوستان جهڙو وسيع ملڪ امن ۽ امان جو مرڪز بڻجي چڪو آهي ۽ هر هنڌ جا خواص و عوام، خاص ڪري عرب ۽ عجم جا عالم ۽ فاضل، هتي اچي مقيم ٿيا آهن. سيئي عالم وڏي غور ۽ فڪر ڪرڻ کانپوءِ آيت ڪريمه "اطيعو الله و اطيعو الرسول و اولي الامر منڪم" ۽ حديث شريف "ان احب الناس الي الله يوم القيامة امام عادل من يطع الامير فقد اطاعني و من يحصي الامير فقد عصاني و غير ذالڪ من الشواهد العقليه والدلائل النقليه" جي روشنيءَ ۾ اهو فيصلو صادر ڪريون ٿا، ته الله تعاليٰ وٽ سلطان عادل جو رتبو، مجتهد جي مرتبي کان وڌيڪ آهي. حضرت سلطان الاسلام ڪهف الانام اميرالمومنين ظل الله علي العالمين ابوالفتح جلال الدين محمد اڪبر بادشاهه خلد الله ملڪ سڀ کان زياده انصاف وارو، عقل وارو ۽ علم وارو آهي. سلطان عالم عوام جي سهوليت ۽ مملڪت جي انتظام خاطر، مجتهدن وٽ دين جي اختلافي مسئلن مان ڪنهن به هڪ پهلوءَ کي ترجيح ڏيئي، ان کي مسلڪ قرار ڏئي؛ ته اهڙيءَ صورت ۾ بادشاهه جو فيصلو متفق عليه سمجهيو ويندو ۽ ان جي اطاعت ۽ پيروي، سموري رعيت لاءِ لازم هوندي. سلطان عالم پناهه ڪوبه اهڙو قانون ۽ حڪم نافذ ڪري، جيڪو عوام جي سهوليت لاءِ هجي ۽ شريعت موجب هجي، ته ان تي عمل ڪرڻ هر شخص لاءِ لازمي ۽ قطعي هوندو. ان حڪم جي انحرافي ڪندڙ سزا جو مستحق ٿيندو. هيءَ تحرير خلوص نيت تي مبني آهي ۽ خدا جي خوشنودي ۽ اسلامي حڪمن جي ترويج لاءِ، عالمن ۽ فقيهن جي اتفاق راءِ سان ماه رجب ٩٨٧هه ۾ قلمبند ٿي." (٤٣)

انهيءَ محضرنامي جي ڪري، بادشاهه کي سمورا اختيار ملي ويا ۽ سنڌ لاءِ اجتهاد جو دروازو کلي پيو. ڪنهن کي به ڪنهن قسم جي مخالفت جي طاقت نه رهي. تحليل ۽ تحرير جو جهڳڙو ختم ٿي ويو. شريعت جي مقابلي ۾ امام جي راءِ کي فوقيت حاصل ٿي ويئي. مُلا عبدالقادر بدايونيءَ جو قول آهي، ته محضرنامي جي ڪري ڪيترائي بدعقيدا ۽ مسئلا ظاهر ٿي پيا. قرآن پاڪ کي مخلوق نهرايو ويو. وحيءَ کي امر محال چيو ويو. نبوت ۽ امامت جي باري ۾ ڪيترائي شڪ ۽ شبها پيدا ٿي پيا. فرشتن ۽ ٻين غيبي ڳالهين ۽ ڪرامتن جو انڪار ڪيو ويو. (۴۳) مطلب ته هر طرف کان بي ديني ڦهلجي ويئي. ماڻهن کي حڪم ڏنو ويو، ته بادشاهه جو خاص ڪلمو "لااله الاالله اڪبر خليفة الله" پڙهيو وڃي. ليڪن اهو ڪلمو، صرف حرم سراءِ تائين محدود رهيو. (۴۴) مُلا عبدالقادر بدايونيءَ انهيءَ بي دينيءَ جي ماده تاريخ "فتنهائي امت" مان ڪڍي آهي. (۴۵)

## اڪبر جي مخالفت:

اڪبر جي انهيءَ اجتهادي اعلان تي، ان دور جي ڪيترن جيّد عالمن ۽ حق پرست اميرن ۽ درٻارين مخالفت ڪئي. جونپور جي مشهور عالم مُلا محمد يزديءَ بادشاهه جي خلاف ڪفر جي فتويٰ صادر ڪئي. بادشاهه مُلا محمد يزدي ۽ مير معزالملڪ کي ڪنهن بهاني سان شاهي درٻار ۾ گهرايو. فيروزآباد وٽ پنهي کي گرفتار ڪرائي، گواليار جي قلعي ۾ بند ڪرايو ويو. ان کان پوءِ ڪين هڪ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪري، درياهه ۾ غرق ڪيو ويو. بنگال جي قاضي يعقوب مانڪپوريءَ کي به اهڙيءَ طرح ختم ڪرايو ويو (۴۶). مخدوم الملڪ ۽ صدرالصدور کي سن ۱۵۸۰ع ۾ حج ۽ خيراتي ڪمن جي بهاني سان حجاز طرف جلاوطن ڪيو ويو. هنن کي جڏهن بادشاهه جي خلاف عام مخالفت ۽ بغاوت جو پتو پيو، ته واپس موٽي آيا. مخدوم الملڪ واپسيءَ دوران سنه ۱۵۸۲ع ۾ احمدآباد (گجرات) ۾ وفات ڪري ويو. صدرالصدور جو انجام ڏاڍو خراب ۽ حسرتناڪ ٿيو. شيخ عبدالنبيءَ کي گرفتار ڪري، فتح پور سيڪريءَ آندو ويو. بادشاهه، شيخ سان ڏاڍو سخت ڪلاميءَ سان پيش آيو ۽ کيس پريءَ درٻار ۾ منهن تي ٺونشو وهائي ڪڍيائين. انهيءَ تي شيخ بيباڪيءَ سان چيو، ته ان کان بهتر آهي، ته ڇُريءَ سان ڇو نٿا ماريو؟ آخرڪار قيدخاني ۾ کيس گهٽو ڏيئي بيدرديءَ سان ماريو ويو (۴۷).

اهڙيءَ طرح اڪبر مشهور عالمن جي خاتمي کان پوءِ پنجاب جي عالمن کي پڻ پنهنجي غضب ۽ غصي جو شڪار بڻايو. قاضي عبدالشڪور کي جلا وطن ڪري، جونپور جو قاضي مقرر ڪيو ويو: ليڪن هو اڃا الهه آباد پهتو هو، ته کيس معزول ڪيو ويو. قاضي صاحب واپس لاهور ڪونه آيو ۽ الهه آباد ۾ ئي رهي پيو، جتي درس ۽ تدريس ۾ مشغول رهيو (۴۸). شيخ

منور بغي اسرائيل به لاهور جو هڪ وڏو جيّد عالم هو. هيءُ به اڪبر جي جوش ۽ غضب جو شڪار بڻيو.

اڪبر ڪيترن ئي عالمن ۽ بزرگن کي مڪاري ۽ حيلي سازيءَ سان ڪوڙن مقدمن ۾ قاسائي شهيد ڪرائي ڇڏيو. باوجود ائين ڪرڻ جي به، سندس عقيدن خلاف عام شورش ۽ بغاوت جو سلسلو ختم نه ٿيو. انهيءَ سلسلي ۾ ولسينٽ سمٿ لکي ٿو:

"سنه ١٥٨١ع جو سال، اڪبر جي زندگيءَ جو نازڪ ترين سال هو."
مُلا محمد يزديءَ سنه ١٥٨٠ع جي اوائل ۾ اڪبر جي خلاف فتوي ڏني هئي.
ان دور ۾ بهار ۽ بنگال ۾ سندس خلاف بغاوت ٿي هئي، اها اجا ختم ئي
ڪانه ٿي هئي؛ بلڪ توڏرمل، جو ان بغاوت کي ختم ڪرڻ ويو هو،
سو خود منگير ۾ گهيري هيٺ اچي ويو" (٤٩).

اڪبر پنهنجي حڪمت عمليءَ سان بغاوت جو خاتمو آندو، پر عبادت خاني جي حالتن جون خبرون، ٻاهر عوام جي اڳيان اچي رهيون هيون، جن جي خلاف عام برهمي جاري هئي،

## دين الاهيءَ جو نفاذ:

سنه ١٥٨٢ع ۾ "دين الاهيءَ" کي نافذ ڪيو ويو. رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي هجرت کي هڪ هزار سال پورا ڪونه ٿيا هئا، مگر سندن نبوت کي هڪ هزار سال ٿي چڪا هئا (٥٠). انهيءَ ڪري اڪبر جي ذهن ۾ اهو خيال اچي پيو، ته ڇونه نئين دين جي آغاز جو اعلان ڪجي! ان زماني ۾ نئين دين جي اعلان ڪرڻ ۾، اڪبر جي آڏو ڪابه رڪاوٽ ڪانه هئي.

اڪبر ملڪي سڪي خواهه ناڻي ۾ تبديلي آندي. بادشاهه کي سجدي ڪرڻ جو حڪم نافذ ڪيو ويو. شراب جو اگهه خود بادشاهه پاڻ مقرر ڪيو. فتح پور سيڪريءَ ۾ طوائفن جو هڪ وڏو اڏو قائم ڪيو ويو ۽ ان بستيءَ جو نالو "شيطان پوره" رکيو ويو. هجري سن کي ختم ڪري، ان جي جاءِ تي "سن الاهي" جاري ڪيو ويو. راجا ديپچند هڪڙي جلسي ۾ عرض ڪيو، ته جيڪڏهن ڳئون عزت جي لائق نه هجي ها، ته قرآن پاڪ ۾ سڀ کان پهريائين سوره "البقره" ڇو نازل ٿي؟ انهيءَ ڪري اڪبر ڳئونءَ جي ڪوس تي بندش وڌي. ڪتي ۽ سوئر کي پاڪ سمجهيو ويو. سون ۽ ريشم پهرڻ فرض قرار ڏنا ويا.

جهڙيءَ طرح عباسي خليفي معتصم بالله، عربن جي زور ڀڃڻ لاءِ ترڪن کي ترجيح ڏني هئي، اهڙيءَ طرح اڪبر به چاهيو ٿي، ته هندڪي رسمن جاري ڪرڻ سان هندو سندس دين الاهيءَ ۾ شامل ٿيندا. ليڪن بيربل کانسواءِ ٻئي ڪنهن به هندو امير، دين الاهيءَ ۾ شموليت

اختيار ڪانہ ڪئي. دين الاهي صرف ارڙهن ماڻهن اختيار ڪيو هو، جن مان ٺٽي جو حاڪم مرزا جاني بيگ (٥١) سڀني کان اڳرو هو. اڪبر جا جيڪي حلقہ بگوش هئا، سي آهستي آهستي هڪيئي پنهنجا ٽهيان وفات ڪري ويا. سن ١٥٩٣ع ۾ شيخ مبارڪ وفات ڪري ويو. سن ١٥٩٥ع ۾ فيضيءَ هن جهان ڇڏيو. علامہ ابوالفضل، جهانگير جي غصي ۽ غضب جو شڪار ٿي ويو. اهڙيءَ طرح دين الاهيءَ جا سڀ ستون ڊهي پيا.

اڪبر مذهب اسلام کي ترڪ ڪونہ ڪيو هو، ليڪن عالمن جي غلط بياني ۽ ويڙهہ ويڙهان جي ڪري اسلامي تعليم ۽ عقيدن کي سمجهڻ ۾ قاصر رهيو. ازانسواءِ سندس پاليسي، صلح ڪُل جي اصول تي ٻڌل هئي؛ جا هندستان جا عالم ۽ مذهبي پيشوا سمجهي نہ سگهيا. اڪبر جي مذهبي عقيدي جي باري ۾ ڪابہ قطعي راءِ بيان ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو معاملو آهي. هندن، عيسائين، پارسين، شيعن ـ مطلب تہ هرڪنهن مذهبي فرقي اهو محسوس ٿي ڪيو، تہ بادشاهہ اسان جو عقيدو ۽ مذهب اختيار ڪيو آهي.

علامہ ابوالفضل جو قول آهي، تہ اهو سڀڪجهہ بادشاهہ ان ڪري ٿي ڪيو، تہ مملڪت جو هرفرقو ائين محسوس ڪري، تہ بادشاهہ سندن حامي آهي.

اڪبر جي دور جي مؤرخن جي تاريخن ۾ ڪافي اختلاف ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان دور جي معاصر مؤرخن ۽ راوين جي اختلافن سببان اڪبر جي مذهبي پاليسيءَ جي اصل حقيقت جي تہہ تائين پهچي ڪونہ ٿو سگهجي.

اڪبر جي زماني جي حالتن ۽ واقعن جا اکين ڏٺا شاهد، ڪيترائي تاريخ نويس آهن. انهن مان هيٺيان گهڻو مشهور آهن:

(الف) بخشي نظام‌الدين، مصنف "تاريخ طبقات اڪبري".
(ب) علامہ ابوالفضل، مصنف "اڪبرنامہ" ۽ "آئين اڪبري".
(ج) مُلا عبدالقادر بدايوني، مصنف "منتخب التواريخ".
(د) اسد بيگ، مصنف "اڪبرنامہ".
(هہ) شيخ عبدالحق محدث، مصنف "تاريخ حقي".
(و) نورالحق محدث، مصنف "زبدة التواريخ".

بهرحال اڪبر جو "دين الاهي" وارو نظريو، اسلامي نڪتہ نگاهہ کان هڪ فتنو هو، جو ڪانئس پوءِ هميشہ لاءِ دفن ٿي ويو ۽ سندس پوين گاديءَ نشين حاڪمن، ان کي وري ٻيهر ڪڏهن بہ زندهہ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.

# حوالا ۽ سمجهاڻيون

(۱) "تاريخ فيروزشاهي" جو مصنف روايت ڪري ٿو، تہ هڪ بزرگ جمنا درياهہ جي ڪناري تي وضو ڪري رهيو هو: هڪ ٻئي بزرگ ڪانئس پڇيو تہ خبر اٿئي تہ هن محل ۾ ڪير رهي ٿو؟ ماڳهين بزرگ پاڻ مراد و جواب ڏيندي چيو، تہ هن محل جو مالڪ سلطان فيروزشاهہ آهي، جنهن جي قدمن هيٺان هزارين فتنا ۽ فساد دٻيل آهن. جنهن وقت هيءُ بادشاهہ وفات ڪندو، ان ڏينهن دنيا وارن کي سندس شخصيت ۽ مرتبي جو اندازو ٿيندو. اهہ.

عفيف، شمس سراج: "تاريخ فيروزشاهي" (اردو)، مترجم مولوي محمدفدا علي "طالب". جامع عثمانيہ حيدرآباد دکن، ۱۹۳۸ع، ص ۱۸-۱۹.

(۲) تيمورلنگ (۹- اپريل ۱۳۳۶ع-۱۸- فيبروري ۱۴۰۵ع) "برلاس" قبيلي جو فرد هو. چنگيزخان جي اولاد مان هو. مغربي وچ ايشيا کي فتح ڪري، پنهنجي حڪومت قائم ڪيائين. ۲۴- سيپٽمبر ۱۳۹۸ع تي سنڌو درياهہ پار ڪري، ۱۸- ڊسمبر ۱۳۹۸ع تي دهلي فتح ڪيائين.

سيد قاسم محمود: "اسلامي انسائيڪلوپيڊيا" (اردو)، شاهڪار بوڪ فائونڊيشن ڪراچي سنڌ، ص ۵۵۸-۵۹.

(۳) "مهدوي تحريڪ" لاءِ ڏسو راقم جو مقالو "سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ"، ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، نمبر ۱، سال ۱۹۷۱ع.

(۴) اڪبر جي والده حميده بانو، عالمن ۽ اوليائن جي وڏي قدردان هئي. اڪبر کي علم نوازي ۽ درويشن جي قدرداني جي خوبي، پنهنجي والده کان ورثي ۾ ملي هئي. حميده بانو، خواجہ احمدجام زنده پيل رح (المتوفي ۱۱۴۱ع) جي اولاد مان هئي. خواجہ صاحب جي مزار خراسان ۾ آهي. سندس اولاد شيعہ مذهب رکندڙ هو. حميده بانو جو پيءُ بابا ميردوست عرف علي اڪبر، همايون جي قافلي جو سردار هو. علمي فضيلت جي ڪري "فضيلت ماب" جي لقب سان سڏبو هو. همايون جڏهن پيهر هندستان فتح ڪيو، تہ ان وقت مولانا علي اڪبر کي "سه هزاري" جو عهدو مليو. همايون جو قافلو جڏهن "پاٽ" شهر جي ويجهو ڳوٺ "ٻيلي" وٽ پهتو، تہ شهنشاهہ جي والده دلدار بيگم آغاچہ پٽ کي ڏسي، سندس ضيافت ڪئي. هن موقعي تي همايون‌ءَ حميده بانوءَ کي ڏٺو. آخرڪار ۲۹- آگسٽ ۱۵۴۰ع تي مولانا ابوالبقا "پاٽ" ۾ بادشاهہ جو حميده بانوءَ جو نڪاح پڙهايو. بابر بادشاهہ، خواجہ احمدجام رح جي اولاد مان ماهم بيگم سان شادي ڪئي هئي، جنهن جي بطن مان همايون تولد ٿيو. انهيءَ لحاظ کان حميده بانو، همايون جي مائٽياڻي هئي.

مولائي شيدائي: "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد سنڌ، ۱۹۵۹ع، ص ۴۲۳-۲۴.

(٥) بدايوني عبدالقادر مـُلا : "منتخب التواريخ" (اردو)، مترجم محمود احمد فاروقي، شيخ غلام علي ائنڊ سنس لاهور، ١٩٦٢ع، ص ٣٩٣.

(٦) محمد اسلم: "دين الاهي اور اس ڪا پس منظر" (اردو)، ندوة المصنفين لاهور، ١٩٧٠ع، ص ٣٠-٣١.

(٧) شيخ نظام، هندستان جي مشهور شهر "نارنولي" جو وينل هو. پنهنجي وڏي ڀاءُ شيخ اسماعيل وٽان خلافت جو خرقو حاصل ڪيو هئائين. شيخ نظام چاليهن ورهين تائين رشد ۽ هدايت جي مسند تي جلوه‌گر رهيو. پاڻ هرسال خواجه قطب الدين بختيار جي زيارت لاءِ نارنوليءَ کان دهليءَ پيادل ويندو هو. شيخ صاحب سن ٩٩٧هه/١٥٨٩ع ۾ وفات ڪئي.

ڏسو بدايوني عبدالقادر مـُلا : "منتخب التواريخ" (اردو)، ص ٥٧٦.

(٨) اڪبر اجمير ڏانهن ويندي، پيرين اگهاڙو پنڌ ڪيو هو. اهو سفر ٧- رمضان المبارڪ ٩٧٥هه/٦- مارچ ١٥١٨ع تي ڪيو هئائين. انهيءَ سفر جي تاريخ مير علاءالدوله قزوينيءَ پنهنجي ڪتاب "تذڪرة الشعراء" ۾ هن ريت بيان ڪئي آهي:

شاه دين پرور و جمشيد سرير
خسرو عهد محمد اڪبر
ساخت بہ شب پئی فتح چيتور
ديگ روئين تن از در پيڪر
بهر تاريخ ولي از عالم غيب
ديگ چيتور ڪشا شد يڪ سر.

ڏسو بدايوني عبدالقادر مـُلا : "منتخب التواريخ" (اردو)، ص ٣٨٠.

(٩) صدرالصدور شيخ عبدالنبي بن احمد، مشهور بزرگ شيخ عبدالقدوس گنگوهيءَ جو پوٽو هو. مڪي مڪرمه ۽ مديني شريف ۾ قرآن پاڪ ۽ حديث جو علم پڙايو هئائين. پاڻ پنهنجي دور جو هڪ وڏو جيد عالم ۽ محدث هو. هميشه عبادت الاهيءَ ۾ مصروف رهندو هو. شروع ۾ اڪبر سندس ڏاڍو معتقد هو. پاڻ مخدوم الملڪ عبدالله سلطانپوريءَ کان عمر ۾ ننڍو هو، پر هُن وانگر ايترو ظالم ۽ غاصب نه هو؛ ليڪن مسجدن جي امامن کان وڏيون رقمون وٺي، ڪين جاگيرون ونرائي ڏيندو هو. آخر ۾ سندس زوال آيو. شيخ مبارڪ جڏهن "محضرنامو" تيار ڪيو، تڏهن انهيءَ تي صحيح وجهائڻ لاءِ ڪيس پڪڙي وٺي آيا ۽ کانئس زوريءَ صحيح ڪرايائون. سندس قتل جو تفصيلي بيان مٿي ڪري آيا آهيون. شيخ عبدالنبيءَ سن ٩٩١هه/١٥٨٣ع ۾ وفات ڪئي.

ڏسو بدايوني عبدالقادر مـُلا : "منتخب التواريخ" (اردو)، ص ٦٠٥-٦٠٨.

(١٠) ايضاً، ص ٤٣٦.

(۱۱) مخدوم الملڪ عبدالله سلطانپوري جنهن جو تعلق انصاري قوم سان هو. سندس وڏا ملتان جا وينل هئا، جي پوءِ جالنڌر جي ويجهو "سلطان پور" ۾ اچي رهيا. مخدوم الملڪ، مولانا عبدالقادر سرهنديءَ وٽان علم حاصل ڪيو هو. پاڻ فقه ۽ ٻين اسلامي علوم جو وڏو ماهر هو. همايونءَ کيس "مخدوم الملڪ" جو خطاب ڏنو هو. شيرشاهه سوريءَ کيس "شيخ الاسلام" جي لقب سان نوازيو هو. مخدوم الملڪ پنهنجي اقتدار جو اثر ٻن شين تي صرف ڪيو: پهريون مال ۽ دولت کي جائز يا ناجائز طرح سان گڏ ڪرڻ ۽ ٻيو عالمن، درويشن ۽ مشائخن کي اذيتون ۽ تڪليفون ڏيڻ. چون ٿا ته جڏهن پاڻ وفات ڪري ويو، ته سندس گهر مان ٽي ڪروڙ رپيا نقد نڪتا هئا. سندس گهر مان سونين سرن سان ڀريل صندوقون پڻ هٿ آيون هيون، جي هُن مُردن جي بهاني سان قبرن جي صورت ۾ دفن ڪرايون هيون. ماڻهن کي ظاهري روزي، نماز، زڪوات وغيره جي نصيحت ڪندو هو. پر پاڻ ان تي ڪڏهن به عمل نه ڪندو هو. اڪبر کيس زوريءَ حج تي روانو ڪيو هو. ڪجهه عرصي کان پوءِ پاڻ بنان اجازت موٽي آيو؛ ليڪن زندگيءَ ساٿ وفا نه ڪئي ۽ سن ۱۵۸۲ع ۾ احمدآباد ۾ وفات ڪيائين.

ڏسو شيخ محمد اڪرام: "رود ڪوثر" (اردو)، ادارهٔ ثقافت اسلاميه لاهور، ۱۹۸۷ع، ص ۹۴-۹۵.

(۱۲) بيرم خان جو تعلق ايران جي "ترڪمان" قبيلي سان هو. پاڻ بدخشان ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو سيف علي بيگ هو. سيف علي بيگ کي بابر، غزنيءَ جو حاڪم مقرر ڪيو هو. بيرم خان سورهن ورهين جي ڄمار ۾ همايون وٽ ملازمت اختيار ڪئي. پاڻ جنگ جي ميدان ۾ هڪ ماهر بهادر سپاهي هو، ته مستند وزارت تي هڪ مدبر سياستدان ۽ منتظم حاڪم هو. فقيرن ۽ درويشن جو معتقد هو. دانائيءَ، سخاوت، خلوص، حسن اخلاق، نيازمندي ۽ انڪساريءَ ۾ سندس ٻيو ڪو ثاني نه هو. جيڪڏهن بيرم خان نه هجي ها، ته همايون هندستان تي ٻيهر قبضو ڪري نه سگهي ها! کيس جيڪڏهن هندستان ۾ مغل سلطنت جو باني ڪري سڏيو وڃي، ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو. بيرم خان آخر ۾ پنهنجي مخالفت جي سازشن جي وسيع ڄار ۾ ڦاسي پيو ۽ ۱۴- جمادي الاول ۹۶۸هه/۳۱- جنوري ۱۵۶۱ع تي گجرات ۾ شهادت ماڻيائين. کيس سندس وصيت موجب سن ۹۸۵هه/۱۵۷۷ع ۾ مشهد مقدس ۾ مدفون ڪيو ويو.

ڏسو بدايوني عبدالقادر مـلا: "منتخب التواريخ" (اردو)، ص ۳۴۸-۵۰، ۶۶۸-۶۹.

(۱۳) شيخ محمد غوث گواليار، شطاري سلسلي جو وڏو مبلغ هو. سندس نسب جو سلسلو سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطاميءَ سان ملي ٿو. شيرشاهه سوريءَ جي دور ۾ گواليار مان هجرت ڪري، گجرات ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. همايون جڏهن هندستان تي ٻيهر قبضو ڪيو، ته شيخ محمد غوث ٻيهر گواليار موٽي آيو. همايون کيس وڏي عقيدت، عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسندو هو. اڪبر جي قائم ٿيل عبادتخاني ۾ سندس ويهڻ لاءِ خاص جاءِ مقرر ٿيل هئي.

(٢٠) شيخ عبدالله نيازي سرهندي، شيخ سليم چشتيءَ جو مريد هو. پاڻ هميشه اڪبر جي قائم ڪيل عبادت خاني جي پرسان شيخ سليم چشتيءَ جي خانقاهه جي حجري ۾ معتڪف رهندو هو. جڏهن سيد ميران محمد جونپوريءَ مهدويت جي دعويٰ ڪئي، ته شيخ عبدالله به سندس پوئلڳي اختيار ڪئي؛ ليڪن ڪجهه وقت ڪالپوءِ مهدوي عقائدڪي ترڪ ڪري ڇڏيائين. پاڻ توڪل ۽ قناعت جو صاحب هو. سن ١٠٠٠هه/١٥٩٢ع ۾ وفات ڪيائين:

ڏسو بدايوني عبدالقادر مُلا: ”منتخب التواريخ“ (اردو)، ص ٨٦ - ٥٨٥

(٢١) ايضاً، ص ٤٣٤

(٢٢) ايضاً

(٢٣) ايضاً

(٢٤) مولائي شيدائي: ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٩ع، ص ٢٠١

(٢٥) اڪبر عالمن جي نشستن واري جهڳڙي طي ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪيو، ته اتر ڪان صوفي درويش ۽ مشائخ جلوه گر ٿين، الهندي طرف سادات عظام مسند نشين ٿين، ڏکڻ طرف ديني عالم، فقيه ۽ محدث ويهن ۽ اوير طرف امير ۽ درباري ويهن.

ڏسو بدايوني عبدالقادر مُلا: ”منتخب التواريخ“ (اردو)، ص ٤٣٥

(٢٦) ايضاً

(٢٧) حاجي ابراهيم سرهندي آگري جو ويٺل هو. زهد ۽ تقويٰ ۾ پنهنجي دور جو يگانہ روزگار بزرگ هو. ڪيس ديني علمن، خاص طرح حديث جي فن ۾ وڏي دسترس حاصل هئي. شريعت جو سخت پابند هو. ماڻهو ساڻس نهايت ئي ادب سان جهڪي ملندا هئا. جڏهن اڪبر جي تعمير ڪرايل عبادت خاني ۾ آيو، ته شاهي مراسم ۽ تڪلفات جي ڪابہ پابندي ڪانہ ڪيائين ۽ بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ لڳو. خواجہ عبدالصمد عرف عبدالله شيرازيءَ جي ساڻس وڏي عقيدتمندي هئي ۽ هميشه ڪيس چوندو هو ته، ”جيستائين خلفاءِ راشدين جي محبت دل ۾ نہ آهي، ايستائين نماز ۽ روزو سڀ بيڪار آهن.“

ڏسو بدايوني عبدالقادر مُلا: ”منتخب التواريخ“ (اردو)، ص ٦٣٧

(٢٨) سرزا مفلس، مُلا احمد جند جو شاگرد هو. مناظري جي فن جو وڏو قابل هو. آگري ۾ جامعہ خواجہ معين الدين ۾ درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندو هو. ستر ورهين جي ڄمار ۾ مڪي شريف ۾ وفات ڪيائين.

ڏسو بدايوني عبدالقادر مُلا: ”منتخب التواريخ“ (اردو)، ص ٦٤٧

(٢٨) ايضاً، ص ٤٢٧.

(٢٩) ايضاً، ص ٣٩-٤٣٨.

(٣٠) ايضاً، ص ٤٦٥.

(۳۱) تناسخ فلسفہ جبر جو لازمي عقيدو آهي. جيڪي مذهب جبر ڪي تسليم ڪن ٿا، اهي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ تناسخ ارواح ڪي مڃيندا آهن. هندو فلسفي جو هيءُ هڪ اهم بنياد آهي. تصوف ۾ تناسخ جو مطلب، هڪ ذات جو مختلف حالتن ۾ جلون ۾ ظهور ٿيڻ آهي. ويدانيت ۾ "خواهش" تناسخ جو باعث آهي. ذات پنهنجي ڪمال تي پهچي ختم ٿي ٿي، ليڪن خواهشن جي تڪميل لہ ٿي ٿئي ۽ ان تڪميل جي لاءِ ذات ٻئي روپ ۾ جلوه‌گر ٿئي ٿي.

ڏسو بدايوني عبدالقادر مُلا، "منتخب التواريخ" (اردو)، ص ۴۶۸.

(۳۲) ايضاً، ص ۶۸-۴۶۷.

(۳۳) مُلا عبدالقادر بدايونيءَ جنهن بزرگ جو نالو شيخ زمان لکيو آهي، سو غلط آهي. دراصل ان بزرگ جو نالو عبدالملڪ هو ۽ سندس لقب امان الله هو. پاڻ شيخ حسن جو مريد ۽ شيخ مودود لاريءَ جو شاگرد هو. شيخ عبدالحق محدث دهلويءَ جو قول آهي، تہ سندس تعلق ملامتيہ سلسلي سان هو. ابن عربيءَ جو معتقد هو. ۱۲- ربيع الثاني ۹۹۷ھ/۲۸- فيبروري ۱۵۸۹ع تي رحلت ڪيائين.

ڏسو شيخ عبدالحق محدث دهلوي: "اخبار الاخيار" (اردو)، مترجم مولانا سبحان محمود ۽ مولانا محمد فاضل، مدينہ پبلشنگ ڪمپني ڪراچي سنہ، ص ۹۹-۴۹۶.

(۳۴) بدايوني عبدالقادر مُلا: "منتخب التواريخ" (اردو)، ص ۴۶۸.

(۳۵) ايضاً، ص ۴۶۹.

(۳۶) ايضاً.

(۳۷) ايضاً، ص ۴۴۲.

(۳۸) فيضيءَ جا اهي شعر هتي ملاحظي لاءِ ڏجن ٿا:

خداوندي ڪہ مارا خسروي داد
دل دانا و بازوئي قوي داد
بعدل و داد مارا رهنمون ڪرد
بجز عدل از خيال ما برون ڪرد
بود وصفش ز حد فهم برتر
تعالیٰ شانہ الله اڪبر.

ڏسو بدايوني عبدالقادر مُلا: "منتخب التواريخ" (اردو)، ص ۴۷۷.

(۳۹) ايضاً، ص ۴۷۶.

(۴۰) شيخ مبارڪ پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. سندس وڏا اصل ۾ يمن جا رهاڪو هئا ۽ سندن تعلق شيعا فرقي سان هو. شيخ مبارڪ جو مورث اعليٰ شيخ موسيٰ، يمن مان هجرت ڪري سيوهڻ ۾ اچي رهيو. شيخ مبارڪ جو پيءُ شيخ خضر، دادو ضلعي جي ڳوٺ "ريل" مان لڏي ناگور ۾ وڃي رهيو، جتي سن ۹۱۱ھ/۱۵۰۵ع ۾ شيخ مبارڪ تولد ٿيو. راجپوتن جي حملي ڪري، شيخ مبارڪ ناگور مان هجرت ڪري احمد آباد ۾ اچي رهيو.

احمد آباد ۾ فقه جعفريه ۾ اجتهاد جو درجو حاصل ڪيائين. ٣٩- ورهين جي ڄمار ۾ آگري آيو، جتي سندس ملاقات شيخ علائيءَ سان ٿي ۽ مهدوي عقيدو اختيار ڪيائين. همايوني دور ۾ نقشبندي طريقو اختيار ڪيائين. اڪبري دور ۾ وري پنهنجي اصلي روپ ۾ ظاهر ٿيو.

"تفسير ڪبير" جي طرز تي چئن جلدن ۾ هڪ ضخيم تفسير لکيو هئائين، جو "العيون" جي نالي مشهور آهي. شيخ مبارڪ ١- ذوالقعد سن ١٠٠١هه/٣٠- جولاءِ ١٥٩٣ع تي لاهور ۾ وفات ڪيائين.

(٤١) شيخ محمد اڪرام: "رود ڪوثر" (اردو)، ص ٢-١٠١.

(٤٢) بدايوني عبدالقادر ملا: "منتخب التواريخ" (اردو)، ص ٩-٧٨٧.

(٤٤) ايضاً، ص ٤٨.

(٤٥) ايضاً.

(٤٦) شيخ محمد اڪرام: "رود ڪوثر" (اردو)، ص ١٠٥.

(٤٧) ايضاً، ص ٦-١٠٥.

(٤٨) ايضاً، ص ١٠٦.

(٤٩) ايضاً، ص ١٠٨.

(٥٠) ملا احمد بن نصرالله ٺٽوي، اڪبري دور جو هڪ وڏو شيعه عالم ٿي گذريو آهي. اڪبر جي حڪم تي اسلام جي هڪ هزار سالن جي تواريخ "تاريخ الفي" جي نالي سان لکي هئائين. ملا عبدالقادر بدايونيءَ جو قول آهي، ته ملا احمد هڪ وڏو تعصبي هو. سندس وڏا اصل ۾ فاروقي حنفي هئا، پر پاڻ انهن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو.

(ڏسو منتخب التواريخ ص ٥٠٦) کيس فولاد خان برلاس قتل ڪري وڌو.

سندس لاش کي لاهور وارن ڪنهن به قبرستان ۾ دفن ڪرڻ نه ڏنو. آخرڪار ابوالفضل ۽ فيضيءَ پنهنجي اثررسوخ سان کيس ڪنهن قبرستان ۾ دفن ڪرايو ۽ سندس قبر تي پهرو بيهاريائون.

ڏسو محمد اسلم: "دين الاهي اور اس ڪا پس منظر" (اردو)، ص ٣-١٠٢.

(٥١) مرزا باقيءَ جي خودڪشي ڪرڻ ڪان پوءِ سندس سوٽ مرزا جاني بيگ ٺٽي جي گاديءَ تي ويٺو. سندس دور ۾ عبدالرحيم خان خانان سنڌ تي حملو ڪيو. مرزا جاني بيگ وڏيءَ بهادري ۽ جوانمرديءَ سان اڪبري فوجن جو مقابلو ڪيو، ليڪن پاڻ هار کاڌائين ۽ گرفتار ٿي دربار اڪبريءَ ۾ پهتو. اڪبر کيس ٽن هزارن جي منصب تي سرفراز ڪيو. مرزا جاني بيگ سن ١٠٠٩هه/١٦٠٠ع ۾ گهڻي شراب پيئڻ ڪري برهان پور ۾ وفات ڪئي. سندس لاش ٺٽي جي "مڪلي" ٽڪريءَ تي دفن ڪيو ويو. مرزا جاني بيگ، اڪبر جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ "دين الاهي" اختيار ڪيو هو.

# ميان وال تحريڪ جو سرواڻ
## ميان نصير محمد ڪلهوڙو ۽ اُن جا ساٿي

(قسط - ١)

**عبدالله مگسي**

سمن جي صاحبي بعد ارغونن، ترخانن ۽ مغلن سنڌ جي آمن پسند سون ورني ڌرتي کي هڪ ٻئي پٺيان پنهنجي توسيع پسندي ۽ ملڪ-گيري هوس جو نشانو بڻائيندا رهيا. اهي سڀئي ٻاهريان حاڪم گهراڻا ساڳئي نسل، ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ هڪئي علائقي سان واسطو رکندڙ هئا. سنڌي سماج تي سنڌن ظلم جا عيني شاهد ٻکر، سيوهڻ، ٺٽي جا اهي عظيم الشان قلعا ۽ ڪوٽ آهن، جتان هنن بهادر سرويچ ماڻهن جون جانورن وانگر ڪلون لهرائي سنڌن لاشن کي مهينن جا مهينا اونڌو ٽنگي ڇڏيندا هئا ۽ ڪين خوني برجن تان درياءَ سنڌ ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا. قرلت ڪرڻ، امن پسند شهرين تي اوچتو حملا ڪري سنڌن گهرن کي باهيون ڏيڻ، عورتن جون عزتون لٽڻ، ٻنين ٻارن ۽ پيداوار جي اهم ذريعن تي قبضو ڪرڻ ۽ اهڙن ٻين ڪيترين ئي عبرتناڪ ظلم جي داستانن سان تاريخ مظهر شاهجهاني ۽ ان دور جون ٻيون تاريخون هنن جنوني درنده صفت چنگيزي اولاد جي ذڪر سان ڀريون پيون آهن. انهيءَ دور جو ذڪر ڪندي محترم محمد ابراهيم جويو لکي ٿو ته "تقريباً پورا ٻه سؤ سال (١٥٢٠ع-١٧٣٦ع) سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو ائين ارغونن، ترخانن ۽ دهلي جي مغل حڪومت جي هيٺ ۽ رت پياڪ تسلط هيٺ پيسبا ۽ پٽي ٿيندا رهيا. سندن تهذيبي زندگيءَ جو ساهه سندن دشمنن جي مُٺ ۾ گهٽبو ۽ ٻوساٽبو رهيو، سندن ذهني ۽ جسماني صلاحيتون بند هيون ۽ انهن جي هر قوي استعمال ۽ اظهار تي مٿن هنيليون ۽ بي قياس سنگينون اڀيون ٿي ٿي ويون. هنن پهرين ڳالهه هيءَ ڪئي جو سنڌ کي ورهائي ٽڪر ٽڪر ڪيائون ۽ ان جي متحده قومي رياست کي هڪ ڀيرو وري ٻه واو ڪرڪري ڇڏيائون. ارغونن ولايت سنڌ کي ڇهن سرڪارين ۽ مغلن ان کي ڇئن ملڪن ۾ ورهائي ڇڏيو. هي سچو وقت هيءَ يا هوءَ سرڪار هين يا هُن "مُلڪ" يا "سرڪار" سان وڙهندي رهي. ٻيو ته سڀ اهي "سرڪاريون" ۽ "ملڪ" پاڻ کي قائم ۽ پنهنجي لٽ مار کي جاري رکڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي دائري ۾ ماڻهن جي هر قبيلي ۾ اندروني جهيڙن ۽ قبيلن جي هڪٻئي سان ٽڪر ۽ ويڙهه کي سعيو ڪري اڀاريندا ۽ وڌائيندا رهيا. لاڪن کي سميجن جي خلاف، سميجن کي سومرن جي خلاف، سومرن کي ساڇين

ڦهليل آهي. آن ڪري تحريڪ جي ڪاميابين يا ناڪامياين جو مدار اندروني توڙي خارجي رخن تي منبني هوندو آهي. آنهن رخن مان ئي تحريڪ اندر مختلف قوتن جي طاقت جو اندازو ۽ سماج اندر پيدا ٿيندڙ مختلف روين جي ڪٿ ڪري سگهبي آهي. پر آزاديءَ جي جدوجهد جو بنيادي شرط هي آهي ته عوام جي سوچ جي انداز ۽ ذهن ۾ مڪمل تبديلي اچي وڃي، پر هيءَ تبديلي جدوجهد کان اڳ به اچي وڃي ٿي ليڪن آها مڪمل فقط جدوجهد جي دوران ئي ٿي، جاڪاڻ ته عوامي قوتن سان لاڳاپو ۽ قربانين جي ويجهڙائي ۽ هڪجهڙائي جدوجهد کي جلا بخشين ٿيون. ميان نصير محمد ڪلهوڙي پنهنجي تحريڪ کي وسيع ڪرڻ، ان کي انقلابي قوتن سان ڳنڍڻ ۽ ڪارڪنن کي قربانين لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ ڪيترائي طريقا اختيار ڪيا. پهريائين هن مغلن کان قومي آزادي وٺڻ لاءِ جدوجهد دوران عوامي ثقافت جي قدر ۽ قيمت جو صحيح اندازو لڳايو ۽ مغل (هندي) ثقافت جي غلبي ۽ نقصان کان پنهنجي عوام کي آگاه ڪندو رهيو. جاڪاڻ ته ثقافتي بالادستي سبب قومي آزادي ختم ٿي وڃي ٿي ۽ قوم سياسي طور تي استحصال ۽ غلاميءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿي. آن ڪري ميان نصير محمد مغلن خلاف جدوجهد کي وڌيڪ مؤثر بنائڻ لاءِ جيڪا منصوبه بندي ڪئي تنهن جدوجهد ۾ وڌيڪ قوت پيدا ڪئي. ۽ تحريڪ اندر اهڙي صلاحيت پيدا ٿي جو اهم ۽ ثانوي ڳالهين، هاڪاري ۽ ناڪاري عنصرن، دوست ۽ دشمن جي وچ ۾ واضح فرق محسوس ٿيڻ لڳو. نتيجي ۾ عوام جي شعور جي هڪ واضح صورت سامهون آئي ته ڪنهن به نموني مغل اقتدار کي ختم ڪري قومي آزادي حاصل ڪجي. سنڌ اندر "ميان وال تحريڪ"، جنهن ۾ تمام گهڻي اڪثريت هارين جي شامل هئي (خود ڪلهوڙا قيادت به زراعت جي پيشي سان وابسته هئي) تنهن کان حڪمران طبقو ۽ آن جي دلال جاگيردارن زميندارن گڏجي ميان نصير محمد ڪلهوڙي تي دٻاءُ وجهڻ شروع ڪيو. ميان نصير محمد پنهنجن بزرگن ۽ تحريڪ جي اڳين اڳواڻن جي شهادتن مان جيڪو تجربو حاصل ڪيو، انهي کي سامهون رکندي پنهنجي تحريڪ جو عارضي طور تي مرڪز تبديل ڪيو. پاڻ ۽ سندس جانثار ساٿي ٿر جي رڻ ڏانهن هليا ويا. (٣) ٿر جي سفر دوران ميان صاحب جي ڪارڪنن جيڪي سختيون ڏٺيون تن منجهن بلند حوصلو ۽ قربانيءَ جو لازوال جذبو پيدا ڪيو، تاريخ جنت السنڌ جو مصنف مولائي شيدائي لکي ٿو:

"بکر کان مغليه لشڪر جو وڏو ڪٽڪ مٿس ڪاهي آيو. ميان صاحب (ميان نصير محمد) راتو رات گهڻن مريدن سميت ريگستان ڏانهن ڀڄي ويو، پر پوءِ گذران لاءِ تنگ ٿي دادو تعلقي جي پهورن جي ڳوٺ ڏانهن موٽي آيو." (٤)

تاريخ ڪلهوڙا جو مصنف غلام رسول مهر مرات ۽ جواهر جي حوالي سان لکي ٿو ته:

"فيض جي طالبن جي گهڻائي، مقامي زميندارن ۽ وقت جي حاڪمن ۾ به بدگماني پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. انهي ڪري ميان نصير محمد مصلحت کي ڏسندي سير ۽ گشت جو طريقو اختيار ڪيو ۽ ملتان ۽ لاهور طرف هليو ويو، جتي گهڻو وقت گذاريائين." (٥)

ميان نصير محمد ملتان جو سفر ڇو ڪيو؟ سندس ملاقات اتي ڪهڙين شخصيتن يا ڌرين سان ٿي؟ اتي ڪيترو عرصو ۽ ڪنهن وٽ رهائش اختيار ڪيائين؟ انهن سوالن جا جواب نه مرات ۽ نه جواهر واري ڏنا آهن. پر الهيءَ سلسلي ۾ غلام رسول مهر صاحب به ڪا خاص وزندار راءِ ڏئي نه سگهيو آهي. اسان جي ذاتي راءِ ۾ ميان صاحب لاهور ۽ ملتان جو سفر هيٺين ٻن مقصدن تحت ڪيو هوندو.

١- لاهور ۽ ملتان ۾ مغلن خلاف هلندڙ انقلابي تحريڪن سان رابطي ۾ رهي انقلابي شعور کي پختو ڪيو وڃي ۽ اتان دهليءَ جي حالتن مان چڱي نموني واقفيت حاصل ڪري ته جيئن تحريڪ کي وڌيڪ منظم ڪري سگهجي. انهن علائقن جي مغلن خلاف هلندڙ تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ سياسي شخصيتن سان رابطو قائم ڪري انهن جي مدد سان انهن علائقن جي عوام آڏو سنڌ جو ڪيس پيش ڪري. سنڌ اندر مغل نوابن جي ظلمن کي اتي ننگو ڪري، اتان جي عوام جي تائيد حاصل ڪجي، ڇاڪاڻ ته ان وقت سڄي برصغير ۾ سياسي طور تي لاهور کي وڏي سياسي اهميت حاصل هئي. جڏهن به دهليءَ ۾ ڪا سياسي تبديلي يا زلزلو ايندو هو ته ان جا سڀ کان پهريائين جهٽڪا لاهور ۾ محسوس ڪيا ويندا هئا. تاريخ ۾ اڪثر ڪري اهو به ڏٺو ويو آهي ته دهليءَ جو تخت ان کي نصيب ٿيندو هو، جيڪو ملتان جو گورنر هوندو هو. انهن ٻنهي علائقن جي اهميت کي محسوس ڪندي، ميان صاحب اوڏانهن سفر اختيار ڪيو.

٢- مغل گورنرن سان گفت وشنيد ڪري، سياسي طرح، پُرامن طرز تي اقتدار جي تبديلي لاءِ راهه هموار ڪرڻ.

ميان صاحب پنهنجي پهرين مقصد ۾ ڪافي حد تائين ڪاميابي حاصل ڪئي. جڏهن بکر جي مغل نواب کيس گرفتار ڪرائي شاهي قيدي جي حيثيت ۾ کيس عالمگيري دربار ۾ ڏياري موڪليو (٦). شاهي قيدخاني مان ميان نصير محمد وڏي رازداريءَ سان فرار ٿي سنڌ پهتو. انهيءَ فرار ۾ انهن انقلابي شاهي قوتن، جن سان ميان صاحب پنهنجو اڳ ۾ ئي رابطو قائم ڪري چڪو هو، تن ضرور سندس مدد ڪئي هوندي. روايت آهي ته جيل مان فرار ٿيڻ ۾ ميان صاحب جي مدد هڪ مغل شهزادي ڪئي هئي (٧).

ميان وال قيادت تي ميان آدم شاهه ڪلهوڙي کان وٺي ميان دين محمد تائين ٻن قسمن جا الزام هئا. (الف) هنن مقامي زميندارن جي زمينن تي قبضو ٿي ڪيو. (ب) مرڪزي مغل سرڪار جي رائج قانون جي انحرافي ڪندا رهيا. انهن سوالن جي جواب کان اڳ مغل دور ۾ زمين جي ورهاست ۽ زمين جي مالڪي جي سوال کي سمجهڻ ضروري آهي ته جيئن ميان آدم شاهه ۽ سندس اولاد تي لڳايل بي بنياد الزام ۽ سياسي صورتحال کي چڱي نموني سمجهي سگهجي. زمين جي ورهاست جي سلسلي ۾ محترم سبط حسن لکي ٿو:

پنهنجي ماضيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن ۽ تاريخي شعور ذريعي محسوس ڪيو ته سياسي طور تي سنڌ جدوجهد جي اهم موڙ تي اچي پهتي آهي. هاڻي آزاديءَ جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جا آثار ظاهر ٿي چڪا هئا، ڇاڪاڻ ته مغل سلطنت دکن جي لڙائيءَ سبب سياسي ۽ اقتصادي بحران جو شڪار هئي. برصغير جي ٻين علائقن پنجاب جي سکن، سرحد جي پٺاڻن ۽ مرهٽن مغل سلطنت شاهي خلاف جدوجهد تيز ڪئي. مغلن جي عالمگيريت ڪک پن ٿيڻ لڳي. ڪابل ۽ قنڌار جيڪي مغل سلطنت جا ٻاهريان علائقا هئا، انهن علائقن تي ايران پنهنجو فوجي دٻاءُ وجهي رهيو هو، ته جيئن هو مغلن کي انهن علائقن ۾ ڪمزور ڪري، پاڻ انهن تي قابض ٿئي. خود افغانستان ۾ عوامي انقلابي قوتون مغلن جي خلاف منظم ٿي رهيون هيون. بلوچستان پنهنجين مخصوص جاگرافيائي حالتن تحت نيم خود مختيار ٿي چڪو هو. اهڙيءَ خارجي صورتحال سنڌ اندر هلندڙ تحريڪ ۾ وڌيڪ جذبو ۽ سگهه پيدا ڪئي. ان ڪري ميان نصير محمد ”سيوهڻ سرڪار“ جي پرسان موجوده تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جي ڪاڇي واري علائقي ۾ ڳاڙهي نالي ڳوٺ ۾ پنهنجو دائرو قائم ڪيو ۽ اتي ئي پنهنجي هڪ عبوري انقلابي حڪومت قائم ڪئي(١٠). جنهن جو ذڪر خود ان وقت جي مشهور شاعر ميين شاهه عنايت هن طرح ڪيو آهي:

نصرئو نصير ڇانڊڪي ۾ چنڊ ٿي
ڪاڇو ڪوڙيءَ ۾ ڪري، ملهي وينو مير
داماڻي جي ڏونس سان، قري ٿو فقير
آهي عنايت چئي، سندو سنڌ همير
جان جان ٿدي نير، تان تان طبل تنهنجو تجلو. (١١)

انهن شعرن ۽ تاريخ جي حوالي سان اهو چئي سگهجي ٿو ته ميان صاحب جي انقلابي عبوري حڪومت فقط ڪاڇي ۾ قائم ٿي ۽ اتان ئي سڄي سنڌ ۾ پنهنجن ڪارڪنن (فقيرن) کي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ منظم ڪندو رهيو. محترم غلام محمد لاکو ۽ سندس هم خيال تاريخي ڇاڻ رکندڙ دوستن جو خيال آهي ته ميان نصير محمد ڪلهوڙو سنڌ جو پهريون ڪلهوڙو حاڪم هو(١٢).

اسين هتي انهيءَ خيال کي صحيح تسليم نٿا ڪيون. اسان جو چوڻ آهي ته هي سنڌ جي عبوري انقلابي حڪومت هئي، جيڪا ميان صاحب سنڌ اندر قائم ڪري، ان وسيلي سنڌ مان مغل اقتدار کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي اڳواڻي ڪري رهيو هو. ان ڪري ميان نصير محمد کي حاڪم چوڻ هڪ تاريخي غلطي ٿيندي. هو حاڪم نه پر ميان وال تحريڪ (آزاديءَ جي تحريڪ) جو قائد ۽ عبوري انقلابي حڪومت جو سربراهه هو. ڇاڪاڻ ته ميان صاحب جي انقلابي حڪومت کي ڪنهن به عهدنامي تحت نه وري بين الاقوامي طور تي ۽ نه وري ڪنهن اعلان تحت ڌار رياستي تشخص ملي سگهيو(١٣). تاريخ مان ظاهر آهي ته ميان جي پوريءَ

زندگيءَ ۾ سڄي سنڌ تي مغل راڄ قائم رهيو. ان ڪري ميان نصيرمحمد ڪلهوڙي کي خود مختيار حڪمران ۽ سنڌس قائم ڪيل حڪومت کي آزاد رياست ڪنهن به صورت ۾ چئي نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته بکو سرڪار، سيوهڻ سرڪار ۽ ٺٽو سرڪار مغلن جي ماتحت هيون. ڪنهن به سرڪار تي ميان صاحب قبضو ڪونه ڪيو ۽ نه وري مغلن ڪنهن عهدنامي مطابق ڪو علائقو قانوني طور تي ميان جي ڏنو (١٤). اسان جي انهيءَ راءِ جي تصديق مولائي شيدائيءَ جنت السنڌ ۾ هن ريت ڪئي آهي: ”ميان صاحب ٢٥ سالن جي عرصي ۾ فقيرن جي هڪڙي قسم جي حڪومت ڪڙي ڪئي (١٥).“

انهيءَ حوالي مان ثابت ٿئي ٿو ته اها هڪ عبوري انقلابي حڪومت هئي، جنهن کي محترم مولائي شيدائي صاحب فقيرن (ڪارڪنن) جي هڪڙي قسم جي حڪومت سڏي ٿو.

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اسين ميان نصيرمحمد ڪلهوڙي جي زندگيءَ جو تجزيو ڪنداسون ته اسان کي سندس هيٺيان ڪارناما نمايان طور تي نظر ايندا: (١) ميان نصيرمحمد وطن دوستي جي بنياد تي قيد جون سختيون برداشت ڪرڻ جي باوجود آزاديءَ جي جدوجهد کي معظم ڪندو رهيو. هن تحريڪ کي باقاعدي هڪ تنظيم هيٺ (عبوري انقلابي حڪومت تحت) آڻي تحريڪ اندر لڙاجيت پسند لاڙن کي ختم ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري تحريڪ ۾ حقيقت پسند لاڙن کي فروغ مليو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي سماج اندر قومي شعور پيدا ٿيو. ڪارڪنن (فقيرن) کي جدوجهد جي عملي راهه ملي ويئي، جنهن باهمي تعاون، محبت، رواداري، اتحاد ۽ قربانيءَ جهڙيون اعليٰ صفتون پيدا ٿيون. ان ڪري عوام ۽ تحريڪ جي وچ ۾ ڳانڍاپو پيدا ٿيو. جنهن ڪري تحريڪ ۾ ڪوبه انتشار پيدا نه ٿي سگهيو ۽ تحريڪ کي عوام جي تائيد رهي. (٢) ميان نصيرمحمد ڪلهوڙي ماضيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن وسيلي محسوس ڪيو ته ڪارڪنن ۽ عوام جي انفرادي خواهه اجتماعي زندگيءَ ۾ مادي توڙي روحاني طور تي اهڙي وٿي نه هجڻ گهرجي جنهن مان دشمن فائدو وٺي مختلف حربن، چالن، دوکن ۽ فريبن سان عوام کي تحريڪ کان ڪٽي ان کي اڪيلو نه بنائي سگهي، ڇاڪاڻ ته عوامي تائيد کان سواءِ جدوجهد ڪمزور ٿي ويندي ۽ ڪارڪنن ۾ مايوسي پيدا ٿيندي. ان ڪري هن ضروري سمجهيو ته سيني گروهن جي ماڻهن ۾ سياسي ۽ اخلاقي شعور پيدا ڪيو وڃي ته جيئن ماڻهن ۾ حب الوطني، آزادي، انصاف، محبت ۽ قربانيءَ جو جذبو پيدا ٿئي.

اهڙيءَ طرح ميان نصيرمحمد جي سامهون سنڌ ۽ سنڌ جي مسڪين ماڻهن جي آزادي، باوقار، بامقصد ۽ خوشحال زندگي گذارڻ جي تمنا ۽ خواب هئا، جن جي تعبير لاءِ هن زندگيءَ جا ٣٩ سال جدوجهد ڪندي گذاريا. پاڻ ١٦٩٢ع ۾ وفات ڪئي. کيس سندس مرڪزي شهر ڳاڙهي ۾ پنهنجن وفادار ڪارڪنن ۽ شهيدن جي وچ ۾ دفنايو ويو. هتي انهن وفادار ۽ بهادر جوڌن جو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي، جيڪي ساڻس گڏ ڏکن ۽ ڏاکڙن، قيدخانن ۽

مان هڪ واهہ کوٽايو، جنهن تي آبادي ٿيڻ لڳي ۽ اهو سڄو علائقو سرسبز شاداب ٿي ويو. گاجي شاه جي خدمتن کي ڏسندي ميان نصير محمد ڪلهوڙي کيس گنج بخش جو لقب ڏنو يعني ميان جي حڪم تي گاجي شاه پنج هزار ماڻهو يڪدم فوجي خدمتن لاءِ ڏئي سگهيو پئي. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي اسيري واري عرصي ۾ ميانوال تحريڪ جي قيادت گاجي شاه ۽ شاه پنجو سلطان گڏجي ڪندا رهيا. ان ڪري عاضي (عاجزي) ڪندي ميانوال فقير چوندا آهن تہ .

”يارو ڪرو الاتوهار ها ميان شاهل محمد، ميان الياس محمد نصير محمد ها ميان پهجا ڏونڪ دا ڏٺي گاجي گنج بخش لڪين دا ڏاتار سي واليان دي شي ٿيوي يارو ڪرو الاتوهار.“ ڇاڪاڻ تہ هنن پنهي فقيرن ميان صاحب جي مرڪز کان غير حاضري دوران ميانوال تحريڪ ۾ بحران پيدا ٿيڻ نہ ڏنو ۽ مغل قانون کي سنڌ اندر بي اثر بنائي ڇڏيو. اهوئي سبب آهي جو ميانوال تحريڪ جا ماڻهو پنهنجن دعائن ۾ پنهنجي ڪلهوڙا قيادت جي ڏالن کانپوءِ گاجي شاه ۽ شاه پنجي سلطان جا نالا وٺڻ ضروري سمجهن ٿا. اڄان بہ وڌيڪ ثبوت طور ميانوال تحريڪ سان لاڳاپيل عورتون پنهنجن ٻارن کي وڏي کنگهہ جي بيماري وقت پنهنجي سريلي آواز سان هي دعا پڙهنديون آهن.

کر کنگهہ لوڙها لنگهہ، ميان نصير ٿـي دستگير،
گـاجي شاه ڪر نـگـاه، پنجـا پـيـر سهـڻا ويـر،
عنايت شـاه تيڏا رلـگـب، کـر کنگهہ لوڙهـا لنگہ.

مٿي ڏنل دعا مان گاجي شاه ۽ ٻين سردارن جا نالا ميان نصير محمد کان بعد ۾ ورتا وڃن ٿا، جنهن مان سندن حيثيت ظاهر ٿئي ٿي. لڪ وٽ بلوچستان جي بروهين سان ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي فقيرن جو تنازعو ٿي پيو، ان ڪري هڪ بروهي موقعو وٺي گاجي شا تي حملو ڪيو، جنهنڪري پاڻ زخمن جو تاب نہ سهي دم ڏنو. گاجي شاه جي شهادت لاءِ محترم عزيز عزيزالله ڪنگراڻي صاحب لکي ٿو تہ گاجي شاه بروهين جي هٿان مارجي ويو هو. بروهين جو ٽڪر ميان نصير محمد ڪلهوڙي سان هو. ميان صاحب پنهنجي نائب گاجي شاه کي بروهين سان جنگ ڪرڻ جو حڪم ڪيو. گاجي شاه حڪم جي تڪميل ڪندي بلوچستان جي جابلو علائقي ۾ بروهين سان جنگ ڪئي. اها جنگ لوهيءَ کان چند ميل اولهہ ۾ ضلع خضدار جي تعلقي وَڍَ جي حدن ۾ لڳي ۽ گاجي شاه شهيد ٿي ويو. (١٨) کيس سندس جوڙايل مسجد ۾ دفنايو ويو. جتي هن سوره سردار جي مزار عام ماڻهن خاص ڪري ميانوال فقيرن جي رجوعات جو مرڪز بڻيل آهي. پاڻ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي وفات کان هڪ سال اڳ شهادت حاصل ڪئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ گاجي شاه جي وفات جو سال ١٦٩٥ع آهي.

## ٣- فوجو فقير

فوجي فقير جا وڏا اصل ۾ اچ شريف جا رهاڪو هئا. پوءِ هجرت ڪري سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. فوجو فقير ذات جو سومرو هو. سندس اصل ڳوٺ هيرو خان هو، جتي هن ٿهيم قبيلي مان شادي ڪئي. ميان نصير محمد جو اهم ساٿي ۽ تحريڪ آزادي جو ڪارڪن ۽ خدمتگار هو. جڏهن ميان شاهل محمد کي شهيد ڪيو ويو ته ميان نصير محمد ڪلهوڙو لاڙڪاڻي جي چانڊڪا پرڳڻي مان هجرت ڪري دادو ضلعي جي ڪاڇي واري علائقي ۾ ڳاڙهي نالي شهر آباد ڪري اتي رهڻ لڳو. مغل بادشاهه اورنگزيب جڏهن ميان نصير محمد کي باغي قرار ڏئي گواليار جي قلعي ۾ قيد ڪيو ته سندس غير حاضريءَ ۾ فوجي فقير کي ميان جي ديري جون سڀ ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ مامور ڪيو ويو. هو پنهنجي قائد جي غيرحاضريءَ ۾ پنهنجا فرائض سچائي ۽ ايمانداريءَ سان سرانجام ڏيندو رهيو. ميان جي اسيريءَ مان واپسيءَ کانپوءِ فوجي فقير کي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هتڙي واري علائقي مٿان مقرر ڪيو ويو، جتي هن پنهنجي انتظامي مهارت جو ثبوت ڏنو. هي ميان صاحب سان ڪيترين ئي شورشن کي دفع ڪرڻ ۽ مغلن سان لڙائين ۾ هم رڪاب رهيو. انهن لڙائين ۾ هن پنهنجي بهادري ۽ جوانمردي جا ڪيترائي جوهر ڏيکاريا. ميان نصير محمد پنهنجي هن بهادر جنرل جي مدد سان بکر جي حاڪم يعقوب خان کي شڪست ڏني. (١٩) جڏهن ملتان جو مغل گورنر شهزادو معزالدين، ميان دين محمد کي گرفتار ڪري ملتان وٺي ويو ۽ اتي کيس شهيد ڪرائي ڇڏيو ۽ ميان يار محمد سرحد پار ڪري قلات جي بروهين وٽ پناهه ورتي. انهي جنگ ۾ ميانوال تحريڪ جا ڪيترائي نامور سياسي مدبر تجربيڪار بهادر جنرلن ۽ صلاحڪارن شهادت جو جام پيتو تڏهن انهيءَ نازڪ ۽ ڏکئي وقت ۾ تحريڪ آزادي جي جدوجهد ۾ رڪاوٽ ۽ قيادت جو بحران پيدا ٿيو ته ان وقت سڄي ميانوالي تحريڪ جي ڪارڪنن پنهنجي هن جهوني بزرگ ساٿي فوجي فقير کي تحريڪ جي قيادت سنڀالڻ لاءِ چيو، جنهن خوشيءَ سان سندن اها دعوت قبول ڪئي. ۽ ميان يار محمد جي غيرحاضريءَ ۾ تحريڪ کي منظم ڪندو رهيو. سنڌي ۾ چوڻي آهي ته:

پيا سڀ مري ويا پڳ آئي فوجي تي.

يعني مجبوريءَ سببان پيرسن فوجي (فقير) جي اڳواڻي قبولي وئي. هن پير مرد ميان يار محمد جي ڏينهن ۾ سو سالن جي چمار ۾ لاڏاڻو ڪيو. چون ٿا ته هڪ پاسي فوجي فقير جي ميت کي سندس اڳواڻ ميان نصير محمد جي پير ۾ دفنايو پئي ويو ته ٻئي پاسي ميان يار محمد پنهنجي فتح ۽ ڪامرانيءَ جا طبل وڄائيندو منڇر جي ڪناري شاهه حسن جي ڳوٺ ۾ اچي خيما کوڙيا، جتي کيس پنهنجي وفادار امير جي لاڏاڻي جي سڌ پئي. ان وقت ميان پنهنجي ڪاري ڪتي لاهي زمين تي وڇائي ۽ چيائين ته "هيءَ ڪتي فوجي فقير جي وفاداريءَ جي ساک ڏئي ٿي." جنهن تي ميان سان گڏ سڀ فقير ڏکارا ٿي ويا ۽ پنهنجي جهوني ساٿيءَ جي موت

تي ماتم ڪرڻ لڳا. ڪاڇي ۾ هن وقت به سنڌ جي هن بهادر سپاهيءَ جي ٽالي سان ”فوجڪي ديهه“ موجود آهي. فوجي فقير جي مزار مٿان ميان غلام شاهه ڪلهوڙي هڪ عاليشان مقبرو تعمير ڪرايو. سندس يونين مان ڪي ماڻهو هيرو خان ۾ رهندا اچن ۽ ڪجهه ماڻهو لاڏي اچي داد و شهر ۾ سڪونت پذير ٿيا، جن مان ميان گل محمد ”گلاب“ سومرو، جان محمد سومرو ۽ ڊاڪٽر نياز حسين موجود آهن. ميان گل محمد ”گلاب“ سومرو اڃا به پنهنجي وڏڙن جي روايتن کي جيئرو رکيو اچي. پاڻ شهر جو ناميارو سماجي ڪارڪن، علم دوست ۽ پورهيت ماڻهو آهي. هو اڄ ڪلهه قرآن پاڪ جو پهريون محاوره سرائڪي ترجمو ڪري رهيو آهي.

## شاهه پنجو سلطان:

شاهه پنجو سلطان ڏهوٽ قبيلي مان هو. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي وڏن فقيرن مان اهم شخص هو. ميان جي اسيريءَ وقت پاڻ گاجي شاهه سان گڏجي جدوجهد جي اڳواڻي ڪندا رهيا. سندس ڪوشش سان سنڌ جي انهن علائقن ۾ جتي ميان وال تحريڪ پنهنجي اوج تي هئي، اتي مغلن جي عدالتي سرشتي کي مفلوج ڪري ڇڏيو. چون ٿا ته ”هن بزرگ دهليءَ جي ستن قاضين کي عورتون بنائي ڇڏيو.“ ٻين لفظن ۾ شاهه پنجي پنهنجي حڪمت ۽ فراست سان مغل قانون کي عورت جيان ڪمزور ۽ نستو ڪري وڌو، جنهن ڪري مغلن جون ست عدالتون بند ٿي ويون جنهن ڪري عوام انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه پنجي جي برپا ڪيل ”عوامي عدالتن“ ۾ فيصلو ڪرائڻ کي ترجيح ڏيڻ لڳو.

ميان نصير محمد ڪلهوڙو جڏهن شاهي قيدخاني مان فرار ٿي سنڌ پهتو ۽ ڳاڙهيءَ ۾ پنهنجي ”انقلابي عبوري حڪومت“ قائم ڪيائين، تڏهن هن ڪجهه علائقن تي قبضو ڪيو. ميان صاحب شاهه پنجي جي سياسي سرت، انتظامي، عدالتي ۽ فوجي قابليت ۽ مهارت جي بنياد تي کيس ”سلطان“ جو لقب ڏنو، خيرپور ناٿن شاهه، ميهڙ تعلقي جي ميداني ۽ ڪڇي واري علائقي تي کيس پنهنجو نائب مقرر ڪيو ته جيئن درياهي پٽڻ تي سندس قبضو رهي ۽ وڻج ۽ واپار يا آمدرفت ۾ ڪوبه رخنو نه پوي. درياهي پٽڻ تان محصول وٺڻ جا اختيار شاهه پنجي جي حوالي هئا، جنهن ڪري ميان نصير محمد کي سندس عبوري حڪومت لاءِ پئسي جي معاملي ۾ ڪوبه بحران ڏسڻو نه پيو. سندس زندگيءَ جي حالتن ۽ ڪارنامن جو وڌيڪ احوال هٿ نه اچي سگهيو آهي. اميد ته تاريخ جو ايندڙ مورخ سنڌ جي هن عظيم سپوت تي پنهنجو قلم ضرور کڻندو.

سندس عاليشان مقبرو راڌڻ اسٽيشن کان اوڀر ۾ سندس ٽالي پنيان سڏجندڙ ڳوٺ ۾ آهي، جيڪو ان وقت سنڌ جو اهم شهر ۽ درياهه جو اهم ۽ مکيه بندرگاهه هو. سندس انهيءَ اهميت جي ڪري ئي شاهه پنجي ان کي پنهنجو هيڊڪوارٽر مقرر ڪيو ۽ اڄ اهو شهر سندس ٽالي مان ”شاهه پنجو“ مشهور آهي. هاڻي هتي هڪ يونين ڪائونسل آهي ۽ شهر کي هڪ ننڍڙي ريلوي اسٽيشن به آهي. هن شهر جو اڳوڻو ٽالو ڇا هو؟ اهو سوال اڃا تحقيق طلب آهي.

## گولو ڪوسو

ميان وال تحريڪ ۾ هڪ ”ساڙهي وال“ جٿو موجود هوندو هو، جنهن ۾ شامل ڪارڪن تحريڪ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ هردم تيار رهندا هئا. اهي فقير سموري حياتي شادي نه ڪندا هئا. سدائين ڪفن ويڙهي هلندا هئا (٢٠). اهڙي قسم جا جوڌا اڄوڪي جديد سياسي اصطلاح ۾ ”جيئرا جاڳندا بم“ ۽ خودڪشي لاءِ آماده ڪمانڊو يا جٿا سڏيا آهن. گولو ڪوسو اهڙي ’ساڙهي وال‘ جٿي جو اهم ۽ سرگرم ڪارڪن هو. ساڙهي وال جٿي جي فرضن ۾ اهو ڪم به شامل هو، ته هو مغل راڄ جي حامي قبيلن تي اوچتو راتاها هڻي ڪين وڏ ۾ وڏ جاني ۽ مالي نقصان ڏين ته جيئن سندن معاشي، مالي ۽ فوجي سگهه ستي ٿئي ۽ آخرڪار ختم ٿئي. انهيءَ مقصد پٽاندر گولو ڪوسو پيان سعيدآباد ۽ سيوهڻ جي پسگردائيءَ ۾ مغلن جي حامين تي اوچتو راتاها هڻي سندن مال ماري، هنن جو جاني ۽ مالي نقصان ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن پڻ سعيدآباد جي علائقي مان مغلن جي حامي قبيلي جو مال ماري لوهي ڏانهن پئي ويو جو پنهورن سان رستي ۾ مقابلو ٿيس، جنهن ۾ گولو ڪوسو مارجي ويو. ميان نصيرمحمد پنهنجي هن جنگجو ڪارڪن جي موت جو بدلي ڪاوڙ ۾ پنهورن ڪان زمينون کسي ڪوسن جي حوالي ڪيون.

محترم عزيزالله ڪنگراڻي هن بهادر ڪارڪن جي مدفن جي جاءِ جي نشاندهي ڪندي لکي ٿو:

> ”ميان نصيرمحمد فيصلو ڪري گولي جي خون عيوض اولهه پاسي جبل ڪان ناڙيءَ تائين پنهورن جون زمينون ڪوسن کي ڏنيون، جنهن ٽڪري تي گولي کي ماريو ويو هو، کيس اتي ئي دفن ڪيو ويو. اهو ٽڪر اڄ ’گولي جو ٽڪر‘ سڏجي ٿو. هي ٽڪر ڳوٺ علي مراد شاهاڻيءَ ڪان سڏ پنڌ تي ڏکڻ پاسي آهي (٢٠).“

## جنگو خان جمالي

پياري ڪوسي جڏهن بغاوت جو علم بلند ڪيو، ته ڪوسن جي پيدائشي پاڙي سان واسطو رکندڙ ڪوسن پياري جو ساٿ ڏنو. انهيءَ سازش جو اڳواڻ بلو ڪوسو هو، جيڪو تمام بهادر ۽ سرڪش ماڻهو هو. هو لوڙهيون هڻندو ميان نصيرمحمد جي انقلابي عبوري حڪومت کي ڪمزور ڪندو رهيو. سندس انهيءَ عمل مغل سلطنت جي ايجنٽن کي، ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ واري پاليسيءَ اچا به وڌيڪ مضبوط ڪيو. هڪ ڏينهن بلو ڪوسي پڻ شاهاڻي قبيلي جي ماڻهن کي ماري وڌو. انهن جون زالون علائقي جي جمالي سردار جنگو ڏانهن دانهن ڪٽي ويون. جنگو خان ڪوسن، جمالين، شاهاڻين ۽ لنڊن جي قبيلي جا ماڻهو گڏ ڪري هڪ لشڪر تيار ڪري بلي تي حملو ڪيو ۽ کيس قتل ڪري ڇڏيو (٢١) اهڙيءَ طرح جنگو خان جمالي پنهنجي اعليٰ تدبر ۽ جنگي مهارت سان اها شورش ختم ڪرائي ڇڏي. محترم عزيزالله ڪنگراڻي بلي ڪوسي جي بغاوت لاءِ لکي ٿو:

”ان وقت ڪوسن جو زور تمام گهٽو هو. ڪلهوڙا حڪمران پڻ سندس قوت کان خوفزده هئا. ڪوسن جي زور پڃڻ لاءِ اهڙيون حڪمت عمليون اختيار ڪيون ويون ته جيئن سندن قوت ٽٽي (۲۲) عزيز صاحب جي انهيءَ لکڻي مان ظاهر ٿئي ٿو ته بلو ڪوسو هڪ لڙاجيت پسند دهشت گرد هو، جنهن جي هر عمل رياستي اقتدار کي مضبوط پئي ڪيو ۽ تحريڪ آزادي ۾ رڪاوٽ پئي وڌي، جنهن کي ميان نصير محمد جي اشاري تي جنگوخان جمالي ختم ڪري ڇڏيو. جنگوخان جمالي پنهنجي قبيلي جو سردار هوندو هو ۽ ٽنڊي رحيم جي لڪ جي لگهداري لاءِ مقرر ٿيل هو. اڄ تائين سندس اولاد وٽ سرداريءَ جي پڳ هلندي اچي ٿي. هن وقت هن خاندان جي پڳ رئيس محمد بخش خان جنگواڻي کي آهي، جنهن وٽ ميان نصيرمحمد جي طرفان ڏنل انعام ۾ تلوارون ۽ ٻيون نادر شيون موجود آهن. هن امير ۽ سردار جو آخري آرامگاه مليلي جي قبرستان ۾ آهي، جيڪو ڳوٺ ٽنڊي رحيم کان اٽڪل ڇهن ڪلوميٽرن تي اتر ۾ آهي. سندس مزار تي عاليشان مقبرو اڏيل آهي.

## فقير خيرو ولاڏو

سندس سچو نالو خيرمحمد هو. هي فقير، دل جو سخي، تلوار جو ڌڻي ۽ هڪ جرئت مند سپاهي هو. هن جي مدد سان گاجي شاهه، ڪوسن جي بغاوت ختم ڪرائي ۽ ڪوسا ڪاڇو ڇڏي ڪڇ ۽ پڇ ڏانهن لڏي ويا. خيرو شڪار ڪرڻ جو شوقين هو، جنهنڪري ڪيس ولاڏو يا ورائو سڏيو ويندو هو، جنهن جي معنيٰ آهي شڪاري (۲۳) روايت آهي ته هڪ ڏينهن ميان نصيرمحمد ڪلهوڙي جي ملاقات تي وڃي رهيو هو ته واٽ تي هڪ هرڻ جو شڪار ڪيو. هن سوچيو ته ڇونه مرشد کي هرڻ جو پڪل گوشت کارائي، سو ڇا ڪيائين ته شڪار ٿيل هرڻ کي ساهه تي پچائي ميان نصير محمد وٽ کڻي ويو، جنهن ڪيس حڪم ڪيو ته پڪل گوشت ڪچهريءَ ۾ ويٺل ماڻهن ۾ ورهائي ڏي. جڏهن ميان نصير محمد ڪلهوڙو پنهنجي حصي ۾ آيل پاڳو حويلي ڏانهن کڻي پئي ويو ته واٽ تي ڪيس خيال آيو ته سندس اميرڪبير ساٿي گاجي شاهه ڪچهريءَ ۾ موجود نه آهي، ان ڪري پاڻ موٽي اچي پنهنجي پاڳي مان ڪجهه حصو ڪڍي خيري کي ڏنو ته هو اهو پڪل گوشت گاجي شاهه کي پهچائي اچي، پر ڪيس تاڪيد ڪندي منع ڪيائين ته گاجي شاهه کي نه ٻڌائي ته ميان پنهنجي حصي مان هي گوشت ڏنو آهي. ميان نصيرمحمد جي انهيءَ عمل مان خيرو ولاڏو سمجهي ويو ته ميان کي گاجي شاهه سان ڪيڏي نه محبت آهي، ان ڪري فقير خيرو ولاڏو، گاجي شاهه جي خدمت ۾ گهڻو وقت گذارڻ لڳو. گاجي شاهه جي وفات کانپوءِ پاڻ مايوسيءَ جي عالم ۾ رهڻ لڳو. سندس اکين مان مهينن جا مهينا آب جاري رهيو، جنهنڪري نظر گهٽجي ويس ۽ جلدئي وفات ڪيائين. کيس گاجي شاهه جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. (۲۴)

(هلندڙ)

# سنڌ جي تاريخ جا ماخذ ۽ اسان جون جوابداريون

غلام محمد لاکو

[هن مضمون جي تياريءَ لاءِ محترم سيد حسام الدين راشدي جي مقالن مان گهڻي مدد ورتل آهي، جي سڀ سنڌس ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ۾ موجود آهن.]

سنڌ جي تاريخ جا چار مکيه باب آهن. سڀ کان اول، سنڌو ماٿر جي تهذيبن جو دور اچي ٿو، جو ٢٥٠٠ ق.م. کان شروع ٿي، ١٥٠٠ ق.م. تي ختم ٿئي ٿو. اڄ صدي اڳ گڏيل هندستان جي آرڪيالاجي کاتي وارن، هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي کوٽاين مان، تاريخ سنڌ جي هن عظيم الشان باب کي دريافت ڪيو. سنڌو تهذيبن جي هڪ هزار سال واري عرصي جي اڀياس لاءِ، صرف آرڪيالاجي کاتي جي کوجنائن ۽ رپورٽن تي ڀروسو ڪرڻو آهي، جنهن لاءِ سڄو مواد انگريزي ٻوليءَ ۾ آهي. جيئن جيئن کوٽاين جو دائرو وسيع ٿي رهيو آهي، ان ريت سنڌو تهذيبن جي عمر ۽ ايراضيءَ ۾، حيرتناڪ حد تائين واڌارو ٿي رهيو آهي. هوئن ته سڄي دنيا ۾ سنڌو تهذيبن جي اڀياس ۾ دلچسپي ورتي وڃي ٿي، ليڪن ڪجهه سال ٿيا آهن، جو ڀارت ۾ هن دور بابت، هيل تائين ٿيل تحقيق متعلق هڪ ببليوگرافي پڻ شايع ٿي آهي(١).

اسان جي اتهاس جي ورندڙ باب کي قديم سنڌ (Ancient Sindh) جو نالو ڏنو ويو آهي. هي باب ١٥٠٠ ق.م. کان شروع ٿي، سن ٧١٢ع ۾ راجا ڏاهر جي زوال تي ختم ٿئي ٿو. دارا ۽ سڪندر هن عرصي ۾ سنڌ تائين پهتا. ساسانين ۽ موريا گهراڻي به پنهنجو وارو وڄايو. ٻاهه جي پوڄا به ٿي، ٻڌ ڌرم به پنهنجا نشان قائم ڪيا ۽ آخر ۾ هت برهمڻن به پنهنجي مڪمل آزاد حڪومت قائم ڪئي. ان کان هٽي ڪري هي به هڪ حقيقت آهي ته سنڌو تهذيبن جي اچانڪ خاتمي کان ڪري دارا جي حملن تائين، وچ وارو هڪ هزار سالن جو عرصو سياسي طرح ٻنهه اونداهو زمانو ڏسجي ٿو، جنهن ۾ ٿيل هڪ-اڌ واقعي کان وڌيڪ ڀاڻ ڪي ڄاڻ ڪانهي. سنڌ جي تاريخ جي هن قديم دور بابت، هڪ طرف آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ مواد مهيا ڪيو آهي، ته ٻئي طرف انگريز اسڪالرن ۽ محققن ايراني، يوناني، هندي ۽ ٻوڌي ذريعن جي مدد سان، انگريزي ٻوليءَ ۾ گهڻو ذخيرو گڏ ڪيو آهي. ڪجهه سال اڳ سنڌي ادبي بورڊ

(1) Ashim Kumar Roy and N.M Gidwani: "Indus Valley civilization-A bibliographic essey", Delhi, 1982.

اسلام کان اڳ جي سنڌ بابت، ڊاڪٽر ليمبرڪ جي تحقيق شايع ڪئي هئي (١). ليڪن تازي دور ۾ محترم ايم. ايچ. پنهور ان ڏس ۾ وڏيڪ مستند ڪم ڪيو آهي (٢). اسلام کان اڳ سنڌ تي راءِ خاندان ۽ برهمڻ گهراڻي جو حڪم هليو. سنڌ جي هنن ٻن آخري هندو حڪمران گهراڻن بابت، اسان کي ڪنهن حد تائين تحريري رڪارڊ مليل ٿو. سن ٧١٢ع ۾ هت عربن جي حڪومت قائم ٿي. سنڌ جي تاريخ جي بنيادي ماخذن جو وڏو تعداد مسلم عهد ۾ فارسي زبان ۾ لکيو ويو. اسين هت ان متعلق تفصيلي اڀياس ڪنداسين ۽ ڏسنداسين ته ڪيترا ماخذ سنڌ جي تاريخ بابت لکيا ويا، انهن جو ڪيترو تعداد ڇپجي اسان تائين پهتو آهي ۽ گهڻو ذخيرو آهي جو اڃا پريس کان اوجهل آهي؟

## سنڌ جي تاريخ جا ماخذ

سنڌ جي اتهاس جو ٽيون مکيه باب مسلم پيرڊ جو احاطو ڪري ٿو، جنهن کي عام طرح ميڊيول (Medieval) پيرڊ به سڏجي ٿو. هي مکيه دور عرب تسلط کان شروع ٿي، سن ١٨٤٣ع تي ميرن جي خاتمي تي پورو ٿئي ٿو. عربن سنڌ تي ٽي صديون (٧١٢-١٠١٠ع) راڄ ڪيو. هن دور جي اڀياس لاءِ سوين سفرناما، تاريخون ۽ جاگرافيءَ جا ڪتاب ملن ٿا، جي سڀ جا سڀ عربن پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکيا. شايد انهن مان سنڌ ۾ لکيل اڪيلو ڪتاب "فتح نامہ" آهي، جو گهڻو پوءِ فارسي زبان ۾ ترجمو ٿي "چچ نامہ" جي نالي سان پاڻ تائين پهتو آهي. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ سموري متعلقہ مٽيريل کي ڪٺو آڻي، سنڌ جي عرب دور تي انگريزي زبان ۾ ٻه ڪتاب لکيا آهن (٣). جان جهانگير بيڊ پڻ انگلينڊ ۾ هن پيرڊ تي ڪم ڪيو آهي. ڊاڪٽر مبارڪ علي صاحب جي روايت آهي ته، مصنف کي "دي عربس اِن سنڌ" عنوان تي مقالي لکڻ تي، يوٽا يونيورسٽي ١٩٧٣ع ۾ ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ڏني آهي (٤). ذڪر هيٺ آيل دور ۾ لکيل سوين عربي ڪتابن ۾، سنڌ جو ڪجهه نہ ڪجهه احوال ملي وڃي ٿو. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي جو انهن اقتباسن کي، سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪري، سهيڙي نروار ڪجي ۽ وڏيڪ تحقيق لاءِ آساني پيدا ڪجي (٥).

---

(1) H.T. Lambrick: "Sind before Muslim Conquest", S.A.B. 1973.
(2) M.H. Panhwar: "Chronological Dictionary of Sind", P.P. 1–143, Sindhology, 1983.
(3) (i) Arab Kingdom of AL-Mansurah in Sind, Sindhology, 1974.
(ii) History of Sind, Vol: 3, Arab period, Sindhi Adabi Board, 1978.
(4) John Jehangir Bede: "The Arab in Sind" (712–1026), Utah University 1973.
(٥) هن ڏس ۾ اردو زبان ۾ گهڻو ڪم ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ صرف ابن بطوطہ جو سفر ڇپيو آهي، جنهن ۾ سومرن جي زوال ۽ سمن جي اڀار بابت مواد ملي ٿو. هي سفرنامو محمد ابراهيم عباسيءَ ترجمو ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ان کي ١٩٧٦ع ۾ ڇاپيو.

سومرا سلاطين سنڌ تي ٽي سؤ ڇاليهه (١٠١٠-١٣٥٠ع) ورهيہ ۽ سمن ڄامن هڪ سؤ ستر سال (١٣٥٠-١٥٢٠ع) حڪمراني ڪئي. هڪ موقعو تہ اهڙو بہ آيو جو لاڙ تي سومرن جي حاڪميت هئي، جڏهن تہ اتر سنڌ ۾، جنهن جو مرڪز اچ شهر هو، ناصرالدين قباچہ جو حڪم هلي رهيو هو. هنن ٻنهي زمانن ۾ دهليءَ تي مسلمانن جي حڪومت قائم ٿي رهي هئي. قباچہ جي دربار سان لاڳاپيل هڪ مصنف علي پٽ حامد ڪوفيءَ، عربي ڪتاب "فتح نامہ" کي سن ٦١٣هه/١٢١٦ع ۾ فارسيءَ ۾ "ڇچ نامہ" جي نالي سان ترجمو ڪيو. سنڌ جي ميڊيول تاريخ جو هي پهريون ماخذ آهي جو اسان تائين پهتو آهي. ان هوندي بہ هي ڪتاب سومرن جي سرداري يا عربن جي زوال بابت ڪا ڄاڻ فراهم نٿو ڪري. قباچہ جي هڪ ٻئي درباريءَ محمد عوفيءَ سن ٦١٨هه/١٢٢١ع ڌاري، دنيا جي فارسي گو شاعرن جو پهريون تذڪرو "لباب الالباب" جي نالي سان تيار ڪيو، جنهن ذريعي ايران، وچ ايشيا، افغانستان، هندستان ۽ سنڌ جي علمي دنيا جي پروڙ پوي ٿي. تغلقن ۽ سمن ڄامن جي ڇڪتاڻ بابت واحد ڏيهي ماخذ "انشاء ماهرو" آهي، جنهن مان سنڌ جي سياسي تاريخ جي ڪجهہ اهم نڪتن جي اپٽار ٿئي ٿي. هنن ٽن جزوي ماخذن کان علاوه سومرن ۽ سمن جي دور ۾ ڪو بہ همعصر سياسي ماخذ موجود ڪونهي، جو ذڪر هيٺ آيل دورن ۾ سنڌ اندر لکيو ويو هجي. ان پس منظر ۾ سومرن ۽ سمن ڄامن تي ڪم ڪندي، عالمن ۽ اديبن عربي ڪتابن کان علاوه، دهلي سلطنت جي زماني ۾ هندستان ۾ لکيل ڪتابن جي مدد ورتي آهي. ان جو نتيجو هي نڪتو جو جنهن بہ سنڌ جي مقامي تاريخ تي قلم کنيو، ان سومرن ۽ ڄامن جي جاءِ تي افغان ۽ هندي گهراڻن کي برتري ڏني. هر ليکڪ پهريان دهلي سلطنت جو راڳ آلاپيو، ۽ پوءِ ڏيهي حاڪمن جو ذڪر ڪيو. همعصر ڏيهي ماخذن جي کوٽ سبب، اڄ تائين سومرن بابت ڪو بہ ٺوس اڀياس نہ ٿيو آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سمن بابت سنجيده تحقيق ٿي، جنهن جي مدد سان هن مضمون جي ليکڪ، ڄامن بادشاهن بابت پهريون پيرائتو ۽ سلسليوار ڪتاب شايع ڪيو آهي(١).

ارغون، ترخان ۽ مغل بہ صديون (١٥٢٠-١٧٣٧ع)، سنڌ تي قابض رهيا. هن دور ۾ فارسي ٻولي باقاعده ملڪ جي سرڪاري زبان بڻي. حڪمرانن، بادشاهن ۽ نوابن فارسيءَ جي خوب سرپرستي ڪئي، ان ڪري سنڌ متعلق تاريخون ۽ تذڪرا وڏي تعداد ۾ لکيا ويا، جي سڀ جا سڀ فارسيءَ ۾ هئا. هن دور ۾ لکيل تاريخن جو وچور هن ريت آهي:

---

(١) "سمن جي سلطنت"، ناشر پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، ١٩٨٧ع.
هن دور ۾ بہ ڪتاب اهڙا بہ لکيا ويا، جن جي اهميت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. علاؤالدين منگلوريءَ "الزبدة" جي نالي سان ڪتاب لکيو ۽ ڄام سڪندرشاهہ ثانيءَ کي منسوب ڪيو. هي ڪتاب وڏي عرصي تائين سنڌ جي نصاب ۾ شامل رهيو. ٻيو ڪتاب پير مراد شيرازي (وفات-٨٩٣هه) جي سوانح تي مبني "تذڪرة المراد" جي نالي سان شيخ حسن صفائي (وفات-٩٣١هه) لکيو. هي ٻئي ڪتاب عربي زبان ۾ آهن، جن کي محفوظ ڪرڻ گهرجي تہ مناسب ٿيندو.

| | |
|---|---|
| (۱) ارغون نامہ | مصنف معلوم ڪونهي. |
| (۲) نصرت نامہ ترخان | محمد بن بايزيد پوراني. |
| (۳) تاريخ معصومي | مير محمد معصوم بکري. |
| (۴) بيگلارنامہ | ادراڪي بيگلاري. |
| (۵) تاريخ طاهري | سيد طاهر محمد نسياني ٺٽوي. |
| (٦) مظهر شاهجهاني | ميرڪ يوسف. |
| (۷) ذخيرة الخوانين | شيخ فريد بکري. |
| (۸) ترخان نامہ | سيد مير محمد بن جلال ٺٽوي. |
| (۹) انتخاب منتخب | منشي عبدالشڪور ٺٽوي. |

پهريان ٻہ ڪتاب شايد سورهين صديءَ جي آخري اڌ ۾ لکيا ويا، جڏهن تہ باقي ست ڪتاب سترهين صديءَ ۾ لکيا ويا. آخري ڪتاب جي لکجڻ کان پوءِ بہ مغل سنڌ تي اڌ صدي قابض رهيا، ليڪن ان عرصي ۾ تيار ٿيل ڪنهن بہ ماخذ جو پاڻ کي علم ڪونهي.

ميان نصير محمد ۱٦۸۱ع ڌاري سنڌ ۾ مقامي حڪومت جو بنياد رکيو. هڪ صديءَ جي حڪومت کان پوءِ، ميان عبدالنبيءَ جي غلط ڪارين سبب، آخرڪار ۱۷۸۲ع ۾ سياسي طرح هي خاندان ختم ٿي ويو. ميان صاحبن خود بہ فارسي علم ادب جي سرپرستي ڪئي ۽ ڪتاب لکيا، توڙي شعر چيو. هن دور تي مير علي‌شير قانع جهڙو لاثاني مؤرخ ۽ تذڪره نگار ڇانيل آهي. هن زماني ۾ سنڌ بابت هي ماخذاتي مواد لکيو ويو:

| | |
|---|---|
| (۱۰) نامہ نغز | باغ علي خائف سنڌي. |
| (۱۱) منشورالوصيت | ميان نور محمد ڪلهوڙو. |
| (۱۲) مڪلي نامہ | مير علي‌شير قانع. |
| (۱۳) تاريخ عباسيان، مثنوي | مير علي‌شير قانع. |
| (۱۴) تاريخ عباسيان، نثر | مير علي‌شير قانع. |
| (۱۵) تحفة الڪرام | مير علي‌شير قانع. |
| (۱٦) نگيران سنڌ | پنڊت موهن لال "لالا". |
| (۱۷) قصيده بمدح عبدالنبي | مير علي‌شاهہ شائق. |
| (۱۸) جنگ مرزا حسين باراهمه، مثنوي | سريرام ٺٽوي. |

هنن ڪتابن مان تيرهون ۽ چوڏهون خاص ڪلهوڙن بابت هئا، جي ناپيد آهن ۽ آخري ڪتاب ۾ راهما قبيلي ۽ مرزا شاهہ حسن جي جنگ جو احوال ڏنو ويو، جو پڻ گم ٿي ويل آهي.

ميرن جي دور ۾ (۱۷۸۳-۱۸۴۳ع) پڻ تاريخ تي وڏي تعداد ۾ ڪتاب لکيا ويا، جن مان ڪجهہ ماخذ وري بہ ڪلهوڙن بابت آهن. سنڌ ۾ سرڪاري سطح تي فارسي زبان جي بالادستيءَ جو هي آخرين زمانو آهي. ميرن جي دور ۾ تاريخ سنڌ بابت هي ڪتاب لکيا ويا:

| | |
|---|---|
| (١٩) تاريخ سنڌ | سيد محب الله بکري. |
| (٢٠) فتح نامہ | مير عظيم الدين ٺٽوي. |
| (٢١) دستورالعمل آگهي | رام چند ٺٽوي. |
| (٢٢) تاريخ بلوچي | عبدالمجيد جوکيو. |
| (٢٣) تاريخ سنڌ | منشي توهڻ مل. |
| (٢٤) تاريخ عباسيان | مصنف نامعلوم. |
| (٢٥) ڪلهوڙه نامو | ثابت علي شاهہ. |
| (٢٦) احوال ڪلهوڙه | مظهر علي. |
| (٢٧) فتح نامہ | مير صوبدار خان. |

١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. ان بعد هن خطي ۾ فارسي ٻولي زوال پذير ٿي. حاڪمن سنڌي ۽ انگريزي ٻولين جي سرپرستي شروع ڪئي، ان هوندي بہ سنڌ متعلق ڪجھہ ڪتاب فارسيءَ ۾ لکيا ويا.

| | |
|---|---|
| (٢٨) تاريخ تازه نواى معارڪ | منشي عطا محمد شڪارپوري. |
| (٢٩) خزائن تاريخ | منشي عطا محمد شڪارپوري (١) |
| (٣٠) نظارة السند | پوسٽنس جي ڪتاب جو ترجمو. |
| (٣١) فريئر نامو | مير يار محمد خان. |
| (٣٢) پل نامو | خدا داد خان. |
| (٣٣) خيرپور نامو | خدا داد خان. |
| (٣٤) لب تاريخ سنڌ | خدا داد خان. |
| (٣٥) جام جهان نما | مخدوم محمد عاقل ڪهڙوي. |
| (٣٦) گلزار سنڌ | مولوي عبدالرحيم سومرو. |

هت اسان صرف انهن ڪتابن جو وچور ڏنو آهي، جي خاص ڪري سنڌ جي تاريخ تي لکيا ويا، انهن جو تعداد "چچ نامہ" کان ڪري "گلزار سنڌ" تائين سٺيهہ ٿئي ٿو. سنڌ متعلق مختصر فارسي پمفليٽ بہ لکيا ويا، جن جو بهرحال هت ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. تاريخ بابت ٻيا مددي ذريعا، شاعرن جا تذڪرا، سياسي مڪتوب ۽ صوفين جا ڪتاب ان کان علاوه لکيا ويا، جن کي پڻ هن مضمون ۾ نہ آندو ويو آهي. ورهاڱي بعد هندستان ۾ ميڊيول دور جي ماخذن بابت، سوين ڪيٽالاگ، فهرستون ۽ ڪتاب ڇپيا آهن. ممڪن آهي تہ انهن جي ورق گرداني، سنڌ بابت ڪجھہ وڌيڪ ماخذن جي نشاندهي ڪري.

---

(١) پروفيسر امين الله علوي صاحب جي تحقيق موجب، منشي عطا محمد ذات جو ٻگهيو هو. سندس والد ميان شاهہ محمد پڻ وڏو عالم ۽ اهل دل بزرگ ٿي گذريو. (الرحيم، سيپٽمبر-آڪٽوبر١٩٧٤ع).

ان کان سواءِ خداداد خان جي ' لب تاريخ سنڌ' جو روسي زبان ۾ ايڊيشن محمدي صافولوف ماسڪو مان پڌرو ڪيو آهي. هن صاحب روسي زبان ۾ سنڌ جي تاريخي ماخذن بابت پڻ مضمون ڇپيا آهن (١)

سنڌي ادبي بورڊ جي هن علمي پراجيڪٽ کان علاوه بہ سنڌ جي تاريخي ماخذن، تذڪراتي ذخيرن ۽ سياسي خطن بابت، گذريل ڪجهہ سالن ۾ ڪجهہ ڪم ٿيو آهي، جنهن جو مختصر طرح هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

**(١) ذخيرة الخوانين:** هي منفرد تذڪرو بکر جي فريد پٽ معروف مغل، دور جي اميرن بابت لکيو. ان کي ڊاڪٽر سيد معين الحق صاحب ٽن جلدن ۾، ترتيبوار سال ١٩٦١ع، ١٩٧٠ع ۽ ١٩٧٤ع ۾، پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي ڪراچيءَ لاءِ پڌرو ڪيو. هن تاريخي تذڪري ۾ خاص طرح سنڌ ۾ مغل نوابن بابت نهايت قيمتي مواد ملي ٿو.

**(٢) انشاء ماهرو:** هي ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهروءَ جي لکيل خطن جو مجموعو آهي، جن ۾ ڪجهہ مڪتوب اهڙا آهن، جن ذريعي ڄامن ۽ تغلقن ۾ ٿيل ڇڪتاڻ تي روشني پوي ٿي. سمن جي تاريخ جي ابتدائي حصي تي پيل اونده، هنن خطن جي اڀياس ذريعي ختم ٿي سگهي آهي. پروفيسر شيخ عبدالرشيد 'انشاي ماهرو' ايڊٽ ڪيو ۽ لاهور مان ان کي ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان ١٩٦٥ع ۾ شايع ڪيو آهي.

**(٣) زبدة المعاصرين:** شاعرن جو هي تذڪرو سيد حسين شيرازي، سنڌ جي ميرن لاءِ لکيو هو. هن تذڪري کي ڊاڪٽر محمد باقر ١٩٦٦ع ۾ لاهور مان ڇپيو آهي.

**(٤) لطائف لطيفي:** شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ بابت هي فارسي تذڪرو مير عبدالحسين سانگيءَ ١٨٨٨ع ۾ لکيو هو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان کي ترتيب ڏئي ١٩٦٧ع ۾، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز پاران شايع ڪيو. ميان عبدالرسول قادري هن تذڪري جو سنڌي ترجمو ڪيو، جو پڻ ثقافتي مرڪز ١٩٨٦ع ۾ شايع ڪيو.

**(٥) آداب عالمگيري:** ٺٽي جي منشي ابوالفتح قابل خان هي خط ترتيب ڏنا، جي اورنگزيب مختلف وقتن تي لکيا هئا. ڪجهہ خطن مان سترهين صديءَ جي آخري اڌ ۾، سنڌ ۾ پکڙيل بيچيني ۽ ابتر صورتحال جو پتو پوي ٿو. هي خط چوڌري عبدالغفور ٻن جلدن ۾ ايڊٽ ڪري سال ١٩٧١ع ۾ ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان لاهور ذريعي ڇپيا آهن. ڪجهہ خطن جو اردو ترجمو بہ ٿيو آهي.

**(٦) تذڪرہ مشائخ سيوستان:** سيوهڻ جي صوفين جو هي تذڪرو مغل دور ۾، عبدالغفور پٽ حيدر سيوهائيءَ تيار ڪيو. هي تذڪرو راشدي صاحب مرحوم جي ڪوشش سان

---

(١) وي. ايف. آڪئيف: "سنڌ تاريخ جي آئيني ۾"، ص ٨، مهاڳ از يوري گنڪوفسڪي، اردو ڇاپو، مڪتبہ دانيال، ڪراچي ١٩٨٩ع.

رسالي مهراڻ ۾ ڇپيو (٣-٤/١٩٧٤ع). ان بعد ساڳئي رسالي ۾ (٣-٤، ١٩٧٩ع)، نياز همايوني صاحب ان جو سنڌي ترجمو شايع ڪيو. مرحوم راشدي صاحب هن تذڪري تي پڻ مفصل ڪم ڪرڻ گهريو ٿي، ليڪن سندن اها آس پوري نہ ٿي سگهي.

**(٧) چچ نامہ:** ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم ان کي ايڊٽ ڪري ١٩٣٩ع ۾ شايع ڪيو. ان هوندي بہ هن ماخذ جي هڪ نئين مستند ايڊيشن جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. ان جذبي تحت ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'چچ نامہ' جو هڪ معياري ڇاپو مرتب ڪيو ۽ ان تي انگريزيءَ ۾ حاشيا لکيا. هي ايڊيشن اسلام آباد جي هسٽري ۽ ڪلچر واري اداري ١٩٨٣ع ۾ شايع ڪيو آهي

## وڌيڪ مکيہ ماخذن جي نشاندهي:

اسين سنڌواسي گذريل ڏهن سالن کان اجتماعي طور تي، پنهنجن تاريخي ماخذن جي اشاعت کان محروم رهيا سين، تڏهن بہ هن خطي بابت ڪجهہ وڌيڪ ذريعن جي نشاندهي ٿي آهي، جن جو مطالعو اسان جي اتهاس لاءِ نوان نقطا مهيا ڪري سگهي ٿو. اڳ ۾ هنن ماخذن بابت علمي دنيا کي گهٽ ڄاڻ هئي. جيتوڻيڪ متي ڏنل لسٽ ۾ انهن جا نالا اچي ويا آهن، پر هيٺ اسين متعلقہ ضمن ۾ ڪجهہ وڌيڪ روشني وجهنداسين.

**(١) ارغون نامہ:** ارغونن پنجنيهہ ورهيہ حڪومت هلائي. هن دور ۾ تصنيف ۽ تاليف جا ڪيئي مثال ملن ٿا. هرات جي محمد فخريءَ شاعرن جو منفرد تذڪرو بہ لکيو، جو شاهہ حسن ارغون جي نالي منسوب ڪيائين. ان ڪري خاطري آهي تہ ارغونن بابت هڪ جداگانہ تاريخي ڪتاب پڻ لکيو ويو هوندو. ويهينءَ صديءَ ۾ سنڌ بابت ڪم ڪندڙ اسڪالر ان متعلق خاموش ڏسجن ٿا. ايليٽ 'ترخان نامہ' کي 'ارغون نامہ' بہ سڏيو آهي. خداداد خان صرف 'ارغون نامہ' جو نالو ڪنيو آهي. مرزا قليچ بيگ 'چچ نامہ' جي انگريزي ڇاپي ۾ 'ارغون نامہ' ۽ 'ترخان نامہ' جو جدا جدا ذڪر ڪيو آهي. بہ صديون اڳ 'تحفتہ الڪرام' لکندي، مير علي شير قانع پڻ هنن نالن سان ٻن جدا جدا ڪتابن جو تذڪرو ڪيو آهي. هن صورتحال ۾ پڪ ٿئي ٿي، تہ ارغونن بابت "ارغون نامہ" نالي هڪ جداگانہ ڪتاب لکيو ويو، پر وقت گذرڻ سان اهو اسان کان بہ وسري ويو ۽ پوءِ سنڌ جون سرحدون ٽپي ڪنهن ٻئي ملڪ ڏي منتقل ٿي ويو. تازو بزرگ اديب مرزا عباس علي بيگ صاحب ٻڌايو تہ "ارغون نامہ" نہ صرف لکيو ويو هو، پر ان کي ڪنهن صاحب ايڊٽ ڪري هندستان مان شايع بہ ڪيو آهي. في الحال ان متعلق ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي. ممڪن آهي تہ "نصرت نامہ ترخان" جو اصل نالو "ارغون نامہ" هجي، جنهن جو ذڪر هيٺ ايندو (١).

---

(١) ايشوري پرشاد "دي لائيف اينڊ ٽائيمس آف همايون" جي ص ٢٢١ تي پڻ "ارغون نامہ" حوالو ڏنو آهي، پر سندس رفرنس مبهم آهي ۽ اسان جي وڌيڪ رهنمائي نہ ٿو ڪري.

(٢) **ٻکر ۾ مغل نواب:** ٻکر جو پرڳڻو هڪ صدي مغلن جي قبضي ۾ رهيو ۽ اتي نواب يا گورنر مقرر ٿيندا هئا. هيل تائين اهو پتو پئجي نہ سگهيو آهي تہ هن ڏس ۾ ڪو ڪتاب لکيو ويو يا نہ؟ خداداد خان "لب تاريخ سند" ۾ مغل نوابن جي لسٽ ڏني آهي، جي ٻکر سرڪار تي مقرر ٿيا هئا. ڊاڪٽر حامد علي قريشي صاحب مون کي ٻڌايو تہ، هن هڪ اهڙي ڪتاب جو اڀياس ڪيو آهي، جو ٻکر جي مغليہ نوابن بابت لکيو ويو هو.

(٣) **گلزار سنڌ نادرات هند:** زنگي پور ڳوٺ تعلقي نل، ضلعي جيڪب آباد جي رهاڪو، مولوي عبدالرحيم صاحب سومري، خانداني روايتن کي گڏ ڪري، سومرن جي تاريخ بابت هڪ فارسي مثنوي لکي، جنهن کي پوءِ محمد عثمان سومري ۽ صوفي قلندر بخش جي زور ڀرڻ تي، سن ١٩٢٢ع/١٣٤٠هہ ۾ سنڌي زبان ۾ منتقل ڪيائين. هن مثنويءَ کي بنياد بنائي مولوي عبيدالله شائق سومري، هڪ ڪتاب "دولت علويہ" جي نالي سان ١٩٢٩ع ۾ شايع ڪيو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن ماخذ جي نشاندهي ڪئي هئي. راقم کي دوست منظور احمد سومري "دولت علويہ" جي ڪاپي ڏني جا چڱي درست حالت ۾ آهي.

(٤) **نصرت نامہ ترخان:** هي ڪتاب سورهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري محمد بن بايزيد پورانيءَ لکيو، جنهن ۾ سنڌ جي ترخان ۽ ارغون حاڪمن بابت مواد مليل ٿو. راشدي صاحب ١٩٨ع ۾ مون کي ٻڌايو هو تہ هي ڪتاب قدامت جي لحاظ کان ' تاريخ معصومي' کان بہ اڳاتو آهي. هن ڪتاب جو صرف جلد اول علي ڳڙه يونيورسٽيءَ مان راشدي صاحب مرحوم هٿ ڪيو هو. ڊاڪٽر انصار زاهد ڪراچي يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز لاءِ 'نصرت نامہ ترخان' ايڊٽ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. ياد رهي تہ زاهد صاحب مغل دور بابت پنهنجي بهترين اسٽڊي اڳ ۾ ئي ڇاپي چڪو آهي(١).

(٥) **انتخاب منتخب:** اتڪ جي محمد يوسف شاهجهان جي زماني ۾ "منتخب التواريخ" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو، جنهن جو هڪ اختصار ٺٽي جي منشي عبدالشڪور اورنگزيب جي دور ۾ "انتخاب منتخب" جي نالي سان تيار ڪيو ۽ ان ۾ سنڌ جي حوالي سان واڌارا بہ ڪيائين. مغل دور ۾ سنڌ بابت لکيل تاريخي ڪتابن جي سلسلي جي هي آخري ڪڙي آهي. راقم ان متعلق تي سال اڳ هڪ تعارفي مقالو پڌرو ڪيو هو(٢).

(٦) **نگيران سنڌ:** تاريخ سنڌ جو هي نادر ماخذ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي وٽ محفوظ آهي. ان ڏس ۾ خود سنديلو صاحب لکي ٿو.

---

(1) History and Culture of Sind, Royal Book Company, Karachi, 1980.

(٢) رسالو مهراڻ ١٩٨٦/١ع. هن مضمون ڇپجڻ کان پوءِ ان متعلق وڌيڪ مواد جي نشاندهي ٿي آهي (ڏسجي ڊاڪٽر آفتاب اصغر جو ڪتاب "تاريخ نويسي فارسي در هند و پاڪستان"، خانہ فرهنگ جمهوري اسلامي ايران، لاهور).

”پنڊت موهن لال ڏلا ڳوٺ پوٺڙن (لڳس سيوهڻ) جو ويٺل هو. ميان عطر خان والد ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دربار جو خوش نويس هو. ميان عطر خان جي دربار ۾ ٢٧ خوش نويس هئا، ليڪن جاءِ صدارت پنڊت والاري هئي، جنهن کي ڪيس ”قرة العين“ (اکين جو ٺار) جو لقب مليل هو. ميان عطر خان ”حڪمران سنده“، ”آئين اڪبري“ جي نموني تي، ١٢ جلدن ۾ (نگيران سنده) يعني ”سنڌ جي حڪمرانن جي تاريخ“ مرتب ڪرائي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ سان گڏ سنڌ جي ولين جو به ذڪر ڪيل آهي. سنڌ جا قصا ڪهاڻيون به محققانه انداز ۾ آيل آهن. هن تاريخ ۾ پنڊت صاحب جو وڏو هٿ هو(١).

اسان جي ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي بدقسمتي جو سنڌ بابت يا خاص ڪري ڪلهوڙن بابت تيار ٿيل هڪ اهڙو ضخيم پستڪ، جنهن جي تياريءَ ۾ خود سنڌ جي هڪ حاڪم ميان عطر خان ذاتي طور تي دلچسپي ورتي هجي، ان بابت پاڻ کي هي به معلوم ڪونهي ته، ان جو اصل مفهوم ڇا آهي، ان جا باب ڪيترا آهن، ڀاڱا حصا گهٽا اٿس، ڪتاب جا ٻارنهن جلد آهن ته اهي ڪهڙيءَ ريت رٿيل آهن، تاريخ ڪلهوڙن جي آهي يا سنڌ جو سمورو سياسي اتهاس ان ۾ سمايل آهي، صفحا يا ورق ڪيترا اٿس، قصن ڪهاڻين جي نوعيت ڇا آهي ۽ پنهنجن مشاهيرن بابت ان مان ڪيتري حد تائين مواد ملي سگهندو. حد ته هي آهي جو اسان جي ڪنهن به علمي اداري ۾ نه اصل چيز موجود آهي، ۽ نه وري ان جي فوٽو ڪاپي ئي هٿ ڪئي ويئي آهي!

## هاڻي ڇا ڪجي؟

اسان هت تاريخ جي جن بنيادي ماخذن بابت گفتگو ڪئي آهي، اهي گهڻيءَ حد تائين سنڌ جي اسلامي دور بابت مواد مهيا ڪن ٿا. هن طويل عرصي ۾ سنڌ جي ملڪ ڪافي لاها چاڙها ڏٺا. ڪڏهن هن ملڪ غلاميءَ جا بدترين ڏينهن ڏٺا، ته ڪڏهن وري سومرن ۽ سمن جي ڏيهي راڄ ۾، پنجن صدين جي خودمختياري، سک ۽ سلامتي ماڻي. ارغون آيا ته پهرئينءَ ڌڪ ۾ سمن ڄامن جي مثالي حڪومت ختم ڪيائون، ۽ پوءِ هڪ طرف ٺٽي کان ملتان تائين شهرن تي حملا ڪري، راتاها هڻي انهن کي برباد ڪيائون، ته ٻئي طرف ڏيهي رهاڪن لاءِ، هي سرزمين تنگ ڪري کين ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف لڏپلاڻ لاءِ مجبور ڪيائون. نه ملڪ اسان جو رهيو ۽ نه وري شهر اسان جي قبضي ۾ رهيا. شاه بيگ ارغون کان ڪري اورنگزيب تائين، حڪومت ۾

---

(١) رسالو مهراڻ، ص ٦٦، حاشيو (٤/١٩٨٦ع).

— هن عرصي ۾ شاعرن جي هڪ وڌيڪ تذڪري ”محڪ شعراءِ“ جي نشاندهي به ٿي آهي. هي تذڪرو مير نور محمد ٽالپر جي زماني ۾، محمد صالح شاملوي خراسانيءَ لکيو هو. تفصيل لاءِ ڏسجي منهنجو مقالو ڇپيل رسالو مهراڻ، ٤/١٩٨٥ع.

سمرقند ۽ بخارا کان آيل ماڻهن جي رهي، پر ظلم تہ هي بہ ٿيو جو سنڌ جي ملڪي وحدت بہ ختم ڪئي وئي. سبي السگ تہ بکر جدا. سيوهڻ جو انتظام جدا ڳاني، تہ ٺٽي کي وري شاهي صوبو بنايو ويو. لاهري بندر ۽ اورنگا بندر تہ چڻ هٿائي مغلن جي ملڪيت. ارڙهين صدي ۾ ڪلهوڙن جي مقامي حڪومت هئي، پر ايراني ۽ افغاني حملن سبب غير يقيني حالتون جاري رهيون. مير صاحبن تہ سنڌ جي ملڪ کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو، ان ريت قومي ايڪي ۽ اتحاد کي زبردست نقصان پهتو.

سنڌ جي مشهور عالم ۽ تاريخدان سيد حسام الدين راشدي مرحوم تاريخ جي اهميت بابت هڪ هنڌ لکيو هو تہ: قومن ۾ زندگيءَ جي جذبن ۽ ولولن کي تازي رکڻ، ۽ منجهن عملي جوش لاءِ نئين خون پيدا ڪرڻ جو سڀ کان اهم ذريعو قومي تاريخ آهي. قومي تاريخ جي ئي صفحن تي پنهنجن بزرگن جا اعليٰ ڪارناما، آئينده نسلن لاءِ هميشه واسطي زندگيءَ جو سبق بنجن ٿا. انهيءَ ئي آئيني ۾ هر قوم پنهنجي ماضيءَ کي بي نقاب ڏسي سگهي ٿي ۽ پنهنجي عروج ۽ زوال جي اسباب ۽ عوامل تي ٿڌي سيني سان غور ڪري، آئينده جا خدو خال درست ڪري سگهي ٿي. جنهن قوم وٽ پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ اڪين آڏو نہ هجي، ان لاءِ سمجهڻ گهرجي تہ اها زندگيءَ جي ميدان ۾ عملي محرڪات جي هڪ نهايت ئي اهم وسيلي کان محروم آهي.

قومي زندگيءَ کي سرگرم رکڻ ۽ وقار توڙي آجپي جي هڪ اهم ذريعي ۽ وسيلي لاءِ تاريخ جو اڀياس لازم آهي. ان جي تياري ۽ ترتيب لاءِ بنيادي ماخذن جي اشاعت ۽ موجودگي بہ ازحد ضروري آهي. راشدي صاحب مرحوم ابتدا ۾ سنڌ جي مغل دور تي ڪم ڪري رهيو هو، ليڪن اڳتي هلي في الحال ان کي غير ضروري سمجهي، سچو ڌيان تاريخ جي بنيادي ماخذن جي ايڊيٽنگ طرف ڏنائون. جڏهن جرمنيءَ ۾ قوم جي نئين سر جوڙجڪ ۽ جٽي بندي‌ءَ طرف ڌيان ڏنو ويو، تڏهن سڀ کان اول ادب، ڪلچر ۽ تاريخ بابت، هزارين موجود ماخذن کي سهيڙي سموهي ڇاپيو ويو. بلاشبہ قومن جي لئين حياتي ۽ سرت پريو سماج، صرف نعريبازي ۽ خيالي ڳالهين سان حاصل نہ ٿا ٿين. تاريخ ۾ سنڌي قوم جون ڪيل سوين غلطيون بہ ملن ٿيون، تہ ان ذريعي روشن مستقبل جا امڪان ۽ بهتر جيوت لاءِ اميد جا ڪرڻا پڻ پسجن ٿا.

ڊاڪٽر دائود پوٽي جي محنت کان پوءِ، سنڌي ادبي بورڊ تاريخ سنڌ جي ماخذن ڏي ڌيان ڏنو. ان جي ڪيل ڪم جو وچور مٿي ڏنو ويو آهي. گذريل هڪ ڏهاڪي ۾ هن ٿاليري اداري، سنڌ بابت ڪنهن بہ ماخذ کي شايع نہ ڪيو آهي. ڪجهہ سالن کان جٽي اسان جي تعليم زوال پذير ٿي آهي، اتي اسان جن ادبي ادارن جو سلامت رهڻ بہ هڪ معجزو آهي. اڄ اسان جي تعليمي مرڪزن ۾ علم انسان (Humanities) جا شعبا ويران ٿي چڪا آهن. انهن درسگاهن ۾ شاگرد تہ داخلا تہ ٿا وٺن، پر چند استادن کان سواءِ، ڪوبہ سنڌ جي تاريخ جي تحقيق ۽ اڀياس ۾ دلچسپي نہ ٿو وٺي. ان صورت ۾ مشرقي ٻولين جا ڄاڻو تہ ڳوليا

ليکراج عزيز پنهنجي تنقيد جي ڪتاب ”گل و خار“ ۾ بيوس جي شاعريءَ تي تنقيد ڪندي سندس شعر ۾ وزن ۽ بحر جي خامين سان گڏ لفظن جي غلط استعمال وغيره جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. هن ائين به چيو آهي ته بيوس جا اڪثر نظم علامه اقبال وغيره جو ترجمو آهن.

ان وقت جي مسلمان شاعرن پڻ بيوس تي تنقيد ڪئي آهي.

حقيقت ۾ بيوس هڪ اهڙو شاعر هو جنهن شاعريءَ تي ڇانيل جمود ٽوڙي پنهنجي ڪلام جي ذريعي ٻڌايو ته شعر هيئن به چئبو آهي. بيوس شاعريءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو آهي. سنڌي نثر ۾ محترم جمال ابڙي ۽ سنڌي نظم ۾ محترم ڪشنچند بيوس جا نالا هميشه امر رهندا.

بيوس عام طرح ادبي ڪانفرنسن ۽ مشاعرن ۾ گهٽ شريڪ ٿيندو هو. هو ان هل هنگامي کي پسند ڪين ڪندو هو، جنهن ۾ اجائي واهه واهه ۽ خوب خوب چئي داد ڏنو وڃي. هو پنهنجي ئي دنيا ۾ مست هو، جتي نه هئي ڪيس اجائي شهرت جي خواهش، نه بيجا تنقيد جو ڊپ.

بيوس کي پنهنجي ڪتري هجڻ جو احساس ڪجهه مڙئي گهڻو هو، ان ڪري پنهنجين نياڻين جي شادي سنڌ کان ٻاهر ملتان ۾ ڪتري ڪُل ۾ ڪئي هئائين. سندس پٽن تلسي (داس) ۽ شيام (سندر) تُلسي منهنجو همعمر هو. مئٽرڪ به ساڳي سال (١٩٤١ع) ۾ بمبئي يونيورسٽي مان گڏ ڪئيسين. پتو نه آهي ته هي ڪٿي اڄ ڪلهه ڪٿي آهي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهي؟ جتي به هجي شال سکي هجي.

بيوس جو ڏاڏو پرمانند ۽ ان جو والد مينگهراج ملتان ۾ ڇاوا نپنا هئا. پرمانند جو اچڻ سنڌ ۾ ٿيو، جتي شڪارپور جي حڪيم ڪوڙومل جي پيڻ سان سندس شادي ٿي. ان بعد هو سنڌ جو ئي ٿي رهيو. ڪشنچند بيوس جو والد تيرٿداس به هتي ئي پيدا ٿيو ۽ فوت ٿيو. بيوس پاڻ تاريخ ١٩- مارچ ١٨٨٥ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. تعليم مان فارغ ٿي لاڙڪاڻي ۾ ماستري ڪيائين. پينشن تي اچڻ بعد هن هوميوپٿ ڊاڪٽر گوبندرام دادلاڻيءَ سان گڏ لاڙڪاڻي ۾ بيوس دواخانو کوليو. ڊاڪٽر دادلاڻي باوجود سند يافته ڊاڪٽر هجڻ جي منجهيل ڪيسن ۾ ساڻس صلاح ڪندو هو. سندس چوڻ هو ته بيوس سائينءَ جي چونڊيل دوا ۾ سندس دعا جو تاثير پڻ شامل هوندو آهي.

هن درويش خصلت ۽ ٻاجهاري انسان ۽ شاعر سن ١٩٤٧ع ۾ هن فاني دنيا کي تياڳيو.

(٢٤) "مقصوره" نئين زندگي، مارچ ١٩٦١ع — قريشي حامد علي خانائي

(٢٥) سانگهڙ سووينئر (سانگهڙ ثقافتي ميلو) ١٩٨٤ع. — عبدالله ورياهه

## اردو ماخذ


(١) "عرب و هند کي تعلقات" — سيد سليمان ندوي

(٢) "قرون وسطيٰ مين هندستاني تهذيب" — راء بهادر ر- گوري شنکر اوجها

(٣) "تاريخ سنڌ" — اعجاز الحق قدوسي

(٤) "تمدن هند" — سيد علي بلگرامي

(٥) "آئينه قديم سنڌ" — شمس الدين قريشي

(٦) "هندستان عربون کي نظر ۾" — قاضي اطهر مبارکپوري

(٧) "هندستان عهدِ رسالت ۾" — ابو ظفر ندوي

(٨) "عرب و عهد عهد بنو اميه ۾" — ابو ظفر ندوي

(٩) "عرب و هند عهد بنو عباس ۾" — ابو ظفر ندوي

(١٠) "تاريخِ سنڌ" — ابو ظفر ندوي

(١١) "هندستان عربون کي نظر ۾" — مولانا مسعود علي ندوي

(١٢) "هندستان ۾ عربون کي حکومتين" — قاضي اطهر مبارکپوري

(١٣) "عربون کي جهازراني" — سيد سليمان ندوي

(١٤) "مورخين اسلام" — ڊاڪٽر غلام جيلاني برق

(١٥) "اسلامي دنيا دسوين صدي عيسوي ۾" — خورشيد احمد فاروق

(١٦) "عربي ادبيات ۾ پاڪ وهند کا حصه" — ڊاڪٽر زبير احمد

(١٧) "تاريخِ سنڌ" — عبدالحليم شرر

(١٨) "تاريخِ سنڌ" — غلام رسول مهر

(١٩) "تاريخِ سنڌ سيدين" — پير حسام الدين راشدي

(٢٠) "آريا ورت" — گنگا رام سمرات

(٢١) "سنڌ کي حکايتين حديثن اور محدثين" — ڊاڪٽر محمد اسحاق


## فارسي ماخذ


(١) "آئينه اکبري" — ابوالفضل ناگوري

(٢) "چچ نامه" — علي ابن حامد الکوفي

(٣) "ديوان فرخي" — حکيم فرخي سيستاني

(٤) "منتخب التواريخ" — عبدالقادر ابن ملک شاهه بدايوني

| | |
|---|---|
| (٥٨) "صبح الاعشيٰ" | ـ شهاب الدين ابوالعباس احمد بن علي بن احمد بن عبدالله انبي سنده قلقشندي |
| (٥٩) "عجائب البد والبر" | ـ صوفي دمشقي |
| (٦٠) "تقويم البلدان" | ـ اسماعيل الافضل علي بن الخطفد محمود بن المنصور محمد بن تقي الدين ابوالغد |
| (٦١) "نهايت الارب في فنون الادب" | ـ نويدي |
| (٦٢) "ملسلہ التاريخ" | ـ سليمان تاجر |
| (٦٣) "رسالہ فخرالسودان علي البيضان" | ـ جاحظ |

## THE SOURCE MATERIAL ON MANSURA IN ENGLISH


1. Antiquities of Sind. — Henry Cousens, Calcutta, 1929.
2. Aryan Rule in India. — (McCrindle), E.B. Havell, London, 1918 A.C.
3. Ancient History of Near East. — H.R. Hall, London, 1932.
4. Ancient India. — J.W. McCrindle, Westminister, 1901
5. Ancient India. — Paul Gursel, London, 1951.
6. Al-Beruni's India II. — Edward C. Sachau, London, 1914.
7. Cambridge History of India Vol. XIX Chap I & II. — Sir Richard Burnes, London, 1957.
8. The Crescent in India. — S.R. Sharma, Bombay, 1937.
9. Dry Leaves from Young Egypt. — E.B. Eastwick
10. Early Arab Geographers. — Elliot and Dowson, Calcutta, 1956.
11. Early History of India. — Vincent Smith, Oxford, 1914.
12. Greeks in Bactria and India. — W.W.Tarn, Cambrdige, 1953.
13. Historian of Sind. — Elliot and Dowson, Vol.II Calcutta, 1956
14. History of India (as told by its own Historians). — Elliot and Dowson, London, 1867.
15. History of India. — Mount Stuart Elphinstone, London, 1916
16. History of Arabs. — Philip K. Hitti, MacMillan, London, 1953
17. History of Syria. — Philip K. Hitti, London, 1957.
18. The Life of Huen-Tsiang. — Samuel Beal, London, 1914.
19. History of Persia. — Sir Percy Sykes, London, 1951.
20. Indus Civilization. — Mortimer Wheeler, Cambridge, 1953.
21. The Influence of Islam on Indian Culture — Tarachand, Allahbad, 1951.
22. Indus Delta Country. — M.R. Haig, London, 1894.
23. The Legacy of India. — G.T. Garret. Oxford, 1934.
24. Lands of Eastern Caliphate. — G. Le-Strange, Cambridge, 1930.
25. Moors in Spain. — Stanley Lanepoole, London, 1890.

26. Memoirs of the Archaeological Survey of India (Explorations in Sind). Delhi, 1934 (N.C. Majumdar). pp. 36, 45.
27. Mahmud of Ghaznah. Muhammad Nazim, Cambridge, 1931.
28. Medieval India. Ishwari Parsad, Allahabad, 1940.
29. Muslim Rule in India (Short History). Iswari Parsad, Allahabad, 1939.
30. Mehran and its Tributaries pp.164, 199, 200. H.G. Raverty, Karachi, 1892.
31. Pottinger's Travels in Sindh and Baluchistan Sir Henry Pottinger, Karachi, 1876.
32. Sind Revisited. Richard Burton, 1877.
33. Short History of Saracens. Amir Ali, London, 1949.
34. Sind and Rivers (Land of Five Rivers) David Ross,London,1883.
35. Studies in Indo-Muslim History S.H. Hodiwala, Calcutta, pp. 80.
36. Travels in Bukhara. Lt. Alexender Burnes, 1877.
37. Tarikh al-Sind Mirza Kalich Beg, Karachi, 1887.
38. Wonder that was India. A.L. Basham, London, 1954.

## ADDITIONAL WORKS

39. Sketches from Eastern History. Theodore Nldeke, London, 1892.
40. Ancient Geography of India. Alexander Cunningham, 1871.
41. Linguistic Survey of India. Grierson Vol. VIII, IX, Calcutta, 1919.
42. Sindhi Grammer. Earnest Trump, Leipzig, 1872.
43. Sindhi Grammer. Col. Stack, Bombay, 1854.
44. The Indus and its Provinces. Sir W.P. Andrew.
45. Indus River Commission Records, 1902-1930.
46. Medieval India. Stanley Lanepoole pp. 9, 12.
47. Early Relations between India and Iran. Sir Arnold Stein.
48. Pre-Historical Ancient and Hindu India. R.D. Banergi.
49. Source Material on Sind. M.H. Panhwar.
50. Bibliography of Sind and Baluchistan Blemoria.
51. Type Material in Sindhology.
52. Ancient Settlements Luis Flame.
53. Sind Abbot.
54. Memories of Sind. Delhoste.
55. Short History of Indo-Pakistan. Fazl-ur-Rehman.
56. On Alexender's Track.
57. A Comprehension of India. Nilakan.
58. The Annals and Antiquities of Rajestan. Todd.
59. Five Thousand Years of Pakistan. Wheeler.
60. Travels of Ibn-e-Batuta
61. Narrative of Various Journies to Baluchistan, Afghanistan and Punjab. Mason.
62. Early Travels in India. Nicholas Withington.
63. Oxford History of India. Vincent A. Smith.

| | | |
|---|---|---|
| 64. | A Narrative of Journey to Kabul. | Lt. Alexender Burnes. |
| 65. | A Reinterpretation of Unhappy Valley. | J. Abbot. |
| 66. | Archaeological Survey. | |
| 67. | Chronological Dictionary of Sind. | M.H. Panhwar |
| 68. | History of Sind. | H.T. Lambrick. |
| 69. | Diary of March Through Sind and Afghanistan. | Allen. |
| 70. | Multan. | Ashiq Hussain Ashiq Mohammed Durrani |
| 71. | Notes on Afghanistan and Baluchistan. | H.G. Raverty p. 669. |
| 72. | Rajatatarangini, Vol. IV pp. 410. | M.A. Stein. |
| 73. | West Pakistan, pp. 27. | A.K. Snelgrove. |
| 74. | The Sind Directory. | George Bease. |
| 75. | Mohenjodaro and Indus Civilization. | Sir John Marshal. |
| 76. | Notes on Experiments in Sind. | H.B. Parikh. |
| 77. | New Accounts of East Indies. | Alexender Hamilton. |
| 78. | Travels in India Including Sind and Punjab. | Capt. Leopold. |
| 79. | Sind–A General Introduction. | H.T. Lambrick. |
| 80. | Sind Before the Muslim Conquest. | H.T. Lambrick. |
| 81. | From the Indus to Tangier. | Henry Walter Bellow. |
| 82. | Early Travels in India. | Foster. |
| 83. | The Conquest of Sind. | William Napier. |
| 84. | Mughal Hindustan: Cities and Industries | Dr. Hameeda Khatoon. |
| 85. | Scind. | James C. Melville. |
| 86. | The Voyage of Nearchus from Indus to Ruphrates. | W. Vincent. |
| 87. | Scind or the Unhappy Valley. | R.F. Burton. |
| 88. | Sind and Races that Inhabit the Valley of Indus. | R.F. Burton. |
| 89. | Sind Vol. III. | Dr. Mumtaz Hussain Pathan. |
| 90. | Physical and Economical Geography of Sind. | Manek Pithawala |
| 91. | Historical Geography of Sind. | |
| 92. | Physiography of Sind. | |
| 93. | Fauna and Flora of Sind. | |
| 94. | Indus River Regiern. | |
| 95. | A Geographical Analysis of Lower Basin. | |
| 96. | Physiographic Division of Sind. | |
| 97. | Settlements in Lower Indus. Basin. | |
| 98. | Sind's Changing Map. | |
| 99. | Geohydrology of the Indus River. | |
| 100. | The Indus--its Navigablity and Navigation. | |
| 101. | Potential Spaces of Sind. | |
| 102. | Weather and Welfare of Sind. | |

103. Geography and Culture with the Example of Sind.
104. A Bibliography of Sind.
105. An Introduction to Sind--Its Weather and Welfare.
106. Identification and Description of Some Old Sites in Sind--Their Relation with the Physical Geography of the Region.
107. A Geography of Hyderabad (Sind) and Its Neighbourhood. — Iqtedar Hussain.
108. Personal Observations on Sind. — Richard Burton.
109. Religious Movements in Sind (Thesis). — Sarfaraz Bhatti.
110. Ancient History of India. — Howells.
111. Shah Latif of Bhit. — Dr. Sorley.
112. Mansurah (Souvenir) 1983 (Sanghar Historical and Cultural Society.) — Abdullah Waryah.

## GAZETTEERS

1. Gazetteer of the Province of Sind. p. 6,7,70. — E.H. Aitken, Karachi. 1907 A.C.
2. Gazetteer of Sind p. 130, 132, 133, 135–138. — A.W. Hughes, Karachi, 1876 A.C.
3. Gazetteer of the Province of Sind pp. Vol II 5,30,31. — J.W. Smyth. Bombay, 1919 A.C.
4. Imperial Gazetteer of India. — Vol. XXII. Oxford, 1908 A.C.
5. Imperial Gazetteer of India — (Bombay Presidency), Vol. I, Calcutta, 1909.

## RESEARCH JOURNALS

6. Indian Antiquary — Vol. Xi, Bombay, 1882 A.C.
7. Islamic Culture. — Hyderabad Deccan, Vol. I,II,III,VI,VII, VIII,IXXVII,XIX,XX,XXII,XXIII,XXVI,XXVII.
8. Journal of Royal Asiatic Society. — Vol. I.V.IX.XIII.XX,VII (new). X(new). XVI (new).
9. Journal of Sind Historical Society. — (Relevant Volumes)
10. Al-'Urwah — Indo-Arab Cultural Association, Bombay (Relevant Nos.).

## ENCYCLOPEDIAS AND DICTIONARIES

11. Encyclopedia Britannica. — Walt Yust edition, London, 1951.
12 Encyclopedia of Islam — Edited by Houtsma and others, London, 1918.
13. Shorter Encyclopedia of Islam. — Gibb and Kramlu, Leden, 1953.
14. Encyclopedia of Ethics and Religion — James Hastings, Edinburgh, 1953.
15. Farhang Anandraj — Munshi Muhammad Bakhsh, Naval Kishore, Lucknow, 1892.
16. Da'erat-ul-Mua'arif Islamia. — Punjab University.

# سنڌ جا قديم سڪا

## سنڌ ۾ ٽالپر دور جا سڪا

عبدالله ورياهه

[نوٽ: "سنڌ جا قديم سڪا" عنوان سان مهراڻ جي اڳئين پرچي ۾ هڪ نئون ڪالم شروع ڪيو ويو آهي، جنهن کي مهربان پڙهندڙن ڏاڍو پسند ڪيو آهي. گذريل شماري ۾ "سنڌ ۾ انگريزن جا اوائلي سڪا" عنوان سان پهريون مضمون ڏنو ويو هو ۽ هاڻي "سنڌ ۾ ٽالپر دور جا سڪا" عنوان سان سيريز جو ٻيو مضمون ڏنو پيو وڃي. — ادارو]

سنڌ تي ١١٩٩هه/١٧٨٤ع کان ١٢٥٩هه/١٨٤٣ع تائين حڪومت ڪندڙ ٽالپر، بلوچن جي هڪڙي شاخ آهن ۽ رندن جي پاڙي سان ڇيا وڃن ٿا. بلوچن جي دعويٰ آهي ته هو نبي سائين صلي الله عليه وسلم جن جي چاچي امير حمزي رض جو اولاد آهن. ٽالپر سنڌ جي اترين ٽڪرين کان سنڌ ۾ وارد ٿيا. ٽالپر اصل ۾ ٻن لفظن جو مرڪب آهي: "ٽال" معنيٰ وڻ جي شاخ ۽ "پُر" معنيٰ وڍڻ، يعني ٽالپر معنيٰ "ڪاٺير"، جيئن "ٻزدار" (بوزدار) معنيٰ ٻڪرار، ڳؤ ڦالگ (ڳوپانگ) معنيٰ ڳنوار، وغيره.

مياڻ يار محمد ڪلهوڙي (١١١٢هه/١٧٠٠ع کان ١١٣١هه/١٧١٨ع) پنهنجي فوج کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بلوچن کي سنڌ ۾ اچڻ ۽ فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي. ٽالپر سنڌس دعوت قبول ڪري سنڌ ۾ آيا. جڏهن اهي ڪلهوڙن جي تختگاهه خدا آباد کان پندرهن ميلن جي مفاصلي تي پهتا، تڏهن ڪلهوڙن پنهنجا امير بطور ايلچي سندن آڌرڀاءُ ڪرڻ جي لاءِ روانا ڪيا، جن وٽ ريشمي لباس، سون ۽ چانديءَ جي زينن سان سنجيل گهوڙا هئا. ايلچين ڏٺو ته بلوچن وٽ رڍن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ هئا... ايلچين مير آلودي بابت پڇا ڪئي. سندن حيرت

جي ڪا حد ڪالا رهي، جڏهن هنن ڏنو تہ ميرآلودي جي ڪلهي تي ڪاڳو پڌل آهي ۽ هتن ۾ ڏاس جي ڏيري اٿس. ڀوءِ هنن ڪيس ريشمي وڳو پهرائي، گهوڙي تي چاڙهي، تخت گاهہ ڏانهن آندو. انهن ٽالپرن اڳتي هلي وڏي ترقي ۽ اوج ماڻيو. ٽالپرن ۾ مير شهداد خان ٽالي وارو ٿي گذريو آهي، جنهن کي دهليءَ جي مغل دربار مان "پٽ باران" جاگير طور مليل هئي، جيڪا نصرپور کان ساهتي جي وچ وارن علائقن تي پڌل هئي. اڄ تائين هن علائقي ۾ ٽالپرن جا آثار موجود آهن. شهدادپور شهر جي باني، مير شهدادخان ٽالپر جي ٽالي سان هڪ وڏو قبرستان شاهپور چاڪر جي پرسان موجود آهي، جنهن ۾ ٽالپر اميرن جون قبرون، مقبرا ۽ بهترين مسجدون موجود آهن، پر آثار قديمہ محڪمي جي بي توجهي سبب اهي آثار تباهہ ٿيندا پيا وڃن.

ڪلهوڙن جي دؤر کان وٺي سنڌ جي اقتدار تي قبضو افغان حاڪمن جو رهندو پئي آيو، جن ڏن وٺي سنڌ جي حڪومت جو سودو پئي ڪيو. انهن جڏهن محسوس ڪيو تہ ڪلهوڙو حڪمران ميان عبدالنبي ڪمزور ٿي چڪو آهي ۽ ٽالپرن جي مضبوط فوجي قوت کيس شڪست ڏئي چڪي آهي، تڏهن احمد شاهہ درانيءَ جي پُٽ امير تيمور شاهہ (۱۱۸۶ھ/۱۷۷۲ع کان ۱۲۰۷ھ/۱۷۹۳ع) ٽالپرن کان لَوَ لک روپيا ڏن وصول ڪري، سنہ ۱۱۹۹ھ/۱۷۸۳ع ۾ باقاعدي حڪمرانيءَ جي سَنَد، شاهي خلعت ۽ ڪجهہ عربي گهوڙا مير فتح علي ٽالپر ڏي ڏياري موڪليا ۽ حڪومت تي ٽالپرن جو قبضو ٿيو. مير فتح علي خان پنهنجن ٽن ڀائرن، مير غلام علي، مير ڪرم علي ۽ مير مراد علي سان گڏجي حڪومت ڪرڻ لڳو، جنهن کي "چؤياري" ڪري سڏيندا هئا.

مير فتح علي خان ٽالپر اڃان حڪومت هٿ ڪري، ملڪ جو انتظام رکڻ ۾ پورو هو تہ ميان عبدالنبيءَ جي چرچ تي، تيموري لشڪر احمد خان نوروزئي جي اڳواڻيءَ ۾ قلات جي بروهين جي مدد سان سنڌ تي ڪاهي آيو، جنهن کي ٽالپرن سنڌي لشڪر جي مدد سان منهن ڏنو ۽ آخر مير صاحبن بهادريءَ سان مقابلو ڪري، ڪين سنہ ۱۲۰۱ھ/۱۷۸۶ع ۾ ماري پچائي ڪڍيو. اها مير صاحبن جي پهرين فتح هئي، جيڪا افغاني لشڪر لاءِ ڪاپاري ڌڪ هئي. تيمور شاهہ اها خبر پڌي، پاڻ لشڪر وٺي سنڌ تي ڪاهي آيو تہ جيئن سنڌ جو سائو ستابو ملڪ، جنهن کي هنن سدائين پئي ڦريو، سو سندن هٿان نڪري نہ وڃي. هن شڪارپور پهچي صلح لاءِ ڳالهيون پئي هلايون تہ کيس سندس ملڪ افغانستان ۾ بغاوت جون خبرون پهتيون ۽ هو ڪابل ڏي واپس موٽي ويو.

جيتوڻيڪ پٺاڻن جو لشڪر پٺتي موٽي ويو هو، تہ بہ مير فتح علي خان ٽالپر جي دورانديش ذهن انهيءَ مستقل آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ سنہ ۱۲۰۴ھ/۱۷۸۹ع ۾ حيدرآباد جي

قلعي کي پنهنجو تخت گاهه مقرر ڪيو ۽ ساڳئي سال ٿر ۾ اسلام ڳڙهه ۽ فتح ڳڙهه جا قلعا پڻ جوڙايا، جيڪي جوڌپور جي راجا کي سنڌ جي سرحد کان پري رکڻ لاءِ اهم ثابت ٿيا. تيمور شاهه پنهنجي لاڳيتي ٻي شڪست کي وساري نه سگهيو ۽ ملڪي انتظام درست ڪري، سنه ١٢٠٥هه/١٧٩٠ع ۾ پائينده خان جي اڳواڻيءَ ۾ وري سنڌ تي لشڪر موڪليائين، جيڪو ڏوڪيندو اچي شڪارپور ۾ لٿو. مير فتح علي خان به پنهنجي فوج سان اچي سامهون ٿيس، پر پناڻن کي پئسا کپندا هئا، ان ڪري ناهه ٿيو ته جيڪو ڏن ڪلهوڙا حاڪم ڀريندا هئا، اهو ٽالپر به تيمور شاهه کي ڏيندا رهندا. ٻنهي ڌرين الهيءَ ناهه ۾ پنهنجي ڀلائي ڄاتي، خوشيءَ جو اظهار ڪيو. پٺاڻن جي لشڪر موٽ ڪاڌي ۽ مير صاحب شاهي دٻدٻي سان سنه ١٢٠٦هه/١٧٩٤ع ۾ پنهنجي تخت گاهه حيدرآباد پهتو.

مير فتح علي خان ٽالپر جي دور ۾ شروع کان وٺي افغان حڪمران تيمور شاهه جي نالي جا ٺپيل سڪا سنڌ ۾ هلندا هئا. جڏهن تيمور شاهه، مير فتح علي خان کي سنڌ جي حڪومت جي سند ڏني هئي ته اهو شرط وڌو هو ته هتي دراني سڪو، جيڪو اڳي ئي هلندڙ هو، اهو جاري رهندو.

ميرن جي حڪومت ۾ به بکر ۽ حيدرآباد جي ضربخانن مان سڪا جاري ٿيندا هئا ۽ اهي ئي سڄي سنڌ ۾ هلندا هئا. مير فتح علي خان جي دور حڪومت ۾ سون جا سڪا صرف ١٢٠٤هه جا مليا آهن، جيڪي بکر جي ضرب خاني مان جاري ٿيل آهن. انهن مان هڪ سڪو برٽش ميوزيم لنڊن ۾ موجود آهي. هن سڪي جو وزن ١٦٩ گرين آهي، ۽ سائيز هڪ انچ آهي. هن اٿليي سڪي جي ٻنهي پاسن جي لکيت ٽن گول دائرن جي وچ ۾ آهي، جن مان هڪ ٻڙين وارو آهي.

هن سڪي جي هڪڙي پاسي فارسي شعر ڇهن قطارن ۾ آهي ۽ هينئان سن لکيل اٿس.

چرخ مي آرد طلا و نقره از خورشيد و ماه
تاکند برچهره نقش سکه تيمور شاه
١٢٠٤

جنهن جي معنيٰ ٿيندي ته: ”دنيا جي گردش آندو سون ۽ چاندي، سج ۽ چنڊ وٽان، جنهن تي پلٽيو ويو نقش تيمور شاه جي سڪي جو، ١٢٠٤هه.“

سڪي جي ٻئي پاسي به فارسي جي روايتي لکٽي هن طرح آهي.

”جلوس ميمنت مانوس ضرب بکهر ١٨“



میر فتح علي خان ٽالپر
(تصوير بشڪريہ: مرزا عباس علي بيگ)

نتي مان ضرب ٿيل هن دور جو ڪوبہ سونو يا ٽامي جو سڪو نہ مليو آهي.

تيمور شاهہ جي وفات (۱۲۰۷هہ/۱۷۹۳ع) کان پوءِ جڏهن شاهہ زمان (۱۲۰۷هہ/۱۷۹۳ع کان ۱۲۱۶هہ/۱۸۰۱ع) حڪمران ٿيو تہ سنڌ جي ميرن تيمور شاهہ جي بہ نسبت زمان شاهہ جي نالي جا سڪا نئين شروع ڪيا، پر افغانن جو اهو دٻدٻو ۽ زور باقي نہ رهيو، جيڪو تيمور شاهہ جي حياتي ۾ قائم هو. تنهن هوندي بہ شاهہ زمان جي حڪومت جي پهرئين سال ۱۲۰۸هہ ۾ بکر جي ضربخاني مان هڪ سونو سڪو جاري ڪيو ويو هو، جنهن تي هيٺيون فارسي شعر لکيل آهي:

"قرار يافت بحڪم خدائي هر دو جهان
رواج سڪہ دولت بنام شاهہ زمان."

مطلب تہ "ٻنهي جهانن جي مالڪ (الله پاڪ) جي حڪم سان حڪومت حاصل ڪيائين ۽ ملڪ ۾ رائج ٿيو سڪو شاهہ زمان جي نالي جو."

ساڳئي سڪي جي ابتي پاسي جي لکيت هن طرح آهي:

"جلوس ميمنت مانوس - ۲ ضرب بکهر"

هن سڪي جي سائيز منو انچ ۽ وزن ۱۶۸ گرين آهي. (سڪو نمبر-٦)

مٿي ذڪر ڪيل سڪو بهاولپور جي توشي خاني ۾ موجود آهي. ساڳئي قسم جو هڪ چانديءَ جو سڪو، جنهن جو وزن ۱۷۷ گرين کان بہ ڪجهہ وڌيڪ آهي، بکر جي ضربخاني جو جاري ڪيل، جنهن جي لکيت بہ ساڳي آهي، برٽش ميوزيم ۾ موجود آهي. هن سڪي جي جاري ڪرڻ جو سن ۱۲۱۵هہ پڙهيو ويو آهي. (سڪو نمبر-٤)

زمان شاهہ جي نالي جو هڪ ٻيو چانديءَ جو سڪو، جيڪو پڻ بکر جي ضربخاني مان جاري ٿيل آهي ۽ برٽش ميوزيم ۾ موجود آهي، جنهن جي سائيز هڪ انچ کان ڪجهہ گهٽ ۽ وزن ۱۷۷ گرين آهي، پر سڪن کان مختلف آهي. هن سڪي جي وچ تي گلن واري دائري ۾ "زمان شاهہ" لکيل آهي. سڪي جي مڪمل لکيت پڙهڻ ۾ نٿي اچي، پر ان تي مٿي ذڪر ڪيل فارسي شعر بدران ٻيو ڪو شعر لکيل آهي، جيڪو سڪو ڪٽجي وڃڻ سبب پڙهڻ ۾ نٿو اچي. جڏهن تہ سڪي جي ٻئي پاسي واري لکيت ساڳي آهي. هي پنهنجي قسم جو پهريون سڪو آهي. زمان شاهہ جي پوري دور حڪومت ۾ ڪنهن بہ ضربخاني مان هن قسم جو سڪو جاري ٿيل نٿو نظر اچي (هن سڪي جو فوٽو ملي نہ سگهيو آهي) زمان شاهہ جي نالي جو بکر جي ضربخاني جو ٽامي جو سڪو پڻ هٿ آيو آهي. جنهن جي سڄي پاسي ٻڙين واري گول

دائري ۾ ”زمان شاهي فلوس“ ۽ ابتي پاسي ”ضرب بهکر“ لکيل آهي ۽ چوڏاري گول دائرو اٿس. هن سڪي تي سن لکيل نہ آهي، سائيز انچ ڪان ٿوري گهٽ ۽ وزن ۲۲۷ گرين اٿس.

زمان شاهہ جي افغانستان جي بادشاهي دوران جيتوڻيڪ مير صاحب ڏن ڀريندا ۽ ڪڏهن ٽنائيندا رهيا، پر بکر جي ضربخاني مان جاري ٿيل مٿي ذڪر ڪيل سڪن کان سواءِ ڪوبہ سڪو سنڌس ٽالي سان جاري ٿيل نٿو ملي. حيدرآباد جو ضربخانو ميرن جي دور ۾ تيمور شاهہ جي ٽالي وارا سڪا سنڌس گذاري وڃڻ کان پوءِ بہ جاري ڪندو رهيو، جن تي ڪوبہ سن لکيل ڪونہ هوندو هو. جڏهن تہ ٺٽي جو ضربخانو تيمورشاهہ جي ٽالي جا چانديءَ جا رپيا، جن جو مٿي ذڪر ٿي آيو آهي، جاري ڪرڻ بعد بند ٿي چڪو هو. اهو سڪو ٺٽي جي ضربخالي جو آخري سڪو سمجهڻ ۾ اچي ٿو.

مير فتح علي خان ٽالپر سنہ ۱۲۱۷ھ/۱۸۰۲ع ۾ گذاري ويو. کيس هالن جي ويجهو ٽالپرن جي آباد ڪيل شهر خدا آباد ۾ دفنايو ويو، جتي اڄ بہ مير صاحبن جا پٿر جا نهايت شاندار مقبرا موجود آهن، پر سنڀال نہ هجڻ سبب سندن حالت نهايت خراب آهي.

مٿي ذڪر ڪيل سمورن سڪن جو سڄيءَ سنڌ ۾ رواج هو ۽ اهي اشرفيون، رپيا ۽ فلوس مير فتح علي خان ٽالپر جي دور حڪومت (۱۱۹۹ھ/۱۷۸۳ع کان ۱۲۰۷ھ/۱۸۰۲ع) ۾ هلندا هئا.
(هلنڊ ژ)



# کھاٹیون

● جڏهن مان انسان جي تاريخ جو اڀياس ڪري چڪس ته ورڊس ورٿ جيان گهڻو اداس گذارڻ لڳس. ورڊس ورٿ هميشه اهو ويچاري اداس ٿيندو هو، ته 'انسان، انسان مان ڇا ته ڪيو آهي!' انسان کي ٽانگ، چيتي، شينهن ۽ ٻين جهنگلي جانورن ايترو ئي چيريو ڦاڙهو آهي، جيترو انسان! مون کي اها سڌ هئي، مان اهو چاهيندو هوس، مان اهو محسوس ڪندو هوس. پر ان جي اميد هئي ته ضرور ڪا جاءِ اهڙي هوندي، جتي انسان جو غير فاني روح، ڪڪرن ۾ لڪل سج مثل موجود هوندو.... ۽ نيٺ 'ادب' جي وسيلي مان ان جاءِ تي پهچي ويس.

— ٽئگور

”چڏ! گيدرو منهنجو آهي“ هن ٻيهي گدرو ٻاسي تي قابو ڪندي چيو.
”پٺين جو آهي؟ آتي مون اڪائي رکيو هو. هيڏالهن ڏي“ ٻئي چيو ۽ آلر ڪيائين، ڪچهري مان ستاري هڪل ڪئي.
”چورا! اڙي چو ٽا وڙهو؟ مار پوي.“
”آي گدرو لٿو ڏي منهنجو“ هن گدري ڏالهن هٿ وڌائيندي چيو.
”ڏسان ڪيئن لٿو گدرو ...“ هن جي ڳالهه پوري ٿي ڪون ٿي ته گدري کي ٻئي چوڪري زور سان زمين تي هٽي مٿان پهڃا ٻئي مٿي هاڻا پير هٽي پيجي چڙيو.
”هان! تون ٻه ڪاءُ مون وارو آلگونو“ ۽ هو چوڪرو ڊرو ۽ وائڙو ٿي بيهي رهيو. ميهار اهو لتاءُ ڏسندي، وڏو ٺڏو ساهه کڻي پنهنجي ڪالپ ڪولي اٿڻ لڳو.



# ادب لطيف

پروفيسر جهامنداس ڏاٽيا

## سچل سرمست

سچُو ۽ سچ ھِڪُ اسرارُ عجيبن جو
سازَ سان سٽايو آھ ھُنَ رازُ سچي مستيءَ جو
بادشاھن مال مستي، سونهن وارن سونهن مستي مڪر مستي، ھِنَ ملڪ جي ھئي.
منجهان عشق ٻستي
ٻرَ ۾ بازار بنائي ھُنَ ھلائي رمز رندن واري.
دَمِ دَمِ سندس ڏُنڍ ڏٺين جي ھلائي پيو. گيتُ عبرت جو ڳائي پيو.
عبرت ھئي ھِنَ عابد ڪي، ذڪُر زاھد سندو.
ذڪر ڪان سوا فارغ تي. ھُن عشق ڪيو ڏاڍو.
سدا سائل سِڪَ سوز ۾ قائل ٻئي نہ جدا.
فعل ۽ مفعول جي رڪي نہ ھُنَ ڪڏھين مدنها.
”ھُنَ چيو ”آھيان مان، آھو اسرار ازلي مان“
خبر نہ آھي چو الاجي ٿيس ڪنيزڪ گولي مان“
عطارَ جو عطر ھو ھي، شمس جو شماءُ ھيءُ ھو.
شاھ جي ڪهي جو ڏڪُ، سکهيو لاھي ڪونڪو پيو
اصليت جو اظهار، ڪير اشعار ۾ سرمست
ھيو جو ٽبُ ميءَ جي مستي ۾ مست سدا الست
عيسيٰ جئن سدا سورهيہ، رسم رواج جو مشڪن
ملن ۽ مفتن جو ھرجا، ھو نہ ڪڏھين روڪُن
سچ ٻسچُ جي سونهن جو، ھو سائل اول آخر،
اھڙو سچو سوز وارو سوڪو ڪينَ ملي، سونهن سچُ جنهن چلي پٽل پلاڙو
سُو چلي.
ڪيلي پيو ڪُلي خلق، فلڪ ۽ ملڪ اڳيان.

مستي ۾ سرمست سارو، راز ساز ڪيو.
مستي هو هو جي هلائي، هن آن جو آواز ڪيو.
لباز ناز ٿيو پرين جڏهين مليا پاڻ ۾.
سچو سچ چيو، سچ سچ ٿيو.
باغي ٿي بازارن ۾ ريتن رد ڪيو.
ڏيکائي سان هيڪ ٿيو، ملن مفتن منڪر ٿي
هن چيو مان ڪيان منڪر ٿيان.
ڪيان تان ڪافر"
الاهي امر
لڪيون لڪي ڪين لڪي.
سچو لاشڪ نئين زماني جو پيغامبر آهي.
ڪٿلا آهي ڪيس عطار جي، تات تبريزي لسڪ سندس لطيفي آهي
سندس لات عشق جي اوطاق جا ڪري چِت ڪي چاڪرن چاڪ
بي باڪ آهي بي تاڪ آهي.
ڪلاڪار آهي، ڏامعدڙ افلاڪ جو
ڪير؟
سچو، الاهي شير.

(مرڪميندڙ: روي. ايل. جهه)



تہ ملائڪن چيو تہ ڇا اھڙو پيو موڪلين، جيڪو زمين تي وڃي فساد ڪندو ۽ رت وھائيندو! تنھنجي ساراھہ ۽ پاڪائي بيان ڪرڻ لاءِ اسين ملائڪ ئي ڪافي آھيون، تہ اللّٰہ تبارڪ وتعاليٰ فرمايو تہ :

”مان جيڪي ڄاڻان ٿو، سو اوھين نٿا ڄاڻو.“

سو ھاڻي جيڪي ملائڪن کي معلوم نہ ھو ۽ صرف اللّٰہ تبارڪ و تعاليٰ جي علم ۾ آھي، سو آءٌ ڇريو پيو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان! ڪيئن! آھيان نہ اصلي ڇريو؟ پر اڳتي ٻڌو تہ اللّٰہ تبارڪ و تعاليٰ ملائڪن تي انسان جي عظمت عيان ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيو؟ حضرت آدم عليہ السلام کي سڀني شين جا نالا سيکاريائين.

نوٽ ڪريو تہ اللّٰہ تبارڪ و تعاليٰ انسان جو اُستاد ٿيو. ۽ پوءِ ملائڪن کان مختلف شين جا نالا پڇڻ لڳو. جواب ۾ ملائڪن چيو تہ اسان کي تہ فقط ايترو علم آھي جيڪو تو ربّ پاڪ اسان کي سيکاريو آھي يعني اسان کي مختلف شين جا نالا معلوم نہ آھن. ٻين لفظن ۾ انھن ۾ شين ۾ فرق ڪرڻ جو علم ڀريائين انسان کي ڏنو ويو ۽ جڏھن حضرت آدم عليہ السلام کان انھن مختلف شين جا نالا پڇيا ويا تہ ھو ٺيڪ ٺيڪ ٻڌائي ويو. انھيءَ مان ثابت ٿيو تہ انسان جي فضيلت يا ٻي مخلوقات تي فوقيت يا مٿاھين حيثيت صرف علم جي ڪري آھي. علم انسان جي عظمت جو سبب ٿيو پر علم اچي ڪٿان؟

ذھن چوي ٿو: ڇريا! او ڇريا. علم ڪتابن مان ۽ عالمن جي صحبت ۽ مجلس مان حاصل ٿيندو آھي.

آءٌ چوانس ٿو ”خبر آھي، خبر آھي. پڙھيا اٿم ڪتاب. گھوڙا پچي ويٺو آھيان عالمن جي اڳيان. پر سڀئي ڪتاب ۽ مڙئي عالم مون چٽ وانگر نٿا ڄاڻن تہ انسان ڇا آھي. يعني اھي سڀئي قوتون ۽ جبلتون يا صلاحيتون جيڪي اللّٰہ تبارڪ و تعاليٰ انسان جي اندر ۾ رکيون آھن انھن جو ادراڪ يا ڄاڻ نٿا رکن. ڪوبہ ڪتاب يا عالم اھو نٿو ٻڌائي تہ ”خواب ڇا آھي؟“، ”روح ڇا آھي؟“. خواب ۽ روح جي درميان جيڪي بہ حقيقتون، احساسات ۽ ڪيفيتون گذرن ٿيون سي سڀ پردہ غيب ۾ پنھان آھن. ڪوبہ ڪڏي ٻاھر نٿو ڪري سگھي.

جڏھن پھرئين سوال جو جواب نٿو ملي تہ ٻيو سوال يعني ”آءٌ ڪير آھيان؟“ نڙڪ ڪريو ذھن تي اچيو ظاھر ٿئي ۽ آءٌ سوچڻ لڳان ٿو تہ ”سچ بہ آءٌ ڪير آھيان؟“ ٽيونجاھہ سال پاڻ سان گڏ گذاريا اٿم، پر پاڻ کي سڃاڻي ئي نہ سگھيو آھيان. جواب نہ ملڻ تي اڳتي سوچ کي وڌائي نٿو سگھان ۽ فروعي سوال ڪٿي پاسن کان نڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، مثلاً ”ذھن ڇا آھي؟“ ڇاڪاڻ تہ سوچ تي حاوي ذھن آھي. جيڪڏھن ذھن نہ ھجي تہ سوچ بہ نہ ھجي. جيڪڏھن سوچ نہ ھجي تہ روح بہ نہ ھجي ۽ جيڪڏھن روح نہ ھجي تہ زندگي ئي نہ ھجي ۽ جيڪڏھن زندگي نہ ھجي تہ انسان بہ نہ ھجي.

# عالمي ادب

(سولزهينٽسن جو نوبيل ـ ليڪچر)

## اظهار جي آزادي

ولي رام ولڀ

[نوٽ: اليگزينڊر آئزيوچ سولزهينٽسن (Alexander Isayevich Solzhenitsyn)
١١- سيپٽمبر ١٩١٨ع تي پنهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ڪِسلوفودسڪ ۾ ڄائو.
ڇهن ورهين جي ڄمار ۾ ماڻس کيس پاڻ سان گڏ روزگار خاطر روسٽوف ـ آن ـ ڊان وٺي
ويئي، جتي هوءَ ٽائيپ ڪري پيٽ گذر ڪندي هئي. سولزهينٽسن پرائمري تعليم اتي ئي
حاصل ڪئي ۽ روسٽوف يونيورسٽيءَ مان رياضيءَ ۾ گريجوئيشن سان گڏ ١٩٤١ع ۾
ادب ۽ تاريخ جو ڪورس ٻہ پورو ڪيو. هڪ ورهيہ اڳ پنهنجي هم ـ ڪلاسڻ
نتاليا ريشيٽووسڪايا سان شادي ڪيائين ۽ روسٽوف هاءِ اسڪول ۾ رياضي پڙهائڻ لڳو.

روس ـ جرمن لڙائي ڇڙڻ تي، ١٨- آڪٽوبر ١٩٤١ع تي فوج ۾ ڀرتي ٿيو ۽
اتي لاڳيتو توبچي ۽ آرٽيلري آفيسر سان محاذ تي رهيو ۽ سٺي ڪارڪردگيءَ جي
ڪري ڪئپٽن جي عهدي تي رسيو. فيبروري ١٩٤٥ع ۾، هڪ اسڪول جي زماني واري
دوست جي خط ۾ اسٽالن تي نقطچيني ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ اٺن ورهين
لاءِ مختلف ليبر ڪئمپن ۾، پهريائين عام ڪئمپن ۾ عام ڏوهارين سان آرڪٽڪ ۾، ۽
پوءِ سائيبيريا جي خاص ڪئمپن ۾، ڏکي سزا ڪاٽيندڙ قيدين سان گڏ رکيو ويو.
سندس ٻہ ناول ـ One Day in the Life of Ivan Denisovich ۽ The First
Circle ليبر ڪئمپن ۾ گذاريل زندگيءَ جا يادگار آهن. ١٩٥٠ع جي وچ ڌاري کيس
ڪينسر ٿي پيو ۽ تاشقند جي ڪينسر اسپتال ۾ داخل ٿيو، جتان ١٩٥٤ع ۾ صحتياب
ٿيو ۽ Cancer Ward ناول لکيائين. روس واپس اچڻ کان اڳ، کيس ٽي ورهيہ
جلاوطن ٿي رهڻو پيو، جتي سندس زال کي ساڻس گڏ رهڻ جي اجازت هئي.

١٩٦٠ع ۾ Novi Mir (نئين دنيا) ادبي مخزن جي ايڊيٽر ۽ شاعر
توارد ووسڪي کي پنهنجو ناول ... One Day ڇپجڻ لاءِ ڏنائين، جنهن خروشچيف

جي آخري فيصلي ۽ منظوريءَ کان پوءِ نومبر ١٩٦٢ع ۾ ڇپيو، جيڪو هڪدم کپي ويو. سندس ٻيون ڪهاڻيون به انهيءَ مخزن ۾ ڇپيون.

١٩٦٨ ۾ سولزهينٽسن روس جي Literary Gazette جي حملي جو نشانو بڻيو، جنهن الزام هنيو ته ١٩٦٧ع کان سولزهينٽسن جي زندگيءَ جو مقصد روسي ادب جي بنيادي اصولن جي مخالفت ڪرڻ رهيو آهي ۽ هو روس جي نظرياتي مخالفن جي هٿن ۾ کيڏي رهيو آهي. ١٩٧٠ع ۾ Soviet Writers Union مان کيس خارج ڪيو ويو. انهيءَ سال 'نوبل ڪميٽي اسٽاڪهوم (سويڊن)' کيس ادب جو نوبل انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو، پر هو انعام وصول ڪرڻ لاءِ اتي وڃي نه سگهيو جو کيس ڊپ هو ته متان روس سرڪار کيس واپس اچڻ کان روڪي ڇڏي. ١٩٧٤ع ۾ يورپ ۾ سندس ڪتاب The Gulag Archipelago ڇپجڻ کان پوءِ کيس گرفتار ڪري ڏيهه-نيڪالي ڏني ويئي ۽ ساڳئي سال ڊسمبر ١٩٧٤ع ۾ نوبل ميڊل ۽ انعام جي رقم اسي هزار ڊالر اسٽاڪهوم ۾ وصول ڪيائين.

[متين ڪتابن کان سواءِ August 1914 (ناول)، The Love-Girl and Innocent (ناٽڪ) ۽ Stories and Prose Poems ڇپيل آهن.]

*　　　　　*　　　　　*

جهڙيءَ ريت ڪنهن ڪيرچ ماڻهوءَ کي ريتيءَ ۾ دٻيل ڪا ساموندي شيءِ يا آسمان مان ڪريل ڪا سهم شيءِ هٿ اچي وڃي، اهڙيءَ جيڪا ورن وڪڙن واري مُڙيل هجي، ڪڏهن جهڪي نموني چمڪي ۽ ڪڏهن روشنيءَ جي چمڪندڙ تروري ۾ جرڪي-۽ هو اهو ڏسڻ لاءِ گهمائيندو ڦيرائيندو هجي ته انهيءَ جو ڪهڙو استعمال ٿي سگهي ٿو؛ اها ڪيئن ڪهڙي معمولي ڪم ۾ آڻي سگهجي ٿي ۽ انهيءَ ڳالهه ڏانهن سندس ڌيان ئي نه وڃي ته انهيءَ جو غيرمعمولي استعمال به ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت اسين به فن کي هٿ ۾ کڻي، ان کي ڏاڍي خوداعتماديءَ سان پنهنجي ملڪيت سمجهندا آهيون؛ تيزيءَ سان انهيءَ جو مقصد متعين ڪري وٺندا آهيون، نئين سر انهيءَ جي تعمير ۽ تشڪيل ڪندا آهيون، انهيءَ جا منشور ٺاهيندا آهيون؛ انهيءَ کي روڪ رقم ۾ وڪرو ڪندا آهيون؛ انهيءَ سان سگهارن ماڻهن جي چاپلوسي ڪري کين خوش ڪندا آهيون؛ ڪڏهن انهيءَ کي ناچ گانن ۽ ڪلبن ۾ تفريحي مقصدن لاءِ کڻي ويندا آهيون ۽ ڪڏهن پيسن تي يا ڏنڊي سان، انهن مان جيڪو به مقصد هجي، غيرمستقل سياسي يا محدود سماجي ضرورتن کي پورو ڪندا آهيون. پر فن اسان جي انهن حرڪتن ڪري ناپاڪ نٿو ٿئي. انهيءَ ڪري جو اهو پنهنجي اصلي فطرت کان سڱ نٿو ڇني، پر هر ڀيري هر استعمال سان پنهنجي پراسرار اندروني روشنيءَ جو ڪجهه حصو اسان جي جهوليءَ ۾ وجهي ٿو.

وس ڪيو ڇڏين. آهي اسان کي مجبور ڪيو وڃهن ته اسان منجهن دلچسپي وٺون ۽ اهڙو ڪوبه شخص عرصي کان پوءِ به نه آڻندو، جو انهن کي رد ڪري سگهي.

شايد سچائي، نيڪي ۽ سونهن جو اهو پراڻو ٽڪنڊو رڳو نهيل ٽڪيل اڻچٽو فارمولو ناهي جنهن کي اسان پنهنجي هنيلي ۽ مادي پرست جوانيءَ ۾ سمجهندا هئاسين. جيڪڏهن انهن ٽنهي وٽن جون چوٽيون پاڻ ۾ ڳنڍجي وڃن ٿيون، جيئن عالمن جي دعوي آهي، ۽ جيڪڏهن سچائي ۽ نيڪيءَ جون وڏيڪ چٽيون ۽ وڏيڪ سڌيون ٽاريون چانگي ڇڏيون ويون آهن، ڪپيون ويون آهن يا کين وڌڻ نه ڏنو ويو آهي ته به سونهن جون عجيب، اڻ چٽيون ۽ متوقع ٽاريون پنهنجو ڪم ڪنديون رهنديون ۽ انهيءَ حد تائين اوچيون ٿينديون وينديون ۽ انهن ٽنهي جي ڪمن جو پوراڻو ڪنديون رهنديون.

( ٣ )

هن پليٽفارم تائين پهچڻ لاءِ، جتان هي نوبيل ليڪچر ڏنو پيو وڃي، اهو پليٽفارم جيڪو ڪنهن طرح هر ليکڪ کي پيش ٿئو ڪيو وڃي ۽ زندگيءَ ۾ جنهن جي پيشڪش فقط هڪ ڀيرو ٿيندي آهي، مون کي ٽي يا چار غير مستقل ڏاڪڻيون نه، بلڪ سرد ۽ اولداهي هند کان سوين يا هزارين مستقل لاهيون، برف سان ڍڪيل ڏاڪڻيون چڙهڻيون پيون آهن، جتي مان جيئرو رهيس، پر ٻيا مون کان وڌيڪ ذهين ۽ وڌيڪ سگهارا ختم ٿي ويا. مان پاڻ منجهائن ڪن سان ”گلاگ“ ۾ مليس، جيڪو مختلف ورڪريل ٻيٽن جو ميڙ آهي. دراصل چوڪسي ۽ شڪ جي چڪيءَ هيٺان مون ڪنهن شخص سان به نه ڳالهايو. ڪن جي باري ۾، مون رڳو ڳالهيون ٻڌيون ۽ ڪن جي باري ۾ رڳو اندازا لڳايم. جن جو نالو ادب ۾ اڳيئي موجود هو، آهي انهن اٿاهه کاهين ۾ گم ٿي ويا. آهي ڏاڍو گهڻ سچاتا وڃن ٿا، پر انهن مان ڪيترا اهڙا هئا جي گمنام هئا، جن جو نالو ماڻهن اڳيان هڪ ڀيرو به نه آيو. ۽ انهن گهڻو ڪري تمام ورلي ڪو شخص به واپس آيو. اتي سمورو قومي ادب بي ڪفن دفن ٿيل آهي، جنهن جي جسم تي ڪپڙو به ناهي. آهو بلڪل اگهاڙو آهي. رڳو هڪ نمبر آهي جو پير جي آڱوٺي تي لڳايو ويو آهي. روسي ادب هڪ ڪن لاءِ به ختم نه ٿيو، پر ٻاهر کان ويران علائقو ٿو لڳي. جتي هڪ خوبصورت ٻيلو آپري سگهيو ٿي، اتي ڪٺائي کان پوءِ به ٿي وڻ وڃي بچيا، جن تي اتفاق سان نگاهه ئي نه پيئي.

۽ اڄ جڏهن مان ڪريملن جي پاڇن سان گڏ بيٺو آهيان ۽ ڪنڌ جهڪائي انهن ماڻهن کي هن پليٽفارم ڏانهن ويندي ڏسڻ چاهيان ٿو، جيڪي مون کان گهڻو اڳ انهيءَ جي اهل هئا. انهن جيڪي ڪجهه چوڻ چاهيو هوندو، مان اڄ انهيءَ جو ڪيئن ٿو اندازو ڪري سگهان ۽ ڪيئن ٿو اظهار ڪري سگهان؟

اهو اسان تي فرض ٿي چڪو آهي ۽ اسان سمجهي ورتو. ولادمير سولو فيف جي لفظن ۾:

روسي چوڻي آهي: 'پنهنجي پاڻ تي ڀروسو نه ڪر، پنهنجي خراب اک تي ڀروسو ڪر'، پنهنجي ماحول ۽ انهيءَ ماحول ۾ پنهنجي ورتاءَ کي سمجهڻ لاءِ اهوئي سڀ کان موزون بنياد آهي. انهن ڏکين دؤرن ۾، جڏهن اسان جي دنيا اٿلڻ ۽ حيرت جي حد تائين ٽڪرن ۾ ورهايل هئي ۽ اڃا هڪ گڏيل آمدرفت جي نظام سندس مٿاڇري تي پٽڙ نه ڦهلايا هئا، جنهن جي ڪري اها هڪ واحد ۽ شديد حرڪت سان ڌڙڪندڙ ڇپ بنجي ويئي، ماڻهو مقامي طور تي ۽ پنهنجي پنهنجي برادري، پنهنجي سماج ۽ پاڙيءَ ۾ پنهنجي قومي حدن ۾ پنهنجي عملي تجربن سان سڌي طرح رهنمائي حاصل ڪندو هو. انهيءَ وقت ڪنهن فرد لاءِ اهو امڪان موجود هو ته هو پنهنجي اکين سان مشاهدو ڪري ۽ قدرن جو گڏيل ماڻ مقرر ڪري — ڪهڙي شيءِ معمول مطابق آهي، ڪهڙي اڻٺيڪ آهي، ظلم ڇا آهي، لامحدود بدي ڇا آهي، ايمانداري ڇا آهي، نڀڳي ڇا آهي. جيتوڻيڪ ڌوراهين هنڌن وڪريل ماڻهو مختلف طريقن جي زندگي گهاريندا هئا ۽ سندن سماجي قدرن جو ماڻ سندن وزن ۽ ڪٽپ جي ماڻن وانگر ڇتي طرح مختلف ٿيندو هوندو پر انهن اختلافن ڪنهن اتفاقي سياح کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي عجب ۾ نه وڌو. انهن کي 'عجيب' لکيو ويو ۽ غير متحد انسانيت کي ڪائنس ڪو خطرو پيدا نه ٿيو.

هن صديءَ جي گڏيل ڪجهه ڏهاڪن ۾ انسانيت هوريان هڪ ٿي ويئي آهي. اهڙي طرح متحد ٿي ويئي آهي جو انهيءَ جي اتحاد سان اميدون ۽ انديشا ٻئي سامهون آيا آهن. انهيءَ ڪري هڪ حصي جو صدمو ۽ بيماري ٻئي، ٻئي حصي ۾ منتقل ٿي وڃن ٿا، جتي گهڻو ڪري انهن جو ڪو توڙ موجود نٿو هجي. انسانيت هڪ ته ٿي ويئي پر انهيءَ طرح نه، جيئن پهرين هڪ برادري يا قوم مستحڪم طور تي متحد ٿيندي هئي — گڏ ٿيل عملي تجربن جي ذريعي نه، خود پنهنجي اک جي وسيلي نه جنهن کي خوشدليءَ سان خراب اک چيو ويو آهي، نه ئي چڱي طرح سمجهه ۾ ايندڙ مقامي زبان جي ذريعي، بلڪ انهن سڀني حدن کي اورانگهي، بين الاقوامي ريڊيو ۽ اخبارن جي ذريعي — واقعن جي هڪ لهر اسان کي پُساڻيندي لنگهي ٿي ۽ هڪ کن ۾ اڌ دنيا ۾ انهن جي ٻوندن جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. پر دنيا جي انهن حصن جي قانون مطابق، جن جي باري ۾ اسان کي ڪا ڄاڻ ناهي، شين جي ماپن ۽ قدرن جي تعين جا معيار نه ته نشر ٿيندا آهن ۽ نه ئي سگهن ٿا، ۽ نه ئي انهن کي خبرن ۾ نهڪائي سگهجي ٿو. اهي معيار مختلف ملڪن ۽ مختلف سماجن جي زندگيءَ ۾ ايتري مخصوص انداز ۾ شامل ٿي ويا آهن ۽ ايتري مدت کان ۽ ايتري خصوصيت سان انهن کي تسليم ڪيو ويو آهي جو لطيف هوا جي ذريعي انهن جو ڦهلاءُ ممڪن ناهي. دنيا جي مختلف علائقن ۾ واقعن تي قدرن جا اهي ئي معيار منطبق ڪن ٿا، جي ڪين ڏکين مصيبتن کانپوءِ حاصل ٿين ٿا ۽ اهي ڪنهن قسم جي ناهه کانسواءِ خود اعتماديءَ سان فقط پنهنجي معيار تي پرکين ٿا، ٻين جي معيار تي نه.

جيڪڏهن دنيا ۾ اهڙا معيار لاتعداد ناهن ته ٿورا گهڻا ضرور آهن. هڪ معيار مقامي واقعن لاءِ، هڪ دور دراز جي ڳالهين لاءِ، قديم سماجن ۽ جديد سماجن جي لاءِ،

دنيا جي باري ۾، جنهن جي باري ۾ اسان کي ڪا خبر ناهي ۽ اخباري نمائندن جي ڏير سان ڪيل قياس آرائين ڪانسواءِ، جتان اسانکي ڪا خبر نٿي ملي، اسان جي دل پُرسڪون رهي ٿي.

بهرحال، اهڙن متضاد معيارن لاءِ، ڏورانهين ڏڪوئيندڙ مصيبتن جي ڄاڻ جي باري ۾ ڪُند ذهني جي لاءِ انسانيت تي الزام نٿو مڙهي سگهجي. بس ماڻهو اهڙيءَ طرح ناهيو ويو آهي. پر سموري انسانيت لاءِ، جنهن کي سميٽي هڪ چپ ناهي ويئي آهي، پاڻ ۾ انهي ناسمجهيءَ ۾ هڪدم ۽ شديد تباهيءَ جا خطرا لڪل آهن. ڇهن، ڇئن يا رڳو ٻن قدرن جي معيارن جي موجودگيءَ ۾ واحد دنيا، واحد انسانيت قائم نٿي رهي سگهي. آهنگ ۾ اختلاف انسانيت کي چيري ٻه ٽڪر ڪري ڇڏيندو. اسان هڪ ئي دنيا ۾ گڏ زندهه رهي نه سگهنداسين، جهڙي طرح ٻن دلين وارو ماڻهو هن دنيا ۾ نه هوندو آهي.

( ۵ )

پر قدرن جي انهن معيارن ۾ مطابقت ڪير ٿو پيدا ڪري سگهي ۽ ڪهڙيءَ ريت؟ اهڙو ڪير آهي جو انسانيت کي هڪ اهڙو واحد نظام عطا ڪري جي انهيءَ جي چڱي ۽ مدي، نه سهڻ جوڳن ۽ ٻنهي جي اعمالن جي- جهڙيءَ طرح اڄ انهن ۾ فرق ڪيو وڃي ٿو، صحيح سڃاڻپ ڪري سگهي؟ ڪير آهي جو انسانيت تي اهو واضح ڪري سگهي ته حقيقت ۾ تشدد ۽ نه سهڻ جوڳي شيءِ ڪهڙي آهي ۽ ڪهڙي شيءِ ويجهو هئڻ سبب اسان جي ڪُل لاهيندي معلوم ٿئي ٿي- تنهنڪري اسان جي غصي کي انهيءَ شيءِ ڏانهن منتقل ڪري جا محض قريب نه هجي بلڪ حقيقي خوفناڪ هجي؟ ڪير آهي جو انهيءَ پروڙ کي پنهنجي ذاتي تجربي جي حدن کان ٻاهر ڦهلائڻ جي صلاحيت رکندو هجي؟ ڪنهن وٽ اهو هنر آهي جو هڪ تنگ نظر ۽ ضدي انسان کي ٻين پري وسيل ماڻهن جي رنج ۽ خوشيءَ جو احساس ڏياري سگهي ۽ انهيءَ کي اهڙين حدن ۽ نگاهه جي فريب کان آشنا ڪري سگهي جن مان هو گذريو نه هجي. پروپيگنڊا، دٻاءُ ۽ سائنسي ثبوت، سمورا بي طاقت آهن، پر خوشيءَ جي ڳالهه اها آهي جو اسان جي دنيا ۾ اهڙو طريقه ڪار موجود آهي ۽ اهو فن ۽ ادب جو طريقهء ڪار آهي.

اهي معجزو ڏيکاري سگهن ٿا. اهي ٻين کان متاثر ٿيڻ کانسواءِ، رڳو پنهنجي تجربي مان، سکڻ جي بدقسمت لاڙي تي فتح حاصل ڪري سگهن ٿا. هڪ شخص کان ٻئي شخص تائين، هن سر زمين تي مختصر وٿيءَ جي عيوض، فن ڪنهن ٻئي جي طويل زندگيءَ جي تجربن جي هڙ، پنهنجي سختين، رنگن ۽ توانائين سميت منتقل ڪري ڇڏيندو آهي. هڏ ۽ ماهه ۾ انهن تجربن کي ٻيهر جيئرو ڪري ٿو ڇڏي، جي ٻئي ڪنهن جا هوندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح انهن کي ذاتي تجربن ۾ وجهي ٿو ڇڏي.

انهيءَ کان به اهم ۽ وڏيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته ملڪ بلڪ سمورا ڪنبا ڪجهه مدت ڪالهوءِ هڪ ٻئي جي غلطين کي ورجائيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته صديون گذري وڃڻ ڪانپوءِ،

اها ڳالهه ته اخمتوا ۽ زمياتن (Akhmatova and Zamyatin) جهڙا عظيم ليکڪ سموري زندگي چوديواري اندر دفن رهيا ۽ قبر ۾ نهي ته خاموش تخليق جي لاءِ. انهن جيڪي ڪجهه لکيو، انهيءَ جو پڙاڏو به نه ٻڌو ويو. اهو رڳو انهن جي ذاتي بدقسمتي نه بلڪ پوري قوم جو ڏک ـ ناٽڪ آهي ۽ ٻين قومين جي لاءِ به هڪ حقيقي خطرو.

ڪن صورتن ۾ اهو سموري انسانيت لاءِ به خطرو آهي جو هڪ پوري تاريخ پنهنجي خاموشيءَ جي ڪارڻ سمجهي نه سگهي ويئي.

انهيءَ مسئلي تي ڌار ڌار وقتن ۾ ڌار ڌار هنڌن تي گرما گرم، ڪاوڙ ڀريل ۽ نرم بحث ٿيا آهن ته ڇا فن ۽ فنڪار جي پنهنجي زندگي هئڻ گهرجي يا ڪين سماجي ذميدارين کي هميشه پيش نظر رکڻ گهرجي ۽ سماج جي خدمت ڪرڻ گهرجي، پوءِ ڀل ڪٿي اها ذهني لاڙي ڪااسواءِ ٿي هجي. منهنجي لاءِ اهو ڪو مسئلو ناهي ۽ مان ٻيهر انهيءَ بحث ۾ نه پوندس. هن موضوع تي هڪ تمام شاندار تحرير البرڪاميو جي نوبيل ليڪچر جي هئي، تن جي نتيجن جي مان خوشيءَ سان پيرائي ڪريان ٿو. حقيقت ۾ روسي ادب هڪ عرصي کان اهائي ڏس اختيار ڪئي آهي. هن نه ته پنهنجي واڪاڻ ۾ وڏيڪ وقت کپايو آهي؛ ۽ نه اجاين ڳالهين ۾ ويو آهي ۽ مان انهيءَ روايت کي جيترو ممڪن ٿي سگهيو، اڳيرو ڪرڻ ۾ شرمند و ناهيان. روسي ادب ۾، گهڻو اڳي کان اهو تصور لڪل رهيو آهي ته ليکڪ پنهنجي عوام لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو ۽ کيس ڪرڻ به گهرجي.

اسان فنڪار جو اهو حق نه کسينداسين ته هو هر شيءِ کان نظر بچائي رڳو پنهنجي ذاتي تجربن ۽ مشاهدن جو اظهار ڪري. اسان فنڪار کان ڪا گهُر نه ڪنداسين پر اسان کي اها اجازت هوندي ته اسان کيس سست چئون، کيس عرض ڪريون، کيس اپيل ڪريون ۽ کيس برو ڀلو چئون. نيٺ هو پنهنجي صلاحيتن جو رڳو هڪئي حصو پاڻ تشڪيل ڏئي ٿو. ان جو گهڻو حصو ته کيس ڏهيل نڪيل پيدائش جي وقت ملي وڃي ٿو، جنهن سان گڏ کيس اختيار جي ذميداري به ملي ٿي. جيڪڏهن اهو قبول به ڪئي ڪجي ته فنڪار تي ڪنهنجو ڪو قرض نٿو هجي، تڏهن به اهو مشاهدو اذيت ناڪ آهي ته هو پنهنجي تخليق ڪيل دنيا ۾ سمونجي، يا پنهنجي تخليق ڪيل دنيا جي وسيع ۽ ويڪري علائقي ۾ داخل ٿي، اصل دنيا کي، خود غرض متاڇرن ۽ جنوني انسانن جي هٿن ۾ سونپي ڇڏي.

اسان جي ويهين صدي گذريل صديءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ظالم ثابت ٿي آهي. انهيءَ جي دهشتناڪي پهرئين اڌ سان ختم نه ٿي آهي. قديم غارن جي رهواسين جا احساس، لالچ، حسد، تشدد ۽ هڪٻئي کان نفرت، جن هوريان هوريان باعزت لقب حاصل ڪري ورتا آهن؛ مثال طور طبقاتي ڪشمڪش، اسلي ڪشمڪش، عوامي جدوجهد، مزدورن جي جدوجهد وغيره، اسان جي دنيا جا ٽڪر اڏائي رهيا آهن. غارن جي رهواسين جي ڪنهن سان ناهه کان انڪار هاڻي هڪ نظرياتي اصول بڻجي ويو آهي، جنهن کي متعصب ذهن جي خوبي سمجهيو وڃي ٿو. اهو سلسلو

ڇا اسان نڪ ـ ڏاڍائي سان اهو اعلان ڪري سگهون ٿا تہ اسان اڄ دنيا جي پوڻ ۽ وهندڙ ڦٽ جا ذميدار ناهيون؟

مون کي بهرحال عالمي ادب جو شديد احساس تقويت پهچائي ٿو، ڇو ته اهو هڪ وڏي دل هجي، جا اسان جي دنيا جي پريشانين ۽ مصيبتن تي ڌڙڪي رهي هجي، جيتوڻيڪ جنهن جو هر حصو انهن جو مشاهدو ۽ تجربو مختلف طور تي ڪندو هجي.

ماضيءَ ۾ بہ ڊگهي عرصي جي قومي ادب سان گڏوگڏ عالمي ادب جو بہ هڪ تصور ضرور موجود هو، جو قومي ادب جي چوٽين جي وچ ۾ هڪ تعلق تي مرتسم ڪيل ادبي اثرن جو مجموعو هو. البت زمانن جو تفاوت موجود هو. پڙهندڙ ۽ ليکڪ ٻاهرين ليکڪن کان گهڻي وقت کانپوءِ واقف ٿيندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن تہ صدين کان پوءِ ـ جنهن جو نتيجو اهو هو تہ هڪٻئي کان متاثر ٿيڻ ۾ دير لڳي ٿي ۽ قومي ادب جي اوچاين جا مجموعا همعصرن جي بدران ايندڙ نسلن کي ڏسڻ ۾ آيو ٿي.

اڄ هڪ ملڪ جا ليکڪ ۽ ٻئي ملڪ جا پڙهندڙ ۽ ليکڪ هڪ ٻئي کان تاثر وٺن ٿا، جنهن جو مان پاڻ شاهد آهيان. منهنجا ڪتاب، افسوس جو منهنجي پنهنجي ملڪ ۾ شايع ٿي نہ سگهيا؛ جلد يا دير سان ڪي خراب ترجمن جي صورت ۾، سموري دنيا جي سچاڻ پڙهندڙن تائين پهتا ـ جن جو تنقيدي تجزيو هائنرخ بال (Hienrich Boll) جهڙن وڏن ليکڪن ڪيو. انهن موجوده ورهين ۾، جن ۾ منهنجو ڪم ۽ منهنجي آزادي ٻئي ختم ٿي نہ سگهيا، جو ظاهري طرح ڪشش ثقل جي قاعدي جي خلاف لطيف هوا ۾ بيٺل رهيا، ڇو تہ انهن جو ڪو بنياد نہ هجي، ۽ رڳو همدرد ماڻهن جو ڏسڻ ۾ نہ ايندڙ خاموش ۽ مٿاڇري تي پيدا ٿيندڙ تاڻ انهن جو بنياد هجي. اهڙيءَ حالت ۾ هڪ گرم جوش شڪرگذاريءَ جي عالم ۾ مون وڏي تعجب سان عالمي برادري جي پنيرائي پنهنجي حق ۾ ڏٺي. مون کي ڏاڍي حيرت ٿي جڏهن مون پنهنجي پنجاهين جنم ڏينهن تي مشهور يورپي ليکڪن کان واڌايون وصول ڪيون. هاڻي مون تي پوندڙ ڪو دٻاءُ بہ اهڙو نہ هو جنهن کي نظرانداز ڪيو وڃي. انهن خطرناڪ ڏينهن ۾، جڏهن مون کي ليکڪن جي يونين مان ڪڍيو ٻئي ويو، دنيا جي اهم ليکڪن ۽ فنڪارن، ملڪ کان منهنجي جلاوطني جي صورت ۾، مهمانوازي طور منهنجي لاءِ پناهہ گاهہ جو بندوبست ڪيو. سڀ کان پڇاڙيءَ ۾ اهو تہ نوبيل انعام جي لاءِ منهنجي نامزدگي انهيءَ سر زمين تان نہ ٿي، جتان جو مان رهواسي آهيان، ۽ جتي مان لکان ٿو، بلڪ اهو ڪم فرينڪوا مارياڪ (Francois Mauriac) ۽ سندس ساٿين ڪيو. انهيءَ کانپوءِ ليکڪن جي قومي تنظيمن اتفاق راءِ سان منهنجي پنيرائي ڪئي.

جيئن مون سمجهيو آهي ۽ پاڻ تجربو ڪيو اٿم تہ عالمي ادب هاڻي ادبي نقادن جو ايجاد ڪيل رڳو هڪ تجريدي ۽ عمومي تصور جو مجموعو ناهي، بلڪ هڪ مشترڪ جسم،

اهو ڪم ڪندو آهي.) خواهه اها بزدليءَ جي ذلت جي مذمت هجي يا اجائي خود اعتماديءَ جي ڪمزوري جي؟ نوجوانن جي بي مغز آزاديءَ جي مظاهرن جي، يا ڇُرا لهرائيندڙ ننڍيءَ عمر وارن جي لاقانونيت جو ڪير فيصلو ڪندو؟

اسان کي اهو ڇيو ويندو ته ننگي تشدد جي بي رحم حملن جي خلاف آخر ادب ڪري به ڇا ٿو سگهي؟ اسان کي اهو وسارڻ نه گهرجي ته تشدد نه پنهنجي طور تي فروغ ٿو حاصل ڪري، نه حاصل ڪري سگهي ٿو. انهيءَ جو تعلق لازمي طور تي ڪوڙ سان هوندو آهي. منجهن انتهائي ويجهو، انتهائي گهرو ۽ فطري رابطو هوندو آهي. تشدد کي ڪوڙ کانسواءِ ٻي ڪا شيءِ لڪائي، ۽ ڪوڙ کي قائم رکڻ لاءِ تشدد جو استعمال ٿيندو آهي. جنهن به هڪ ڀيرو تشدد کي پنهنجو طريقه ڪار بنائڻ جو اعلان ڪيو، آهو ڪوڙ کي بنا هٻڪ پنهنجي اصول جي طور تي منتخب ڪندو آهي. شروع شروع ۾ ته تشدد کُلي طرح ۽ ڪجهه قدر غرور سان عمل پيرا هوندو آهي، پر جيئن ئي اهو طاقتور ۽ مستحڪم ٿي ويندو آهي تيئن هو محسوس ڪرڻ لڳندو آهي، ته آس پاس جي هوا پتڙي ٿي ويئي آهي ۽ هو ڪوڙ جي مٺي خطابت کي پنهنجي چوڌاري ويڙهي اڳتي نٿو وڌي سگهي. عام طور تي اهو پنهنجي شڪار سان رڳو ڪوڙ جي تابع داري ۽ ڪوڙ ۾ شامل ٿيڻ گهرندو آهي.

هڪ عام باهمت شخص جو سڌو سادو عمل اهو آهي ته هو ڪوڙ جي پيروي نه ڪري، انهيءَ ۾ شامل نه ٿئي. جيڪڏهن ڪوڙ هن دنيا ۾ اچڻو ئي آهي ته اچي. جيڪڏهن ٿي سگهي ته هن دنيا تي حڪومت ڪري، پر منهنجي حوالي سان نه اچي. ڪوڙ جي خلاف جنگ ۾ فن هميشه فتح ياب رهيو آهي ۽ هميشه رهندو، ڇاڪاڻ ته طرح ۽ بنا ترديد هر شخص لاءِ. ڪوڙ دنيا ۾ ڪيترن ئي شين جي خلاف بيهي سگهي ٿو پر فن جي خلاف نه.

هڪ ڀيرو جڏهن ڪوڙ جو جادو ٽٽي پوي ته تشدد جي نفرت ڀريل اوگهڙ به پڌري ٿي پوندي، ۽ پوءِ خالي تشدد ڍهي پوندو.

انهيءَ سبب ڪري، منهنجا دوستو! مان اهو سمجهان ٿو ته اسان هن برندڙ وقت ۾ دنيا جي مدد ڪري سگهون ٿا. اڪار جي ڪلمن سان نه ته جنگي هٿيارن لاءِ هٿڻ جو بهالو ڪريون، نه ئي تن آساني جي زندگي ۾ وڃائجي، بلڪ جنگ جي ميدان ۾ للڪاريون.

روسي ٻوليءَ ۾ سچائي جي باري ۾ گهڻائي مثال آهن، اهي هر ڀيري ماڻهن جا غور طلب ڪؤڙا ۽ گنڀير تجربن جا، ڪڏهن ڪڏهن تعجب خيز حد تائين، اظهار ڪندا آهن.

'سچائي جو هڪ لفظ به دنيا لاءِ ڳورو آهي'

مادي ۽ توانائي جي بقا جي قانون جي بظاهر ايڏي عجيب و غريب خلاف ورزي تي مون پنهنجي ڪارگذارين جي ۽ سموري دنيا جي ليکڪن کي پنهنجي هن اپيل جو بنياد بنايو آهي.

توکان پري دل تي دلبر،
آيسري آيا ڇڻ ڏوهر.

---

انڌلٽ جهڙا سپرين تو بن،
جيون پاڻيءَ جيان بيرنگ!

---

هڪڙيءَ پينگهي ۾ جهوليا هون،
غم پڻ منهنجو ئي سن آهي!

---

درد ٻه دل جو سات ڇڏي ويا،
راڄن جي غدارن وانگي!

---

سنگ ساٿي نه ڪوئي ٻيلي آ،
زندگي ڄڻ خدا جئن اڪيلي آ!

---

درد ٻارن جيان ٿا رانديون ڪن،
پکيڙيو گهر جو پڌر آهيان.

---

لڙڪ ته گهر جا ٻاتي آهن،
ٿڪ ته ٻاهر جا ماڻهو!

اياز گل، پنهنجن جذبن، احساسن ۽ سوچن جي اظهار لاءِ هرويرو حسين ۽ مترنم لفظن جي چونڊ ڪونه ٿو ڪري، پر پنهنجي ماحول ۽ دور جي مروج ٻوليءَ ۾، پنهنجن مشاهداتي تاثرن کي تخليقي انداز ۾ پيش ڪري ٿو، جيڪا ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته هن وٽ لفظي بازيگري ۽ مصنوعيت پڻ نه آهي. مثال طور:

اوهان جي در تي اڃين بيٺا رهياسين،
گهٽيءَ جي نالي جو ڄڻ بورڊ هاسين!

---

او پرين! زندگيءَ جو هرهڪ پل،
تنهنجيءَ شاديءَ جو ڪارڊ آهي ڄڻ!

---

اڄڪلهه پنهنجو جيون ائين ڄڻ،
ٻيسن بجي ڪان پوءِ ڪئمپس!

دنيا ٻي بيزار ڪيو آ،
ٽي-ويءَ جي اشتهارن وانگي!

اياز کل جي غزلن جي ٻولي پيچيدي، ڳوڙهي ۽ ابهام واري نه آهي، پر ان ۾ سادگي آهي، ليڪن سندس ٻولي ايتري سادي به نه آهي، جنهن مان سطحيپڻي جو احساس ٿئي. هن جون تشبيهون پڻ سندس سنڌي ساديءَ مروج ٻوليءَ وانگر ساديون ۽ سندس آسپاس واري ماحول مان ورتل آهن. سندس شعر جي سادي ٻوليءَ ۽ عام فهم تشبيهن جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا:

رم جهم راڳ رچايا آهن،
ڪورا نينهن آپايا آهن.

—

چير ٻڌي جذبن جي مُون،
پنهنجا گيت نچايا آهن!

—

سوچ نئينءَ ڪان ڏار ڪٽلا ائين،
ڏَپ ڪيل جيئن بيٺل پاڻي!

—

درد ڪو جنهن ۾ ناهي دوست!
سا دل پٿر آهي دوست!

—

لوڪ سارو سُمهي پيو آهي،
ليڪن مهتي خيالَ جاڳيا هن!

—

تنهنجو چهرو قرآن،
تنهنجا هٿڙا رحل!

—

شهر ماڻهن سان پريل ڪو به خريدار نه پر،
اُٽڪ پنهنجا به ٿيا سنڌي ڪتابن وانگي!

—

بدنُ اوهان جو چوڏهينءَ-چنڊ،
بادلُ ململ جو پهراڻ.

—

ڪُل خوشبو ڦهلائي پوءِ،
ٽُٽندو تاريءَ سان ڇٽندو!

# حوالا

(۱) سنڌي غزل: شيخ عبدالرزاق "راز".

(۲) م. ا. جويو- مهاڳ "پيلا گل پلاند م"، ص ۰۱

(۳) ايم. ڪمل- "نئين غزل تي مختصر نوٽ"، "روشن راهون ڌنڌلا ماڳ"، ص ٦٧.

(٤) تنوير عباسي- "نوان پلئيل سڪا" (مهاڳ) "سوچون سرها گل، ص ٧-٨.

(۵) شمشيرالحيدري- "وچ وراڪا سوچ" (مهاڳ) "سوچون سرها گل"، ص ۵۲.

(٦) تنوير عباسي- "نوان پلئيل سڪا" (مهاڳ) "سوچون سرها گل"، ص ۸.

(٧) واسديو موهي- "نئون محاورو" (مهاڳ) "ميرو سج"، ص ۸.



# صفحا ساروڻين جا

## شام جي سناري ڏانهن

[ماڏڪ جي ياد ۾]

نصير مرزا

● زندگيءَ جي ڪنهن انتهائي نويڪلي گهڙيءَ ۾ مون پنهنجي آفيس جي لان تي ليٽي، ماڏڪ جي نالي اربيل تاج بلوچ جو هي نظم ڪاغذ تي اتاريو:

تون ٻه چؤواٽي تان موٽئين ساٿي
آئنيا چُور ٿيا
هار سينگار ڦِٽا
عڪس رنگين هئا، جيڪي ٽُٽي پيا سارا.
سارو ماڻداڻ تي
زهر آب ويو
عارضي طور سهي
درد بيتاب ڪيو
ڏاڍو بيتاب ڪيو.

نظم اتاري، ڪتاب بند ڪرڻ جي خيال ڪان، نظم تي پيپرويٽ رکي ڪيس تيز هوا ۾ چٽيل پنن سان گڏ اڏامي وڃڻ ڪان بچائڻ چاهيم پئي، تڏهن مون کي سارتر جي چيل هڪ ڳالهه شدت سان ذهن تي تري آئي. 'مان جڏهن لکندو آهيان تڏهن مايوسيءَ جي چار مان ڪنهن خوبصورتيءَ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.' مون چپن ۾ پُرٽڪڻ شروع ڪيو... ۽ جڏهن مان لکندو آهيان، تڏهن خوبصورتيءَ جي چار مان مايوسيءَ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. شايد تيز هوا جي زور تي نظم تان پيپر ويٽ هٽي ويو هو. مون ڏٺو، منهنجو ڪاغذ ڪٿي پري پري اڏامندو پئي ويو، ۽ وقت ڪيڏي نه تيزيءَ سان فل اسپيڊ ۾ پرسان لنگهيو وڃي. مون کي لڳو، اڃالڪ امرتا-پريتم، مون سان ڪنهن سهڻي ۾ ڊائلاگ شروع ڪري ڏنو آهي. نظم لکڻ خدا جي باغ مان صوف چورائڻ وانگر آهي. مون چيو: صحيح! پر ٻهه پنهنجي ڪنهن دوست کي ياد ڪري، ڪجهه لکڻ، ڪوفي ۽ شام جي بازار مان، انبوهه ماڻهن جي وچ مان، بيمار ۽ قيدي امام زين العابدين جيان اگهاڙين پيرين لنگهڻ وانگر آهي.

# جي مري ٿيا نه مات



ماڻڪ

جنم
٥- مارچ ١٩٤٣ع

وفات
٢٦- جنوري ١٩٨٢ع

پيارا دوست نثار

السلام! خوش هوندين -

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

جواب جي [illegible] انتظار رهندو -

[illegible]

[illegible]

---

ماڻڪ جو اهو خط، جيڪو وفات کان ڏهاڪو ڏينهن اڳ نثار حسيني کي لکيو هئائين

● ۽ ادب ۾ ماڻڪ جي ڀرپور بغاوت پڙي اعلان جو سِرو هو: ’حويليءَ جا راز‘. (۽ ماڻڪ اِها ڪهاڻي لکي جڏهن ته سنڌ جي ڏهندڙ جاگيرداري نظام جي حويلين تي زبردست شيل ڦٽو ڪيو هو. مون کي پڪ آهي ته جڏهن اِهو جاگيرداري نظام، مُڪمل طرح سان ڏهي پوندو، تڏهن حويليءَ جا راز ڪهاڻيءَ کي تعليمي نصاب ۾ ضرور شامل ڪيو ويندو ـ ممتاز مهر). ان کان پوءِ، ماڻڪ جو، سماجي قدرن ۽ انساني لاڳاپن جي اصليت کي ڏيکاريندڙ ناولٽ ’لڙهندڙ نسل‘ پڌرو ٿيو. لڙهندڙ نسل کان ادب ۾ ماڻڪ جي حوالي سان بنهه شخصي فرسٽريشن واري ادب تخليق ٿيڻ کي به جڻ هٿيِ ملي وئي. ممتاز مهر چوائي: ماڻڪ ون يونٽ جي ڏهڻ جي سُتت پوءِ واري دور جي سنڌي نوجوان جي ذهني ڪيفيت کي هڪ حساس نوجوان جي حوالي سان پنهنجي ناولٽ ’لڙهندڙ نسل‘ ۾ چٽيو آهي... ان کان پوءِ، هڪ ٻئي پويان، ’ڇهه انام ڪهاڻيون‘ ناولٽ ’رڃ ۽ پڙاڏا‘... ۽ ’ساهه مٺ ۾‘ تائين ماڻڪ جي ڪهاڻين، ناولٽن جا موضوع ۽ اسٽائيل اِنتهائي چرڪائيندڙ (۽ شايد چيڙائيندڙ به) رهيا. وڏي ۽ اهم ڳالهه هي به ته: نورالهديٰ شاهه جي ڪجهه ڪهاڻين کي ڇڏي ڪري، اهڙن موضوعن کي نه ڪائنس اڳ ڪنهن ليکڪ اهڙي ريت ڇُهڻ جي جرئت ڪئي هئي ۽ نه ڪائنس پوءِ. سنڌ ۾ پنهنجي اِن ارڏي ۽ سگهه ڀري اسٽائيل جو هُو اڪيلو ۽ آخري ليکڪ هو.

● ماڻڪ جيئن زندگيءَ کي سمجهيو ۽ محسوس ڪيو هو، تيئن ان کي پنهنجي تخليق ۾ پيش ڪيو. سندس پيشڪش جو انداز اِن حد توڙي حقيقي هو جو انهن ۾ سماجي حقيقتن ۽ بُڇڙاين جي عضون جا، انگ الڳ ڌار ڌار ڪري، ڪاڳرن تي جڻ ڊيـر ڪندو ويندو هو. ٻولي به پنهنجي ڪهاڻين ۾ هو ڪا عام رواجي ۽ ڪهاڻين ۾ مروج انداز واري ڪونه لکندو هو. حقيقتن کي چِٽڻ لاءِ، هن ٻوليءَ جو نئون گهاڙيٽو اختيار ۽ ايجاد ڪيو هو. ڏگهن ڏگهن ۽ بورنگ جملن جي پيٽ ۾، هُن واپرايا ننڍڙا ننڍڙا پتڪڙا جملا. سِٽون مختصر-سٽن ۾ فل اسٽاپ، ڪاما ۽ سيمي ڪولن جو پورو پورو خيال. انهن ڳڻن تي عُبور سبب هن وٽ لکڻ جي اهڙي سگهه ۽ تيزڪ هئي جو ڪهاڻين ۾ هو جنهن قسم جي ماحول کي ڏيکارڻ چاهيندو هو، Create ڪري ڏيکاريندو هو (مثال طور. ’گئس چيمبر ۽ ڪارو ڪاري ڪهاڻي‘ ناولٽ پاتال ۾ بغاوت. ساهه مُٺ ۾ ۽ ٻيا به) خاص ڪري ماڻڪ جڏهن سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽي ۾ مون کي ’امداد چانڊيي‘ کان، پنهنجي ناول ’ساهه مُٺ ۾‘ جو اسڪرپٽ ’ري ويوءَ‘ لاءِ ونئي ڏنو هو... ۽ جڏهن گهر پهچي اَڌ يءَ رات جو ان کي مون پڙهڻ شروع ڪيو، تڏهن ويهن پنجويهن صفحن پڙهڻ کان پوءِ، اوچتو ناول جي ’نائڪ‘ جو ڀؤ، خوف، حيرتون ۽ آڻ تڻ جڻ منهنجي رڳن ۾ سرايت ڪري ويون هيون. لڳو: آهو انقلابي پروفيسر مان آهيان. بغاوتن سان جنهن جو ذهن تمتار آهي. اهو شخص مان ئي آهيان، جنهن جي آمريت جا گماشتا، ’سي آئي ڊي‘ ۽ ’ايف آئي اي‘ جا چاڙتا واڳهه وانگر آدم ٻُو آدم ٻُو ڪندا ڳولهيندا پيا وتن. ناول پڙهندي محسوس ٿيو جڻ ڪوئي سامهون پٺ تان مون کي گهوري پيو. هوا جا آواز،

جهڙيءَ روشنيءَ جي پُراسرار پاڇولن ۾، ميتن مائٽن ۽ دوستن گڏجي هن کي قبر ۾ لاٿو ۽ هوريان هوريان مٽي ورائي، دفن ڪري ڇڏيو- [۽ اڪ ڇنپ ۾ سڀ دروازا بند.] ۽ اچانڪ، سڄي دنيا جا مظلوم، محڪوم ۽ محروم پڙهندڙ پنهنجي آدرشوادي ليکڪ جي نرم گرم ساروڻن ۽ معصوم مُرڪندڙ چهري کان پڻ آپل ۾ محروم ٿي ويا.

... ۽ ٿرڊ ورلڊ جا محروم محڪوم ماڻهؤ!

ماڻڪ وڃي چڪو،

ماڻڪ ختم ٿي چڪو،

پر ڇا، ماڻڪ مري سگهي ٿو؟

ڇا ماڻڪ جهڙا ليکڪ مري سگهن ٿا.

ختم ٿي سگهن ٿا؟

ليسن پليز،

ليسن پليز.

۽ ... گوئٽي جي چپن تي مرڻ وقت هي لفظ هئا:

روشني،

روشني؛

او روشني ....



# رفتار ادب

## نون ڪتابن تي تبصرا/تعارف/اپياس

[تبصرن لاءِ ڪتاب جون ٻه ڪاپيون مهراڻ آفيس ڏي موڪلجن.]

*　　　*　　　*

### علامه آءِ. آءِ. قاضي بحيثيت مبلغ اسلام ۽ معمار يونيورسٽي تعليم

Allama I. I. Kazi -
A scholar Missionary of Islam and Architect of University-
Education in Sindh (1886-1968).

هيءُ ڪتاب دراصل انگريزيءَ ۾ لکيل هڪ مقالو آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده فاضل سيڪريٽري جناب حبيب الله صديقيءَ جي ڪاوش جو ثمر آهي. صديقي صاحب اهو مقالو علامه صاحب جي گولڊن جوبليءَ جي موقعي تي ڪونايل سيمينار ۾ پڙهيو هو، جنهن جي صدارت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي هئي. اهو سيمينار سنڌ الاجيءَ جي آڊيٽوريم ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي سهڪار سان منعقد ڪيو ويو هو.

جناب صديقي صاحب جو ستر صفحن تي ڦهليل اهو مايدار مقالو هينئر پاڪستان اسٽڊي سينٽر طرفان جاذب نظر ڪَوَر ۽ اعليٰ ڪاغذ تي طبع ٿي ميدان ۾ آيو آهي. مواد جي ترتيب ۽ سٽاءُ نهايت سهڻي آهي. هن ۾ علامه مرحوم جي زندگيءَ جي گهڻن اوجهل پهلوئن کي اجاگر ڪيو ويو آهي ۽ ڪافي نيون ڳالهيون پهريون دفعو منظر عام تي آنديون ويون آهن. ڪتاب ۾ ڪيتريون ناياب تصويرون، فوٽا، پمفليٽ، پاٽ جي انصاري ۽ قاضي خاندان جو اڻ لڀ شجرو به شامل آهن، جن لاءِ صديقي صاحب جي محنت جس لهڻو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته علامه قاضي هن صديءَ جو هڪ وڏو مسلمان مفڪر هو. خاص طور اسلام ۽ لطيف جي حوالي سان سندس فڪر ۾ سنڌ وارن لاءِ دائمي نوعيت جو پيغام سمايل آهي. پر افسوس آهي ته علامه صاحب جي سوانح ۽ فڪر تي تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي. اجان تائين سندس ڪي تقريرون ۽ تحريرون به منظر عام تي اچي نه سگهيون آهن.

هاڻي جيستائين علامه صاحب بابت ڇپيل مواد جو تعلق آهي ته هن سلسلي ۾ سڀ کان پهرين جناب جي. ايم. سيد جو ڪتاب 'ساهڙ جا سينگار' جنوري ١٩٦٩ع ۾ يعني علامه صاحب جي وفات کان جلدي پوءِ هڪ سال اندر منظر عام تي آيو، جنهن ۾ علامه صاحب جي زندگيءَ

ستين ياڱي ۾ مضمون ڏنا ويا آهن، جنهن ۾ ڪيترن ئي عنوانن تحت مضمون ڏنل آهن. ڪتاب جو انون ۽ آخري ياڱو به نهايت اهميت وارو آهي. هن ياڱي ۾، خط ۽ درخواستن لکڻ جو فن ڏنل آهي، جيئن شاگرد پنهنجن مٽن مائٽن ۽ دوستن کي خط وغيره لکي سگهن. هن عنوان ۾ خط ۽ درخواست لکڻ جو ڏانءُ سيکاريل آهي. هي ڪتاب ڪورس لاءِ نهايت ڪارآمد ثابت ٿيندو. شاگرد ۽ عام پڙهندڙ هن ڪتاب مان سٺو فائدو حاصل ڪري سگهندا. هن ڪتاب جي ويهه رپيا قيمت رکي وئي آهي ۽ سينٽي بڪ اسٽالن تان ملي سگهندو.

— امام راشدي

## هراس

ادب هر دؤر ۽ هر عهد جو ترجمان هوندو آهي، جنهن ۾ اسان ڪنهن به قوم جو مزاج ۽ معاشرتي تبديلين جو عڪس صاف ڏسي سگهون ٿا. هر دؤر جون پنهنجون الڳ گهرجون ۽ مختلف تقاضائون ٿينديون آهن ۽ باشعور ليکڪ اهو آهي، جنهن جون تحريرون وقت جي تقاضائن سان مطابقت رکن ٿيون ۽ ائين ادب ان دؤر جي ماڻهن جي ذهني لاڙن ۽ ترجيحات جي بنياد تي ڪو واضح روپ وٺي سامهون ايندو آهي. هڪ دؤر اهو هو جنهن ۾ روحانيت پسنديءَ جو رجحان وڌيڪ ڏسڻ ۾ آيو ٿي، پر وقت گذرڻ سان گڏ اسان جا ليکڪ روحانيت جي طلسم خاني مان نڪري زندگيءَ جي مختلف موضوعن تي طبع آزمائي ڪرڻ لڳا. خاص ڪري اسان جي موجوده دور جو سجاڳ ۽ باصلاحيت نوجوان ليکڪ اڄ جي دور جي پيچيده سماجي صورتحال جي ترجماني پنهنجي تحريرن وسيلي موثر انداز ۾ ڪري رهيو آهي. هڪ اهڙي ئي باصلاحيت نوجوان وهاب سهتي جي ڪهاڻين جو مجموعو ”هراس“ جي عنوان سان مرڪ پبليڪيشن لاڙڪاڻي پاران پڌرو ڪيو ويو آهي، جيڪا ليکڪ پاران مجموعي طور تي هڪ سٺي ڪاوش آهي ۽ هڪ همت ڀريو قدم به آهي، ڇوته عموماً پبلشر حضرات نون ليکڪن جا ڪتاب شايع ڪرڻ کان لهرائيندا آهن. شايد ان جو ڪري نون ليکڪن جي ايتري حوصله افزائي نه ٿي سگهندي آهي. هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ کان پوءِ اميد آهي ته ٻين نون ليکڪن جا ڪتاب به شايع ڪري سندن حوصله افزائي ڪئي ويندي. هن ڪتاب جي اضافي خوبي اها آهي ته ان ۾ نج سنڌي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن ۽ ليکڪ پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ جو عڪس خوبصورتيءَ سان چٽيو آهي، خاص ڪري ليکڪ ڳوٺ جي ماحول، اتان جي رهڻي ڪهڻي ۽ مسئلن کي پنهنجي اعليٰ رنگ ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن جي ڪري ڪهاڻين ۾ حقيقتن جو رنگ وڌيڪ نمايان نظر اچي ٿو. وهاب سهتي ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي سادي ۽ عام فهم ٻوليءَ ۾ اثرائتي نموني ۾ بيان ڪيو آهي، خاص ڪري سندس ڪهاڻي هراس ڳوٺن ۾ پيش ايندڙ موجوده حالتن جي سٺي نمائندگي ڪري ٿي. ان کان سواءِ وهاب سهتي پنهنجي ڪهاڻين ۾ حقيقت پسنديءَ کان ڪم ورتو آهي. سنڌي سماج ۾ ڪيتريون برايون بي ڀاڙيءَ وانگر ڦهليل آهن، غربت، جهالت ۽ بي روزگاريءَ جي پس منظر ۾ جنم وٺندڙ

اهي بيماريون سنڌي سماج کي اڌوهيءَ جيان کائي اندرئي اندر ۾ کوکلو ڪري رهيون آهن. معاشي ناهمواريون، عورت جو استحصال، تعليم جي کمي، اهي اڄ جي دور جا توجهه طلب مسئلا آهن. ان کان سواءِ قتل، اغوا، چوري، جوا، جنسي گهٽ ۽ بي راهه روي ۽ اهڙيون ڪيتريون ٻيون بُرايون هن وقت سنڌي معاشري کي تباهيءَ ڏانهن ڌڪي رهيون آهن. وهاب پنهنجي اڪثر ڪهاڻين: هراس، چنبو چنبو، ڪاهي، ڪوڪ وارو، ڏيئن جو ڏنار ۽ ڪوڙڪيءَ ۾ اهڙين برائين جي نشاندهي ڪئي آهي. البت اها ڳالهه ضرور آهي ته وهاب جي ڪهاڻين ۾ موضوع جي لحاظ کان نواڻ گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. وهاب جن موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، انهن موضوعن تي ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ڇپجي منظرعام تي اچي چڪيون آهن. جيڪڏهن وهاب مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ انهن مسئلن جو ڪو حل به پيش ڪري ها ته وڌيڪ بهتر ٿئي ها. باقي جيڪڏهن ڳالهه ڪجي ڪهاڻين جي Treatment جي ته ادب جي دنيا ۾ نئين هئڻ جي باوجود سندس تحريرن ۾ پختگي آهي. سندس ٻوليءَ جي سادگي، لفظن جي رواني ۽ ڪهاڻين ۾ جيڪو تسلسل جو عنصر آهي اهو هڪ ڏينهن وهاب کي سٺن ڪهاڻيڪارن جي صف ۾ ضرور شامل ڪندو، پر شرط اهو آهي ته هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ موضوع جي لحاظ کان اڃان Variety پيدا ڪري ۽ سندس قلم زندگيءَ جي مُکَ تان خوشنما نقاب لاهي اصلي روپ ڏيکارڻ جي مڪمل صلاحيت رکندو هجي، جنهن لاءِ هو پاڻ چوي ٿو ته "منهنجون ڪهاڻيون سؤ سيڪڙو سچ نه آهن، ته به ايڏي وڏي ڪوڙ جي ملاوٽ به اٿن جو ڪوڙيون لڳن. اها به ڳالهه آهي ته ڪهاڻي ڪوڙ جي آميزش کان سواءِ جڙي نه سگهندي آهي، ڪٿي ڪٿي 'دروغ مصلحت آميز به از لامتي فتنه انگيز' تي عمل ڪندي اصل ناالا بدلائي فرضي ناالا ڏنا اٿم، ورنه ڪهاڻين جو وچور حقيقت تي ٻڌل آهي". وهاب جي ان ڳالهه مان ظاهر آهي ته هن جي اندر ۾ حقيقتن کي پرکڻ جي گهري جستجو آهي ۽ سندس ڪهاڻيون مشاهدي جي سٽلي مان ڦُٽي نڪتيون آهن. وهاب ادب جي منزل ماڻڻ لاءِ حقيقتن ۽ سچاين جي ڳولا جي جنهن سفر تي نڪتو آهي، هراس ان سلسلي جي پهرين ڪڙي آهي، هاڻ اهو پڙهندڙن تي منحصر آهي ته هو ان نئين ليکڪ جي لکڻين جي حوصله افزائي ڪيئن ڪن ٿا.

- شبنم گل

## چونڊ ترڪي ڪهاڻيون

تازو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پنهنجي اشاعتي سلسلي جو ۱۴۵ نمبر ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، جنهن جو عنوان آهي "چونڊ ترڪي ڪهاڻيون". اهو ڪتاب اصل ۾ ترڪي جي اديب علي الپ ارسلان جي چونڊيل ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل افسانن "A Slection of Turkish Short Stories" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو آهي، جيڪو سنڌيءَ جي سڃاڻ ڪهاڻيڪار ۽ شاعر جناب بشير موريائي ڪيو آهي. ڪتاب ۾ ڪل سورهن ڪهاڻيون آهن، جيڪي انهن چوڏهن ڪهاڻيڪارن جون تخليق ڪيل آهن، جن جو تعلق ترڪيءَ جي قومي ادب جي تحريڪ سان آهي، ۽

ڇپيو هو. افساني جي مصنف جو نالو انگريزيءَ ۾ "Cevdet kudret" ڇاپيل هو. "قدرت" ته منهنجي سمجهه ۾ آيو پر پهريون لفظ "سودت" لکڻ تي دل نه پئي ٿي. نيٺ منهنجي اها مشڪل سنڌ يونيورسٽيءَ جي لائق استاد پروفيسر قاضي نبي بخش حل ڪئي ته اهو لفظ "سودت" نه پر "جودت" آهي، جو ترڪيءَ ۾ "ج" جي آچار جي لاءِ "C" جو حرف ڪتب آڻيندا آهن. مان سمجهان ٿو ته اها ذميداري جي مترجم پوري نه ڪري سگهيو هو ته انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي کي گهرجي ها ته سنڌ يونيورسٽي ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي ڊائريڪٽر ۽ سنڌ ۾ ترڪي ادب ۽ زبان جي واحد ماهر پروفيسر ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل کان رهنمائي وٺن ها ته بهتر هو. نه رڳو ايترو بلڪ "ترڪي افسانوي ادب" تي موصوف کان مقدمو لکارائي ڪتاب ۾ شامل ڪن ها ته ان جي هڪ علمي حيثيت به ٿي پوي ها. اميد ته آئينده اهڙن ڪتابن جي سلسلي ۾ اهي ڳالهيون نظر ۾ رکيون وينديون.

ڪمپيوٽر جي اجوڪي دور ۾ هن ڪتاب جي پراڻي نموني واري ٽائيپ ۾ ڇپائي ايتري وڻندڙ نه ٿي لڳي. البت ڪتاب جو ٽائيٽل بيحد جاذب آهي ۽ ان تي عنوان جي ڪئليگرافيءَ هڪ عجب حسن پيدا ڪيو آهي. ڪتاب جي مواد ۽ ۲۳۷ صفحن جي لحاظ کان ان جي سٺ رپيا قيمت ڪا گهٽي ڪانهي.

— مراد علي مرزا

## سنڌ تحقيقي بورڊ جا ڇپيل ڪتاب:

سنڌ جي علم ادب ۽ خاص طرح سنڌ جي تاريخ بابت سرڪاري ادارن کان علاوه گذريل اڌ صديءَ کان، ڪجهه خانگي انجمنون به سرگرم پئي رهيون آهن. بمبئيءَ کان علحده ٿيڻ سنڌ جداگانه صوبو بڻيو ته ان پس منظر ۾ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ آرڪيالاجيءَ بابت، نهايت ئي وڏي پيماني تي تحقيقي ڪم ڪيو ۽ ڪتاب شايع ڪيا. ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ جي اتهاس بابت سنڌ ريسرچ سوسائٽيءَ به ڪم جو آغاز ڪيو. هيءَ سوسائٽي محترم ڊاڪٽر مبارڪ علي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪجهه ٻين استادن جي ذاتي دلچسپيءَ سان وجود ۾ آئي، جنهن کي يونيورسٽيءَ جي تڏهوڪي وائيس چانسيلر محترم مظهرالحق صديقي صاحب جي مالي ۽ اخلاقي مدد به حاصل رهي. هن انجمن، سنڌ جي تاريخ ڏهن جلدن ۾ مختصر، عام فهم ۽ آسان شايع ڪرڻ جو پروگرام رٿيو هو. بدقسمتيءَ سان هيءَ سوسائٽي ٽي جلد شايع ڪرڻ کان پوءِ جڻ ختم ٿي وئي. هن اداري لاءِ ميڊم تنوير جوڻيجو "سنڌ جا قديم آثار" ۽ محترم غلام محمد لاکو "سمن جي سلطنت" نالن سان ڪتاب لکيا، جي پوءِ ٻين ادارن ڇاپي پڌرا ڪيا. سنڌ جي تاريخ ۽ تمدن بابت محترم عبدالله ورياهه صاحب جي ذاتي توجهه سان "سنڌ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي" بڻ نهي آهي، جنهن مان سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ عوام کي وڏيون اميدون آهن.

تي ۽ پنهنجي تباهيءَ تي رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي. محترم ناز سنائي ٻن اکرن لکندي ڪتاب بابت درست طور تي تنقيدي نگاهه وڌي آهي. سنڌ تحقيقي بورڊ جو ڇهون ڪتاب: ”سومرن جي دور جا سورما“ ڊسمبر ١٩٨٩ع ۾ ڇپيو آهي. هي ڪتاب محترم دادا سنڌي جي ڪاوشن جو نتيجو آهي، جنهن کي ٽن ڀاڱن ۾ لکيو ويو آهي. پهرين حصي ۾ سومرن جي دور تي سرسري نظر وڌل آهي. ٻين ڀاڱن ۾ دودي چنيسر جي ڳالهه تي بحث ڪيل آهي. ان بعد ٽئين ڀاڱي ۾ اصل عنوان طرف ايندي، پهرين مرد سومرن ۽ پوءِ عورت سورمين بابت بيان آندل آهي. آخر ۾ سومرن جي دور جي سورمن جي حوالي سان بحث ڪندي ڪي نتيجا ڪڍڻ جو جتن ڪيو ويو آهي. ان بعد سومرا دور ۾ سنڌي ادب جي تعلق تي روشني وڌل آهي. بلاشبه هيءُ ڪتاب لکي دادا سنڌي صاحب، سنڌ جي اتهاس جي هڪ مکيه باب تي روشني وڌي آهي. سنڌ تحقيقي بورڊ جي مڙني ڇپيل ڪتابن ۾، ڇپائي، ٽائيٽل، گيٽ اپ ۽ ڪاغذ وڌيڪ بهتر ڪتب آندل آهي. ڪل ١١١ صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جي قيمت ويهه رپيا رکيل آهي. آخر ۾ ناز سنائي ١٩٨٩ع لاءِ سنڌي تحقيقي بورڊ جي ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ ڏني آهي. خدا ڪري سنڌ تحقيقي بورڊ پنهنجي پروگرام ۾ ڪامياب ٿئي ۽ سنڌ جي تاريخ تي ڪم جاري رکي سگهي.

— محمد قاسم سومرو



# "سروري جماعت جو ڏهر ۽ اويسي طريقو" ڏي هڪ راءِ

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي ادب جي تاريخ جي محققن کي اهو معلوم آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ اڃا بہ ڪيترائي اهڙا خال رهيل آهن، ڪي اهڙيون صنفون اڃا تائين اڻڇوتيون پيون آهن، ڪي اهڙا اديب ۽ شاعر اڃا گمنام آهن، جو اها دعوا نٿي ڪري سگهجي تہ سنڌي ادب جي تاريخ مڪمل طور لکجي چڪي آهي. هن ڏس ۾ نہ صرف عربن جي ابتدائي دور کان وٺي سومرن جي دور واري رهيل مواد کي هٿ ڪرڻ جي ضرورت آهي، پر سنڌ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ واري دور يعني سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان اڳ واري زماني (Pre-Islamic Period) ۾ لکيل علمي ۽ ادبي مواد جي سلسلي ۾ بہ کوجنا ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ مون پنهنجي Ph. D واري ٿيسز ۾ صفحي ١٧٠ تي، 'معياري ادب جي تاريخ' واري باب ۾ عرض ڪيو هو تہ:

"اسلام جي آمد کان اڳ واري سنڌي علم جي تاريخ جي ڪابہ خبر پئجي نہ سگهي آهي. هن ڏس ۾ راجستان ۽ گجرات جي پراڻن ڪتبخانن کي اٿلائڻ پٿلائڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ فاتح سنڌ، غازي محمد بن قاسم جي حملي وقت (٧١٢ع)، ۽ ديبل جي فتح وقت ڪي سنڌي لوهاڻا، پروارين غير-مسلم حڪومتن ڏانهن لڏي ويا ۽ اوڏانهن وڃي پناهہ ورتائون (١)، ممڪن آهي تہ لڏپلاڻ ۾ هُو ڪي علمي ۽ ادبي شيون پاڻ سان کڻي ويا هجن، جيڪي شايد هن ڏس ۾ اسان جي رهنمائي ڪن" (٢).

حيرانيءَ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ سنڌي ادب جا ڪيترائي استاد اڃا تائين ڪلهوڙن جي دور کي ئي سنڌي ادب جو 'سونهري دور' سمجهن ٿا. هنن شايد خانبهادر محمدصديق ميمڻ جي لکيل "سنڌي ادبي تاريخ" کان پوءِ ڇپيل مواد کي تسليم نہ ڪيو آهي، جيتوڻيڪ ميمڻ صاحب جن جي تحقيق کان پوءِ ڪيترو مواد ڪتابن ۽ رسالن ۾ شايع بہ ٿيو آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌي ادب جو هر دور پنهنجي ليکي ڌار ڌار خوبيون ۽ خصوصيتون رکي ٿو، ۽ هر دور ۾ لکيل يا تخليق ڪيل علمي ۽ ادبي خزانو سماجي، ثقافتي، لساني، علمي ۽ ادبي لحاظ کان اهميت رکي ٿو. ان ڪري هر دور جي علم ادب جي تاريخ جي جائزي جي ضرورت آهي.

هن سلسلي ۾ وڌيڪ لکن ٿا:

"چوندا آهن تہ فلاڻي ڳالهہ لاءِ سموري پرڳڻي ۾ 'ڏاهہ' ڏني ويئي تہ سوين ماڻهو اچي گڏ ٿيا (مدد ڪرڻ لاءِ) تہ ڪم ٿي ويو" (٨).

بهرحال، سائينءَ جن جي مقرر ڪيل معنيٰ ۽ وصف، لفظ 'ڏهر' ۽ ان جي ڪارج ۽ مفهوم سان بلڪل نهڪي ٿي اچي، يعني تہ عوام ۽ خواص کي سڌ ڏيئي/سڌ ڪري/اطلاع ڏيئي الله ۽ ان جي آخري رسول ڏي رجوع ڪرائڻ.

ڏهر لفظ جي وصف جي باري ۾ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز طرفان ڇپايل ڪتاب 'سر ڏهر' ۾ محققن بہ وصفون ڏنيون آهن. محترم معمور يوسفاڻي پنهنجي مقالي 'سر ڏاهر جو مطالعو' ۾ لکي ٿو:

"ڏاهر لفظ جي معنيٰ آهي سُڌ، سما يا ڏس پتو ڏيڻ وارو. هي لفظ بنيادي طرح 'ڏاهہ' لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي خبرچار/آهچاڻ/ڏس پتو/سُڌ سما وغيره. شاهہ صاحب جي رسالي ۾ موجوده سُر پڻ الهيءَ معنوي دائري ۾ اچي وڃي ٿو، جنهن ۾ سنڌ جي قديم تاريخ جا ڪافي ڏس پتا موجود آهن" (٩).

معمور صاحب اڳتي لکي ٿو:

"لسانيات جي دائري ۾ ٻنهي لفظن (ڏاهر ۽ ڏَهر) جو جائزو وٺبو تہ 'ڏهر' لفظ 'ڏاهر' جو مخفف ڪيل (ننڍو ڪيل) ڏسڻ ۾ ايندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏاهر سان هم وزن ڪئين لفظ ملن ٿا، جن جا مخفف پڻ 'ڏهر' جهڙا ٿين ٿا. 'واهر' مان 'وَهر'، 'ٿاهر' مان 'ٿهر'، 'لوهار' مان 'لوهر'، 'ميهار' مان 'ميهر' ۽ 'ڏاتار' مان 'ڏاتر'" (١٠).

شيخ محمد اسماعيل صاحب لکي ٿو:

"ڏَهر، اصل سنڌي لفظ 'ڏاهہ' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ڏَس'، 'آهچاڻ' 'آگاهي' ۽ ڄاڻ وغيره."

لفظ 'ڏهر' جي وصف ڪان سواءِ عاليجناب طالب المولى سائينءَ جن تمهيد ۾ وڌيڪ فرمائين ٿا:

"پر ڏهر بابت وڌيڪ لکڻ جو خيال ٿيو تہ جيئن مختلف حلقن ۾ مخدوم نوح عليہ الرحمت جي جماعت سروريءَ جي 'سهروردي' يا 'اويسي' هجڻ بابت پيدا ٿيل مونجهارن جي وضاحت ڪري سگهجي" (١٢).

ان ڏس ۾ محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن پنهنجي ڪتاب "سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ" ۾ صفحي ٣٠٥ تي جيڪا راءِ ڏني آهي، تنهن کي هوبهو دهرائيندي مخدوم صاحب جن پڻ لکن ٿا:

”مخدوم صاحب جن جو طريقو سهروردي آهي ۽ مخدوم صاحب (هالا) جي جماعت جي اصطلاح ۾ مرشدن جي تعريف ۽ ذڪر جي سلسلي ڪي ’ڏهر‘ چون: ’ڏهر ڏيڻ‘ معنيٰ بلند آواز ۽ هڪ خاص ڍار سان اهڙا بيت ڏيڻ جن ۾ درگاهه جي وڏي سرور پير يعني مخدوم نوح صاحب رحه ۽ سندس درگاهه جي صفت هجي. اهو مضمون هن درگاهه جي مريدن لاءِ برڪت ۽ آٿت جو سهارو آهي ۽ سندن ’ڏهر ڏيڻ‘ جو خاص مقصد اهوئي آهي“ (١٣).

يقيناً جيڪڏهن قبلي طالب المولى سائينءَ جن مخدوم نوح عليه الرحمت جي طريقي- ته مخدوم نوح رحه صاحب جن نه فقط سهروردي هئا، پر اويسي پڻ هئا- جي باري ۾ پنهنجي مقالي ۾ چٽائيءَ سان روشني نه وجهن ها ته جيڪر ڊاڪٽر صاحب جن جي اها دعويٰ ته مخدوم نوح عليه الرحمت سهروردي هئا ۽ اويسي نه هئا — هرعالم جي نظر ۾ سَنَد جي حيثيت رکي ها، ۽ اهو مونجهارو ته مخدوم نوح رحه اويسي نه هئا، هميشه لاءِ ثبوت جي صورت وٺي وڃي ها ۽ صدين تائين سَنَد جي صورت اختيار ڪري ها، ان وقت تائين انتظار ڪرڻو پوي ها، جڏهن وري سروري خاندان جو ڪو عالم هن مونجهاري کي حل ڪري ها. پر عاليجناب طالب المولى سائينءَ جن، محترم ڊاڪٽر صاحب جن جي زندگيءَ ۾ (الله سائين بلوچ صاحب جن کي وڏي حياتي بخشي) ئي هن مونجهاري کي هميشه لاءِ سلجهائي ڇڏيو. سائين طالب المولى صاحب جن جي هن تفصيلي وضاحت کان پوءِ اهو پڻ ثابت ٿي ويو آهي ته درويش نوح هوٿياڻي به اويسي طريقي جا هئا، ڇاڪاڻ ته سندن (درويش نوح هوٿياڻيءَ جو) حضرت نوح رحه جي درگاهه سان واسطو هو.

عزت ماب سائين طالب المولى صاحب جي اها ميار پڻ بجاءِ طور صحيح آهي ته سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ ’ڏهر‘ کي سنڌي شاعريءَ جي هڪ صنف طور شامل نه ڪيو ويو آهي. سائين جن فرمائين ٿا:

”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ سنڌي شاعريءَ جي جيترين به صنفن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن ۾ ڏهر کي شامل نه ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ بڻ بنياد جي باري ۾ اڄ تائين جيڪو بحث ڪيو ويو آهي، ان ۾ جديد تحقيقاتي بنيادن مطابق پرچار وارو ڪلام يعني ’گنان‘ به ڏنا ويا آهن، جن کي اندازن ١٩٦٥ع کان پوءِ اسماعيلي پيرن جي ڪلام يعني سنڌي شاعريءَ جي صنف طور قبول ڪيو ويو آهي“ (١٤).

’گنان‘ جي باري ۾ ٿوري وضاحت ڪرڻ کان اڳ، آءٌ اهو به عرض ڪندس ته لطيف جي ڪلام ۾ ’سر ڏهر‘ جيتوڻيڪ هڪ سُر طور شامل ڪيو ويو آهي، پر جيئن ’سر ڏهر‘

ڪتاب ۾ شامل ڪيل مقالن جي مطالعي مان، ۽ قبلہ مخدوم صاحب جن جي تفصيلي اپٽار مان ثابت ٿئي ٿو تہ واقعي ’ڏهڙ‘ سنڌي شاعريءَ جي هڪ الڳ ۽ اهم صنف آهي، جنهن کي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ شامل ڪرڻ کپندو هو.

رهيو سوال گنانن جو، ان باري ۾ آءٌ ايترو عرض ڪرڻ جي اجازت وٺندس تہ گنان صرف پرچار وارو ڪلام نہ آهي. جيڪڏهن گنانن جي مقصد کي پرچار ۽ تبليغ تائين محدود رکبو تہ پوءِ سڀني صوفين جي ڪلام کي پڻ پرچار تائين محدود ڪرڻو پوندو. گنانن کي سنڌي شاعريءَ جي صنف طور ١٩٦٥ع کان پوءِ يا اڳ قبول ڪيو ويو، اهو بحث نہ آهي: بحث هي ڪرڻو آهي تہ ’گنانن‘ جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ گنانن جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ جيڪو بحث ڪيو آهي، اهو يڪطرفو آهي. اسماعيلي جماعت ڊاڪٽر صاحب جي ان راءِ سان اتفاق ڪندي، جو ڊاڪٽر صاحب کي گنانن جي باري ۾ ڪا بہ ڄاڻ ڪانهي، پر هڪ اسماعيلي جي حيثيت ۾، گنانن جي باري ۾ ڄاڻ مون کي ۽ ٻين اسماعيلين کي ماءُ جي ٿڃ جي ذريعي ڄمڻ سان گڏ ملي آهي ۽ ٻين کي ملندي رهندي.

تاريخي لحاظ کان گنانن جي ابتدا تمام پراڻي آهي. آڳاٽي ۾ آڳاٽا گنان ١٠٧٩ع ۾ اسماعيلي داعي، پير ستگر نور جا چيل ملن ٿا، جيڪو ايران کان برصغير ۾ آيو ۽ هندي، گجراتي، ڪڇي، سنڌي ۽ ملتاني (سرائڪيءَ) ۾ پنهنجو ڪلام چيائين. هن درويش پنهنجي ڪلام کي ’گنان‘ سڏيو(١٥). گنان جي وصف مفهنجي هن وضاحتي مقالي جو موضوع نہ آهي، البت انهيءَ راءِ جي وضاحت لاءِ گنانن ۾ چيل مضمون جي باري ۾ مفصل طور لکندس تہ ’گنان صرف پرچار وارو ڪلام نہ آهي.‘

قبلہ مخدوم سائين جن فرمايو آهي تہ ”گنانن کي ١٩٦٥ع کان پوءِ سنڌي شاعريءَ جي صنف طور قبول ڪيو ويو آهي.“ هن ڏس ۾ آءٌ مؤدبانہ عرض ڪندس تہ ’اسماعيلي (نظاري) جماعت گنانن کي عام پبلڪ لاءِ شايع ڪرڻ جي اجازت ڪانہ ڏيندي هئي. البت خواجڪي سنڌي رسم الخط يا گجراتي رسم الخط ۾ اهو ڪلام يعني ’گنان‘ چيل موجود هوندا هئا (اڄ بہ آهن). اهي پراڻا ڪتاب اڄ بہ برٽش لائبريريءَ ۾ ملن ٿا ۽ موجوده صورت ۾ سڄي دنيا ۾ اسماعيلي (نظاري) جماعت وٽ جماعت خانن ۾ ملن ٿا. عربي-سنڌي رسم الخط ۾ گنان پهريون ڀيرو مرزا قليچ بيگ ١٩٢٢ع ۾ پنهنجي ڪتاب ”تحفه اسماعيليه“ ۾، اسماعيلي فرقي ۽ عقيدي جي تاريخ ۾ مثال طور ڏنا آهن(١٦)، جيڪي مرزا صاحب جي ڪتاب ۾ ٥٧ ۽ ٥٨ صفحن تي ڏسي سگهجن ٿا. ان کان پوءِ ”درِ اسلام“ ڪتاب کان سواءِ مرحوم محمد هاشم لالوائيءَ پنهنجي ڪتاب ”اسماعيلي آغاخاني فرقي جا مبلغ ۽ داعيءَ“ ۾ صفحي ٦٤ تي گنانن جو ذڪر ڪيو آهي(١٧)، پر اهي ڪتاب صرف اسماعيلي جماعت تائين محدود هوندا هئا. عام پبلڪ

پراڻ لاٽ ۽ ٻين صوفين جي ڪلام ۾ نظر اچن ٿيون. ان لحاظ کان گنانن ۾ موضوع ۽ مضمون جي لحاظ کان تمام گهڻي وسعت نظر ايندي. شاعرانه خوبين جي لحاظ کان به گنانن ۾ فصاحت ۽ بلاغت کان سواءِ فڪر جي گهرائي، تخيل جي بلندي ۽ پرواز، اونهي سوچ ۽ پنهنجي پنهنجي دور جي عڪاسيءَ کان سواءِ مقامي ماحول جي منظرڪشي نظر ايندي. اسماعيلي پيرن جي ڪلام (گنانن) ۾ انسان شناسي (Humanism) جون مڙيئي خوبيون نظر اچن ٿيون.

گنانن ۾ مضمون جي گوناگوني ۽ وسعت جي باري ۾ مون پنهنجن مقالن ۾ ٿيسز ۾ جن لفظن ۾ عرض ڪيو هو، آهي هيٺ دهرائجن ٿا:

”پير صاحب جو ڪلام ناصحاڻي ۽ صوفياڻي مضمون سان ڀريل آهي. الله ۽ رسول جو نالو جپڻ، دل صاف رکڻ، ڪوڙ ۽ ڪپٽ کان پاسو ڪرڻ، دنيا کي فاني سمجهڻ جهڙا مضمون هن بزرگ جي ڪلام ۾ بيان ٿيل آهن“ (نئين زندگي مارچ ١٩٧٢ع ص ٣٥)

اهڙيءَ طرح ٻئي هنڌ عرض ڪيو هئم:

”سندن ڪلام ۾ مذهبي ۽ تبليغي مضمون گهڻو آهي. خدا جي وحدانيت ۾ يقين رکڻ، حضور جن کي خدا جو آخري نبي ڪري مڃڻ، نبي صلعم تي ڪلمو پڙهڻ، گانءِ-پوڄا ترڪ ڪرڻ جهڙي تلقين سان گڏ مومن جون وصفون به بيان ڪيون اٿن“ (نئين زندگي مارچ ١٩٧٢ع، ص ٣٥).“

اهڙيءَ طرح ساڳئي رسالي ۾ لکيو هئم:

”پير صدرالدين جو ڪلام تصوف ۽ ويدانت جي مضمون سان ڀريل آهي. پنهنجي ڪلام ۾، هن دنيا کي فاني سڏيو اٿن، ۽ مريدن کي تلقين ڪئي اٿن ته هيءَ دنيا ڪنهن کي نيبهه ٿيڻي نه آهي، تنهن ڪري لازمي آهي ته دل مان ڪوڙ ڪپٽ ۽ دولاب کي دور ڪجي، ۽ نفس جي غلاميءَ کان پاڻ بچائجي. باطل کان آزاد ٿي، پاڻ کي حق جي حوالي ڪرڻ تي پير صدرالدين گهڻي قدر زور ڏنو آهي. انساني زندگيءَ بابت پاڻ فرمايو اٿن ته: بندي کي زندگي ان لاءِ بخشي ويئي آهي ته هو بندگي ڪندو رهي، ۽ ذڪر فڪر ۾ پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي. غفلت ڇڏڻ ۽ ننڊ نياڻيءَ کي ترڪ ڪرڻ لاءِ بار بار تلقين ڪئي اٿن. پير صدرالدين همه اوست واري نظريي جو قائل هو ۽ فرمايو اٿن: جيئن اکين ۾ نور، گل ۾ خوشبوءِ، کير ۾ مکڻ ۽ سج ۾ روشني پوشيده آهي، تيئن الله پاڪ جو وجود انسان توڙي ٻين شين ۾ به موجود آهي“ (نئين زندگي مارچ ١٩٧٢ع، ص ٣٩).

بهرحال جيئن گنانن کي سنڌي شاعريءَ جي هڪ صنف طور آخرڪار تسليم ڪيو ويو، تيئن ڏهرن کي به هڪ صنف طور گهڻو اڳ تسليم ڪرڻ کپندو هو.

مخدوم صاحب فرمائين ٿا:

”ڏهر، سنڌي شاعريءَ جي هڪ عظيم صنف آهي، جنهن ۾ خدا تعاليٰ جي تعريف، حضرت محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جي ساراهه ۽ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحه جي ساراهه جو ذڪر آهي. منهنجي ڄاڻ موجب شاعريءَ جو هي نمونو الف اشباع (مقدمة الصلوات) جي دور سان گڏ شروع ٿيو آهي ۽ اڄ تائين قائم ۽ دائم آهي“ (٣٢)

مخدوم سائينءَ جن اڳتي فرمائين ٿا:

”ڏهر ۾ حمد، نعت، منقبت، اصحابہ ڪرام ۽ ٻين الله وارن جي ثنا، دين اسلام جي اصولن تي عمل ڪرڻ جون هدايتون ۽ مرشد جي تعريف تي مضمون لکيا آهن. ڏهر عوام ۽ خواص ڪي سڏ ڪرڻ يا اطلاع ڏيئي، الله ۽ ان جي آخري رسول ڏي رجوع ڪرائڻ جو هڪ بهترين ۽ آسان ذريعو ۽ رستو آهي، جنهن جي وسيلي نہ صرف الله ۽ الله جي رسول، پر پنهنجي مرشد جي احوال کان پڻ جماعت کي روشناس ڪرايو وڃي ٿو“ (٣٣).

ڏهر جي مضمون جي باري ۾ ٻين محققن پڻ پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن. ڊاڪٽر نوازعلي ”شوق“ صاحب لکي ٿو:

”سر ڏهر ۾ ڏس پتو پڇڻ، وڇوڙي، درد، فراق، ڦوڙائي ۽ ڇاڪ ڇڪڻ جو مضمون ڪم آندو ويو آهي. اهڙيءَ طرح فاني دنيا ڇڏي، بقا ڏانهن وڃڻ جو وستار، تاريخي ماڳن ۽ مڪانن کان سواءِ هوشيار ۽ خبردار رهڻ جي هدايت ڪيل آهي“ (٣٤).

معمور يوسفاڻي پنهنجي مقالي ’سر ڏاهر جو مطالعو‘ ۾ لکي ٿو:

”ڏاهر ۾ مناجات ۽ دعا، جن ۾ الله پاڪ جي حضور ۾ ٻاڏائڻ ۽ مديني جي مير کي پڪارڻ جهڙا موضوع شامل آهن. غافل ۽ مغرور انسان کي چتاءُ ۽ ڏس ڏيڻ. اهڙيءَ طرح شاعر جو ذاتي مشاهدو، واقعاتي ۽ مشاهداتي بيت شامل آهن“ (٣٥).

علي احمد بروهي صاحب لکي ٿو:

”سر ڏهر شاهہ جي رسالي جو نچوڙ آهي، يا ائين چئجي تہ رسالي جو روح آهي. شاهہ جي ڪلام جو سرچشمو آهي ڪلام مجيد. سر ڏهر جو مجموعي پيغام چئن داستانن ۾ آهي:

(i) سنسار جي فاني حيثيت ۽ انسان جي غفلت، (ii) الله ۽ مديني جي مير جو ذڪر فڪر ۽ دعائون، (iii) عبادت ۽ ذڪر لاءِ ارادو، عمل ۽ وقت، ۽ (iv) ملڪ الموت ۽ سنڌس سارو“ (٣٦).

ڊاڪٽر غلام نبي سدايو، ديوان ڪلياڻ آڏوائيءَ جي حوالي سان، پنهنجي مقالي، ”شاهه لطيف جي سر ڏهر جو علامتي مطالعو“ ۾ لکي ٿو:

”سر ڏهر ۾ دنيا جي بي ثباتي ۽ الله جي مُرُدن جي اٿاٿ ڏانهن اشارا آهن. الله تبارڪ و تعاليٰ جي ڪائناتي حاڪميت ۽ محمد عربي صه جي شخصيت کي رحمت جي علامت طور پيش ڪيو ويو آهي“ (٣٧).

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، پنهنجي مقالي ”شاهه جي ڪونج“ ۾ لکي ٿو:

”سر ڏهر ۾، رسول ڪريم صه جي در وينتي ڪرڻ ۽ ٻاجهه گهرڻ، ڌڻيءَ در ٻاڏائڻ، غفلت ڇڏڻ، سستي ۽ ڪاهليءَ کان خبردار رهڻ، جهڙا مضمون شامل هوندا آهن“ (٣٨).

هڪ اعليٰ مقام واري شاعر، ماهر نقاد جي حيثيت ۾ مخدوم صاحب جن ’ڏهر‘ جي وصف، مفهوم ۽ ڪارج جي باري ۾ جيڪي ڪجهه فرمايو آهي اهو هڪ سَنَد جي حيثيت رکي ٿو. هو فرمائين ٿا:

”ڏهر، سنڌي شاعريءَ جي هڪ غير-عروضي صنف (نمونو) آهي، جنهن کي مخدوم معظم غوث الحق حضرت مخدوم نوح رح جي سروري جماعت جياريو اچي. اها صنف ايتري ته مقبول هئي ۽ آهي، جو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ به پنهنجي شاعريءَ ۾ ان کي جاءِ ڏني“ (٣٩).

هن مقالي ۾ قبله مخدوم صاحب جن، ڏهر چوندڙ شاعرن جي نالن کان سواءِ، هڪ ٻئي مونجهاري کي به حل ڪيو آهي. سيني محققن، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن راءِ کي به نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ ڏهر کي قديم سنڌي راڳ جي هڪ راڳڻي بيان ڪيو ويو آهي. هن ڏس ۾ شيخ محمد اسماعيل صاحب پنهنجي مقالي ”سر ڏهر“ ۾ لکي ٿو:

”سر ڏهر جي سنڌ جي قديم موسيقيءَ جي نظام ۾ هڪ راڳڻي هجڻ جي تصديق هن مثال مان ٿئي ٿي ته گذريل ڇهن-پنجن صدين کان وٺي، سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جي بزرگن وٽ ذڪر فڪر جا بيت ۽ وايون سر ڏهر ۾ آلاپيا ويندا هئا. انهيءَ ڪري پوءِ ذڪر جي اهڙن بيتن ۽ واين کي سڏيائون ئي ڏهر جا بيت ۽ وايون.

”سر ڏهر، قديم سنڌي موسيقيءَ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جيڪا هن وقت اسان کان گم ٿي ويل آهي. هيءَ راڳڻي مدح، مناجات، مرشد جي ساراهه، سلوڪ جي راهه جي پانڌيئڙن جي سڪ، غفلت کي ڇڏڻ ۽ موت جي برحق هجڻ جي اظهار لاءِ مخصوص هئي. انهيءَ لحاظ سان هن سُر ۾ شامل بيت ۽ وايون به انهيءَ مخصوص مضمون واريون هجڻ لازمي آهن“ (٣٠).

'ڏهر' کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب به هڪ راڳ سمجهي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جن فرمائين ٿا:

"اسان راڳ ڏهر جي اصليت ۽ ماهيت کي سمجهڻ لاءِ مخدوم صاحب جي مريدن ۾ رائج ڏهر ڏيڻ جي سلسلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي" (۳۱).

عزت ماب مخدوم سائينءَ 'ڏهر کي راڳڻي' سمجهڻ واري راءِ سان اختلاف رکن ٿا، ۽ فرمائين ٿا:

"رهيو سوال ڏهر راڳ جو، ته ڏهر راڳ هوئي ڪونه، پر 'ڏهر'، 'راڳ پيروين' ۽ 'جوڳ' ۾ آلاپيا ۽ چيا (ڳايا) ويندا آهن" (۳۲).

هڪ ٻيو نقطو، جنهن جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن لکيو آهي ۽ ان جي تلقيد ٻين نقادن پڻ ڪئي آهي، اهو هي آهي ته "ڏهر ملتان جي سهروردي طريقي ۾ پڻ رائج هئا ۽ اڄا تائين آهن." هن سلسلي ۾ شيخ محمد اسماعيل صاحب، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ کي نقل ڪندي لکي ٿو:

"سنڌ ۾ سهروردي بزرگن ۽ فقراءَ جي طريقت جو سلسلو ملتان جي بزرگ غوث بهاءُ الدين ذڪريا سان منسلڪ رهيو آهي، تنهنڪري اڄ به غوث جا پانڌ ڀيڙا اهڙن آستانن ۽ درگاهن تي ڏهر چوندا آهن" (۳۳).

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي حوالي سان لکي ٿو:

"سنڌ ۾ سماع جو سلسلو غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ کان شروع ٿيو، جنهن جو بنياد پڻ ذڪر ئي هو. ملتان جي سهروردي طريقي جو ذڪر جيڪو سنڌ ۾ هلندڙ آهي، انهيءَ جا به قسم آهن. هڪ تحليل جو ذڪر ۽ ٻيو ڏهر جو ذڪر" (۳۴).

پر عزت ماب مخدوم سائينءَ جن ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ ٻين سڀني محققن جي مٿينءَ راءِ سان اختلاف رکندي فرمائين ٿا:

"سنڌ ۾ سروري جماعت کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به جماعت ۾ 'ڏهر' جو رواج نه آهي. ملتاني جماعت ۾ 'ڏهر' بدران بيت چوندا آهن. صرف مخدوم نوح رح جي جماعت ۾ ڏهر چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ حمد، نعت، منقبت، صحابہ ڪرام ۽ ٻين الله وارن جي ثنا، دين اسلام جي اصولن تي عمل ڪرڻ جون هدايتون ۽ مرشد جي تعريف وغيره تي مضمون لکيا آهن" (۳۵).

سچ پچ تہ جيڪڏهن مخدوم سائينءَ جن وضاحت ڪري انهن غلطفهمين ۽ مونجهارن ڪي سلجهائين نہ ها تہ سنڌي ادب ۽ تاريخ جو ايندڙ نسل هميشه گمراهيءَ جي هن ڏُڀڻ ۾ ڦاٿل هجي ها.

ٻيو هڪ اهم موضوع، جنهن جي باري ۾ هن سُچاڻ پيشوا ۽ روحاني رهبر جيڪا روشني وڌي آهي ۽ وضاحت ڪئي آهي، اهو موضوع آهي: ”درويش نوح هوٿياڻيءَ جي نسبت ۽ طريقي جي باري ۾“. هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ وڏاءُ ڪونهي تہ جيڪڏهن قبلہ مخدوم صاحب جن هن موضوع تي ٻہ قلم نہ کڻن ها ۽ درويش نوح هوٿياڻيءَ جي نسبت ۽ طريقي جي سلسلي ۾ ڇنڊڇاڻ نہ ڪن ها تہ جيڪر هيءَ غلطي، سنڌي ادب ۽ ثقافت جي تاريخ جو حصو بڻجي وڃي ها ۽ ايندڙ نسل ۽ محقق ڪي صحيح معلومات ملي نہ سگهي ها. مخدوم سائينءَ جن جي هن فيصلہ ڪن راءِ ڪي سنڌ جا نقاد ۽ تاريخ جا ماهر هميشه اهم ۽ املهہ سمجهندا ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏسندا ۽ هڪ سَنَد سمجهي اهميت ڏيندا. سائينءَ جن فرمايو آهي:

”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب اڳتي هلي بزرگ نوح هوٿياڻي رحہ جي تاريخي حقيقت معلوم ڪندي، هڪ ڏهر جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو پاٺ سومر فقير ڏاهريءَ کان درگاهہ نوح هوٿياڻيءَ تي ٻڌو هئائون:

آئندي پير اويس جو، نر جو ناءُ ڳنهن،
سي سدا وتن سنرا، پاپ نہ پڙي تن،
اللّٰه اويسين، ڪوسو واءُ نہ وارئين.

مخدوم سائين جن، اڳتي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ ڪي هوبهو دهرائين ٿا ۽ لکن ٿا:

”بلوچ صاحب جن هن بيت بابت لکن ٿا تہ پڇا تي چيائون هي ڪو آڳاٽو بيت آهي، جيڪو سيني بسيني هلندو اچي، پر اهو معلوم نہ آهي تہ ڪهڙي شاعر جو چيل آهي. ظاهر آهي تہ هي ’سماع‘ جو بيت آهي، ڇاڪاڻ تہ ’آئندي‘ مان مراد آهي ’سماع‘ ۾ اٿندي سان ئي برڪت ۽ پلائيءَ لاءِ اويس پير ۽ اويسين جو نالو کڻڻ. اهو پڻ ظاهر آهي تہ هيءُ بيت مخدوم صاحب جي سلسلي جي فقير جو چيل نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ مخدوم صاحب جو طريقو ’اويسي‘ نہ آهي، مگر ’سهروردي‘ آهي (٣٦).

ڊاڪٽر صاحب جن جي هن راءِ سان، عاليجناب مخدوم طالب المولي جن اختلاف راءِ ڪندي اول تہ مخدوم نوح عليه الرحمت ۽ سندن خاندان جي ’اويسي‘ هجڻ ۽ پوءِ درويش نوح هوٿياڻيءَ، جو سروري جماعت سان تعلق هجڻ جي باري ۾ دليلن ۽ ثبوتن سان وضاحت ڪئي آهي.

سچ پچ ته جيڪڏهن قبلہ مخدوم طالب المولىٰ سائينءَ جن تڪليف ونئي ۽ محنت ڪري اها وضاحت نہ ڪن ها ته جيڪر سنڌي ادب ۽ ثقافت جي تاريخ ۾ هيءَ غلط فهمي هميشہ لاءِ درج ٿي وڃي ها ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جهڙي بين الاقوامي حيثيت جي محقق ۽ فاضل جي راءِ کي مستند طور قبول ڪيو وڃي ها، پر مخدوم سائينءَ جن، نهايت ئي مؤدبانہ انداز ۾، محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي راءِ سان اختلاف ڪندي فرمائين ٿا :

”هن ۾ وضاحت طلب اها ڳالهہ آهي ته ’ڏهر‘ ۽ ’اويسين‘ جو ذڪر ڪيل آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب جي خيال موجب اهو ڏهر سروري جماعت جي ڪنهن فقير جو چيل آن ڪري نہ آهي جو هي سلسلو سهروردي آهي، اويسي نہ آهي ۽ سنڌن خيال موجب درويش نوح هوٿياڻي رحہ اويسي سمجهڻ ۾ اچي ٿو“ (٣٧).

هن وضاحتي نقطي کان پوءِ سائين طالب المولىٰ جن پهرين ’اويسي طريقي‘ کي تفصيل سان سمجهايو آهي ۽ پوءِ دليلن سان ثابت ڪيو اٿن ته حضرت غوث الحق مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جو اويسي طريقي سان پڻ تعلق هو ۽ ان کان پوءِ ثابت ڪيو اٿن ته درويش نوح هوٿياڻي رحہ جو مخدوم نوح عليہ الرحمت جن جي سلسلي ۽ طريقي سان تعلق هو. ان کان پوءِ سائينءَ جن حضرت اويس قرنيءَ جي لاڏاڻي ۽ سندن آخري آرامگاهہ جي باري ۾ مختلف حوالن سان ذڪر ڪيو آهي. پنهنجن پختن دليلن ۽ حوالن کان پوءِ مخدوم سائينءَ جن فرمائين ٿا :

”مٿين سمورن دليلن ۽ تاريخي حقيقتن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان بعد، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ان خيال جي واضح ترديد ٿي وڃي ٿي ته مخدوم صاحبن جو سلسلو اويسي نہ آهي ۽ پير اويس بابت چيل ڏهر، مخدوم صاحبن جي سلسلي جي ڪنهن فقير جو چيل نہ آهي، پر اهو پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اهو ڏهر سروري جماعت جي ڪنهن فقير جو چيل آهي، جنهن ۾ پنهنجي مرشد کي اويسي پير ۽ ان جي مچيندڙن ۽ مريدن کي اويسي سڏيو اٿن“ (٣٨).

بهرحال هي هڪ اهم مقالو آهي، جنهن سنڌي ادب ۽ ثقافت جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪيو آهي. هن مقالي جي حوالي سان سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڏهر جي وصف، معنىٰ، مفهوم ۽ مضمون کان سواءِ ڏهر جي سلسلي ۾ هن کان اڳ قائم سڀني دعوائن ۽ راين کي تبديل ڪري، سنڌي ادب جي تاريخ ۾ اضافو آڻڻ جي ضرورت آهي. مقالي جي شايع ڪرڻ سان ”مهراڻ“ رسالي ۾ ڇپيل مواد ۾ هڪ لاثاني اضافو ٿيو آهي، جنهن لاءِ رسالي مهراڻ جو ايڊيٽر ۽ سندس ساٿي مبارڪن جا مستحق آهن.

(٢٠) حوالو ٢، ص ١٧٢ ۽ ص ١٩٤ کان ١٩٩.
(٢١) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ"، ڇاپو ٻيو، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، ١٩٨٠ع، ص ١٨٤ کان ١٨٦.
(٢٢) حوالو ٣، ص ٣٤.
(٢٣) ايضاً، ص ٣٤.
(٢٤) نوازعلي شوق، ڊاڪٽر: "سر ڏهر"، مهاڳ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ٢٤٤ عرس جي موقعي تي پڙهيل مقالن جو مجموعو، ڀٽ شاهه - حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ١٩٨٩ع، ص ١٠.
(٢٥) حوالو ٩، ص ٣٠.
(٢٦) علي احمد بروهي: مقالو: "سر ڏهر جو مجموعي پيغام"، تفصيل لاءِ حوالو ٢٤، ص ١٠٨.
(٢٧) غلام نبي سڌايو، ڊاڪٽر، مقالو: "شاهه لطيف جي سُر ڏهر جو علامتي مطالعو"، حوالو ٢٤، ص ١١٩.
(٢٨) عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: مقالو: "شاهه جي ڪونج"، حوالو ٢٤، ص ١٦٢.
(٢٩) حوالو ٣، ص ٣٤.
(٣٠) حوالو ١١، ص ٧٠.
(٣١) حوالو ١٣، ص ٣٠٦.
(٣٢) حوالو ٣، ص ٣٦.
(٣٣) حوالو ١١، ص ٧٠.
(٣٤) حوالو ٢٨، ص ١٦٦.
(٣٥) حوالو ٣، ص ٣٦.
(٣٦) ايضاً، ص ٤٢.
(٣٧) ايضاً، ص ٤٢.
(٣٨) ايضاً، ص ٤٦.

# علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون

## ڪتاب ”ڏوڪو“ تي ادبي ورڪشاپ

نئين قائم ٿيل ضلعي نوشهري فيروز جي ننڍڙي شهر خانواهڻ ۾ ٩- فيبروري ١٩٩٠ع تي محترم نجم عباسي، جيڪو پاڻ خانواهڻ شهر جي پيداوار آهي، جي تازه ڪتاب ”ڏوڪو“ تي ادبي ورڪشاپ منعقد ٿيو.

سنڌي ادبي سنگت شاخ خانواهڻ جي جوائنٽ سيڪريٽري مظهر عباسي اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض بجا آندا.

صدارت جي لاءِ استاد محمد پناهه قرڙي کي سڏيو ويو ۽ گڏوگڏ مهمان خاص لاءِ سکر کان آيل مهر خادم ۽ اعزازي مهمان لاءِ عبدالغني مهر کي اسٽيج تي ويهاريو ويو.

ان کان پوءِ ڪاروائي کي اڳتي وڌائيندي غلام نبي ناشاد سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت خانواهڻ کي سڏيو ويو، جنهن معزز مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ پنهنجو مقالو ”نجم عباسي-سنڌي ادبي سنگت خانواهڻ جو ميمبر“ جي عنوان سان پڙهيو.

منور قاضي سيڪريٽري وحدت ڪالوني حيدرآباد ”دنيا جا اديب ۽ نجم عباسي“ جي عنوان تحت مقالو پڙهندي چيو ته نجم پنهنجي رومانٽڪ ڪهاڻين کي به اهڙي حقيقت پسنديءَ سان لکيو آهي، جو پيار ۽ انقلاب جو سنگم لڳي ٿو. دنيا جي عظيم ڪهاڻيڪارن مان جن ۾ مئڪسم گورڪي، جنهن ماءُ ناول لکي پنهنجي وطن جي ماڻهن ۽ پورهيتن کي پنهنجي گڏ هجڻ جو احساس ڏياريو آهي، ائين ئي نجم عباسي پنهنجي ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ اسان جي مسئلن کي پاڻ سان گڏ کنيو آهي. منور قاضي ڏوکي ڪتاب تي تفصيل سان بحث ڪيو.

انجم سومري ”نجم عباسي نظرياتي ليکڪ“ جي عنوان سان مقالو پڙهيو. نوجوان اديب نذير عباسي ڏوکو تي ڳالهائيندي چيو ته هي ڪتاب اهڙن ئي ڪردارن جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ مست مستيءَ سان گڏ قوم پرستي به ڪن ٿا.

نوجوان اديب ۽ شاعر منظور قادر (جيڪو سنڌي ادبي سنگت شاخ خانواهڻ جو آڊيٽر پڻ آهي)، پنهنجو مقالو ”منهنجا بہ ٻول ۽ ڊاڪٽر نجم عباسي“ پڙهيو. ان ٻڌايو ته نجم عباسي، جيڪو اسان جو پنهنجو ۽ پنهنجي گهر جو ياتي آهي، اهو اسان لاءِ وڏو اعزاز آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ وڏو ڪهاڻيڪار اسان جي شهر ”خانواهڻ“ جو آهي. هن ڪڏهن بہ نعري بازي نہ ڪئي آهي. سندس تخليق ڪيل ڪردار هميشه حقيقي لڳندا آهن.

اعزازي مهمان، محترم دادا سنڌيءَ پنهنجي تفصيلي مقالي ۾ رشيد ڀٽيءَ جي ذاتي زندگيءَ سان گڏ ادب جي دنيا ۾ ڪيل سندس ڪارنامن جو ذڪر ڪيو. هن چيو ته رشيد، يارن جو يار ۽ هڪ سچو انسان هو، جنهن ڪڏهن ڪنهن خوف جي سچ لڪيو ۽ سچ جي راهه ۾ ملندڙ تڪليفن کي مرڪندي سٺو.

فتاح ملڪ پنهنجي اثرائتي تقرير ۾ قومن جي ترقيءَ ۾ اديب جي ڪردار تي روشني وجهندي چيو ته هڪ سچو ليکڪ ئي پنهنجي لکڻين وسيلي، قوم جي صحيح رهنمائي ڪري ٿو ۽ ڪڏهن به پنهنجن اصولن تي سوديبازي نٿو ڪري، ڇو ته هن جي جاکوڙ بنا ڪنهن غرض ۽ لالچ جي آهي. جڏهن ته هڪ سياستدان اقتدار جي چڪر ۾ مصلحت پسند ٿي سگهي ٿو، پر ليکڪ ڪنهن به موڙ تي قوم سان دوکو نٿو ڪري. هُن آخر ۾ ورسيءَ ۾ شريڪ ٿيندڙ سڀني دوستن جا ٿورا مڃيا.

خاص مهمان جناب تنوير عباسي پنهنجي تقرير ۾ چيو ته لاڏاڻو ڪري ويل ليکڪن جي سچي قوم وارث آهي، الڪري فقط انهن جي ٻونيرن ۽ دوستن پيارن انهن جي ياد ۾ ميڙ ڪوٺائڻ واري روايت ختم ٿيڻ گهرجي. هُن رشيد ڀٽيءَ جي پُرڪشش شخصيت جو ذڪر ڪندي چيو ته هو سڀني دوستن جو دادلو ۽ محفلن جو مرڪز هوندو هو. مختلف بيمارين هوندي به هُو ڪڏهن به مايوس نه ٿيو، پر آخر تائين خوش رهي، اسان سڀني کي همت ۽ حوصلي جو سبق سيکاري ويو.

تنوير عباسيءَ جي تقرير دوران نامور ليکڪ ۽ دانشور سوڀو گيانچنداڻي پنڊال ۾ داخل ٿيو. حميد سنڌي ۽ تنوير عباسيءَ جي خواهش تي ميڙ جي روايت ٽوڙيندي، خاص مهمان ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي کي تقرير لاءِ سڏيو ويو. سائين سوڀي گيانچنداڻيءَ پنهنجي تقرير ۾ بدلجندڙ سماجي ۽ سياسي حالتن جو ذڪر ڪندي چيو ته اديب کي اڳتي وڌي پنهنجو قومي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. صرف قلمي جدوجهد حالتن بدلائڻ ۾ اثرائتي ثابت نٿي ٿئي. هُن رشيد ڀٽيءَ جي لکڻين، سنڌي ادبي سنگت جي اوسر ۾ سندس ڪردار ۽ عملي جدوجهد کي ساراهيو.

محترم حميد سنڌي پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو ته سنڌ جي اديب ۽ دانشور ڪڏهن به ضمير جو سودو نه ڪيو آهي ۽ اهڙن سچن ۽ بيباڪ اديبن ۾ رشيد ڀٽيءَ جو نالو مٿانهون آهي. هُن رشيد ڀٽيءَ کي پنهنجو مرشد ۽ استاد سڏيندي، ون يونٽ ٽوڙائڻ ۽ ٻين قومي مسئلن ۾ سندس ڪردار جي واکاڻ ڪئي. هن چيو ته "روح رهاڻ" فقط هڪ فرد جي ڪوشش جو نتيجو نه، پر اجتماعي محنتن جو ڦل هو، جنهن ۾ رشيد ڀٽي پڻ اڳڀرو هو.

انهيءَ موقعي تي ارم، اسماء ۽ فرحانه جن هڪ گيت پڻ پيش ڪيو. هن ادبي ميڙ ۾ مقالا پڙهندڙن ۽ تقريرن ڪرڻ وارن ڪانسواءِ، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، سليم ڪورائي، اياز گل، رسول ميمڻ، غلام رسول ڪلهوڙي، ارشاد ساگر، اختر درگاهيءَ، ابراهيم مارنگ، پارس حميد ۽ ٻين اديبن ۽ ادب دوستن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

**- ادل سومرو**



رشيد ڀٽي جي ٻي ورسي جي موقعي تي مقررين: حميد سنڌي، فتاح ملڪ، دادا سنڌي ۽ شفن مگرِيو



سنڌي ادبي سنگت سانگهڙ طرفان منعقد ڪيل "لطيف ميڙ" جا مقررين ۽ راڳي. شمشيرالحيدري،
هدايت بلوچ، غلام حسين رنگريز، ديدار بلوچ، بخشڻ مهراڻوي، ماڪن شاهه رضوي، زيب نظاماڻي،
فوزيه سومرو، محمد جمن دربدر ۽ حليم باغي

## "لطيف ميڙ" — سانگهڙ

٢١- فيبروري ١٩٩٠ع جي شام سنڌي ادبي سنگت سانگهڙ پاران جيمخانه ڪلب سانگهڙ ۾ "لطيفي ميڙ" جي سري سان هڪ مانائتو ادبي ستاءُ جوڙيو ويو. سڄو پنڊال سنڌ جي ماروئڙن، سانگيئڙن جهانگيئڙن، ۽ ماروين سان پُريل هو. پري پري کان اديب، ليکڪ، شاعر، نوجوان شاگرد ياڻيون، ليکڪائون، سنڌ جا سپوت ۽ سنڌ جون نياڻيون اچي گڏ ٿيون هيون.

اسٽيج تي هڪ پروقار شخصيت، نوجوان شاعر، آوازنگر جو بادشاهه، سنڌي ادبي سنگت سانگهڙ جو سيڪريٽري بخشڻ مهراڻوي نمودار ٿيو، جنهن هي سڄو مانداڻ جوڙيو هو. پنهنجي سندر سپاجهي آواز سان لاکيڻي لطيف جي هنن سٽن سان ابتدا ڪئي:

ڪنول پاڙون پاتال ۾، ڀنور ڀري آڪاس
پنهي سنڌي ڳالهڙي، رازق آندي راس
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

ان کان پوءِ اسٽيج تي ترتيبوار معزز مهمانن کي سڏيو ويو، جنهن ۾ مکيه مهندار سنڌ جو عظيم شاعر سائين شمشيرالحيدري، مهمان خاص سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو [تڏهوڪو] مرڪزي جنرل سيڪريٽري سائين غلام حسين رنگريز، اعزازي مهمان مشهور شاعر سائين هدايت بلوچ هئا.

تنهن بعد بيج لڳائڻ جي رسم ادا ڪئي ويئي. مکيه مهندار کي سانگهڙ جي نئين ٽهيءَ جي ليکڪ استاد نظاماڻيءَ، مهمان خاص کي رمضان راهي، اعزازي مهمان کي عاصم بلوچ بيج لڳايا. آيل مهمانن جي آڌرڀاءُ لاءِ سانگهڙ جي مشهور شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت سانگهڙ جي رابطه سيڪريٽري "عاجز" منگي پليڪار چئي.

ان کان پوءِ مقالن ۽ مشاعري جي گڏيل نشست شروع ٿي.

ميرپورخاص مان آيل سائين ديدار بلوچ پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته: لطيف تي ڪيترو ڳالهائجي، جنهن جي شاعري سراپا حسن ۽ سراپا راڳ هجي، جنهن جي شاعريءَ مان زندگيءَ جي خوشبوءِ ۽ زندگيءَ جا رنگ نظر اچن، ان شاعر جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. لطيف چوي ٿو، ته جڏهن زمين آسمان نه هئا، تڏهن به موسيقي هئي.

نڪا عرش ڪرسي، نڪا آب نه پُون
تنهن کان اڳي مون ٻُڌي تند تنبور جي.

لطيف سنڌي ٻوليءَ جو محسن هو. هن وقت سنڌي ٻولي توهان کي يا شاهه صاحب جي رسالي ۾ ملندي يا پنساري جي دڪان تي. لطيف سائين جي سڄي شاعريءَ ۾ ڪٿي به بي وسي ۽ بي حسي جو ذڪر ڪونهي. لطيف هردور ۾ ڏاڍ ۽ جبر جي خلاف جدوجهد ڪئي آهي. گذريل ٽن سؤ سالن کان اسان جي معاشري ۾ ڪو به لطيف پيدا نه ٿيو آهي، ڇاڪاڻ ته سماج تباهه ٿي چڪو آهي، سچ جي اکين ۾ ڳوڙها آهن، ڪوڙ معتبر ٿي ويو آهي.

۽ سندس ساڻين ڪئي هئي. پوءِ يادگار ڪاميٽي جي پاران ڇپيل ڪتاب "سرمست" پڻ پيش ڪيو ويو، جيڪو هر سال سچل سائينءَ تي پڙهيل مقالن ۽ شاعريءَ کي سهيڙي شايع ڪيو ويندو آهي. هن سال ان سلسلي جو ڏهون پرچو شايع ٿيو جيڪو اڳين سڀني پرچن کان وڌيڪ خوبصورت هو. شاهه درازا يونين ڪائونسل جي چيئرمن مکيه مهمان کي سنڌ جي خوبصورت سوکڙي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پيش ڪئي. ڊائريڪٽر انفرميشن سکر ڊويزن انفرميشن کاتي پاران سچل سائين جي عرس جي موقعي تي شايع ٿيل ڪتاب پيش ڪيو ۽ نوجوان آرٽسٽ سعيد منگي سچل سائينءَ تي ٺهيل پينٽنگ جا ڪارڊ پيش ڪيا.

آجيان واري تقرير لاءِ سچل سرمست يادگار ڪاميٽي جي سيڪريٽري تنوير عباسيءَ کي سڏيو ويو، جنهن سڀني آيل مهمانن ۽ سچل سائينءَ جي پانڌيئڙن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته، سچل سائين انهن شاعرن مان هو جيڪي نه فقط سنڌ ۽ ننڍي کنڊ بلڪ دنيا جي عظيم شاعرن ۾ نمايان آهن. اهو انهن شاعرن مان آهي جن جو نياپو انسانيت، انسان دوستي، امن، پيار، رواداري ۽ ڀائيچارو هو، پر اڄ سنڌ جنهن دور مان لنگهي رهي آهي اتي ائين ٿو لڳي ته سنڌ اسان جي صوفين ۽ اسان جي بزرگن جو نياپو وساري ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ هينئر نه پيار آهي، نه امن آهي، نه ڀائيچارو آهي ۽ نه ئي رواداري آهي! ته هن وقت اسان کي سوچڻ گهرجي ته آخر هنن صوفين ۽ بزرگن جي سرزمين تي رتوڇاڻ، مارامار، افراتفري ۽ بدامني جا ڪارڻ ڪهڙا آهن ۽ اسان جا اهي حضرات جيڪي ڪرسين تي ويٺا آهن، اهي انهن سڀني مسئلن جو ڪهڙو حل ٿا ڪڍن، جو ته اهي مسئلا حل ڪرڻ نه منهنجي وس ۾ آهن، نه توهان جي وس ۾. جيڪڏهن هنن جي وس ۾ ناهي ته اسان کي اهي ماڻهو ٻڌائين جنهن سان وڃي اسان رجوع ڪريون، ۽ اسان جا جيڪي حضرات حڪومت ۾ آهن اهي ان کي ختم ڪرڻ ۾ جو ناڪام ويا آهن ۽ جيڪڏهن ناڪام نه ويا آهن ته ڪامياب ڪڏهن ٿيندا؟ ان کي گهڻو عرصو لڳندو! اهو اسان کي ٻڌائين. ان کان سواءِ تنوير عباسي سچل سائين جي شهر کي خوبصورت بڻائڻ واري اسڪيم متعلق يادگيري ڪرائي ۽ سچل سائين جي مقبري جي مرمت ڪرائڻ جي پڻ گهر ڪئي. محفل جي مکيه مهمان منظور حسين وساڻ پنهنجي تقرير ۾ چيو ته: مان اڳ به سچل جي پانڌيئڙي جي حيثيت ۾ هنن رسمن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ايندو هوس ۽ اڄ به سچل جي پانڌيئڙي جي حيثيت ۾ حاضر ٿيو آهيان. سچل سائين وڏو ۽ عظيم شاعر هو. سندس دور ۾ ڪنهن به قوميت يا لسانيت واري ڳالهه نه هئي، سچل سائين پنهنجي نياپي وسيلي ميٺ محبت ۽ امن وارو نياپو پکيڙيو، پر اڄ سچل سرمست جي سنڌ تي دهشتگردن جا نمارا آهن، جنهن مان سنڌ جو هر پُرامن ماڻهو بيزار آهي. اڄ اسان کي عهد ڪرڻ گهرجي ته سنڌ کي رتوڇاڻ واري صورتحال کان بچائڻ لاءِ گڏيل جدوجهد ڪجي، جنهن ۾ اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جي سهڪار جي سخت ضرورت آهي.



سچل ادبي ڪانفرنس - خيرپور ميرس

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، وفاقي وزير سيد پرويز علي شاهه جيلاني، تنوير عباسي، حميد سنڌي، آغا سليم، ڊاڪٽر نواز علي شوق، شمشير الحيدري، عنايت بلوچ، فتاح ملڪ ۽ غلام محمد لاکو



حبيب الله صديقي، نصرت حسين ابڙو، فقير محمد لاشاري، هدايت بلوچ، ذوالفقار سيال، مقصود گل، محمد علي حداد، اياز گل، ادل سومرو، مختيار ملڪ، مونس اياز، نفيس احمد "ناشاد"، سرڪش سنڌي ۽ قربان منگي

هي زمانو راس ڪيئن ايندو اسان کي اي "بدر"
بدلي نيڪين جي ٿا هت سَهڻا ڪئي مهڻا پون



**بدر قريشي**

جنم
١٢- اپريل ١٩٣١ع

وفات
٣٠- جنوري ١٩٩٠ع

پيارا طارق

زندگيءَ جي وهڪري ۾ وري
هلڪا ٿيڻ جي مبارڪ قبول ڪر
تنهنجي لنڊن کان موٽڻ ۽ ڪامياب
آپريشن جي خبر ٻڌي هئم
پرچا وڃي توکي توانو ڏسي
دل کي ڏاڍي خوشي ٿي -
توکي ۽ ڀاڄائي رهيل ٻارن کي
عيد مبارڪ سان صحت
مبارڪ -

فقط تنهنجو
بدر قريشي
15-A, Block-6. P.E.C.H.S.

بدر قريشي جا هٿ اکر (طارق عالم ذي خط)

انجمن جي رونقن کي اي "نديم"
تا ڏيـن ٻـوي ختن تنهنجا سخن!



**ولي محمد "نديم" انصاري**

جنم
٨- ڊسمبر ١٩٢٧ع

وفات
٧- فيبروري ١٩٩٠ع

Ref. ____________                                                Date 28 . 9 . 88

محترم ڀاءُ نفيس احمد ناشاد صاحب

السلام عليڪم - اميد ته هر طرح خوش هوندا -

اوهان جو ڪتاب "وقت جي دفتر" جي عنوان سان پيش خدمت آهي - اميد ته هن کي ماهوار مهراڻ ۾ جڳهه ڏيندا -

اسان لائق ڪا ڪار خدمت هجي ته حاضر آهيون -

والسلام

اوهان جو ڀاءُ

نديم انصاري -

P.O هنڱوري ضلع خيرپور ميرس

جناب ولي محمد نديم انصاري جا هٿ اکر

## ولي محمد ”نذير“ انصاري

سائين نذير انصاري صاحب جو مون سان تعارف هڪ ”استاد“ جي حيثيت سان ٿيو. سندن شخصيت ۾ حلم، انڪساري، ڳالهه ٻولهه ۾ توازن، گفتگو شائستہ، انهن سڀني وصفن مون کي انصاريءَ صاحب جو گرويده ڪيو. عمر ۾ مون کان بيشڪ ڪجهه وڏو هو، پر هميشه مون کي تعظيم ڏيندو هو. آءٌ سندس شعر ۽ شاعريءَ سان گڏ سندس علم ادب جي ڄاڻ جو به مداح رهيو آهيان. سندس ريڊيو تي جيڪي مقالا، مضمون يا بحث ٿيندا هئا، عموماً انهن تي بحث ٿيندو رهندو هو، ۽ انهن مان جيڪي نڪتا نڪرندا هئا، سي هميشه منهنجي علم ۾ اضافو آڻيندا هئا.

سندس ناگهاني موت جنهن کي مان شهادت چوندس، سندس خاندان لاءِ ته هڪ وڏو صدمو آهي، پر اسان دوستن کي شايد باقي زندگيءَ ۾ ڪو وري ٻيو نذير انصاري ملي سگهي.

- مولا بخش لاڙڪ



# پڙھندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” أداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙھندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنھنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي أداس، لُڙھندَڙ، ڪَڙھندڙ، ڪُڙھندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙھندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگھجي ٿو، پَر اسان اِنھن سڀني وِچان ”پڙھندڙ“ نسل جا ڳولائو آھيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنیٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙھندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجھَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙھندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. أنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجھندڙ نہ آهي. جيڪڏھن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ أهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏھن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ أهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. أهي ساڳئي ئي وقت أداس ۽ پڙھندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصِي ۽ ٽالي لڳَل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم أجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي أصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَن سان أن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَـنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ ڪي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني ڪي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ڳوڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)